

ھمہ اوست
ناول
آغا سلیم

همہ اوست

ناول

آغا سليم

ڪمپوزنگ : شاهنواز سومرو

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سچڻو سلام ....

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر **اٺاسي (88)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”هم اوست“** نامياري ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار **آغا سليم** جو مشهور ناول آهي. هي ناول 1985ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو هو.

اسين ٿورائتا آهيون محترم شاهنواز سومري صاحب جا جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۽ فيسبوڪ جي آنلائين ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com



آغا سليم جو نئون ناول ’همہ اوست‘
اوهانجي آڏو آهي. هن ناول کان اڳ سندس ٻہ ڪتاب ’اونداهي ڌرتي روشن هٿ‘ ۽ ’ڌرتي روشن آهي‘ ڇپائي شايع ڪرڻ جو شرف بہ نيو فيلڊس کي حاصل رهيو آهي. انشاالله جلدي سندس ڪجهہ ٻيا ڪتاب بہ شايع ڪبا. اسان کي پوري اميد آهي تہ ’همہ اوست‘ ناول سندس گذريل ٻن ڪتابن کان بہ وڌيڪ مقبوليت حاصل ڪندو.

ادارو

ليکک جا شايع ٿيل ڪتاب

اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)

ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)

ليکک جا ايندڙ ڪتاب

ٻہ ننڍيا ناول

چنڊ جا تمنائي

شاعري جو مجموعو

شام لٿي ۽ نيڻ نهار تائين پکڙيل ٻيلو شفق جي رنگن ۾ جرڪڻ لڳو.

ٻيلي جي پاسي کان وهندڙ سنڌوءَ جي ميرانجهي پاڻيءَ ۾ شفق رنگ پئجي ويا.

هوا جو تيز جهوٽو لڳو ۽ ڪپر سان ٻينل ٻيڙن جا اڇا اڇا سڙه شفق جي ڳاڙهاڻ ۾ ڦڙڪڻ لڳا.

آسمان ۾ ڪَنگن جي قطار لنگهي.

ابابيل اُڏاٽا ۽ ڪا ولر کان وڇڙيل ڪُونج ڪرڪي.

وچ سِير ۾ ترندڙ ٻيڙيءَ ۾ ڪنهن راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ سندس ڏکويل آواز زخمي ڪونج وانگر ڦتڪڻ لڳو.

آهستي آهستي رات پنهنجا پلوَ پکيڙيا ۽ ٻيلي سان لڳ وارياسي ميدان ۾ مچ، مشعلون ۽ فانوس ٻَري پيا.

اڄ سجاول خان سمي، ٺٽي جي مغل نواب سيد لطف عليءَ کي پنهنجي شڪارگاهه ۾ شڪار لاءِ سڏايو هو ۽ درياهه جي ڪپر کان پرڀرو، ٻيلي سان لڳ، وارياسي ميدان ۾ جڻ ته شهر ٻَڌجي ويو هو. مَنهه، چناه، تنبو. جهُلن وارا ڀتارا ڏاند، سنجيل اُٺ ۽ گهوڙا، ڏڳي ڳاڏيون ۽ چڪڙا، اڄ وچ ۾ چوٻول. ديڳيون ٿي دميون ۽ هرڻن جون سجيون ٿي تيار ٿيون. رکي رکي ٻيلي ۾ واءُ گهوگهٽ ٿي ڪيا، گدڙ اونائڻ ٿي لڳا ته زنجيرن سان ٻڌل شڪاري ڪتن ٻيلي ڏانهن رومڙ ٿي ڪئي ۽ پوءِ بي وس ٿي ڀؤنڪڻ ٿي لڳا. گهوڙن ٺاهه ڪائي، نرا ڪٽي هٽڪار ٿي ڪئي.

منهن، چنن ۽ تنبن کان پرڀرو، درياهه طرف، نواب جو ڪاري رنگ جو ريشمي تنبو لڳل هو. تنبوءَ جي چٽني ڪُندن تي مشعلون ٿي ٻريون ۽

زرهہ بڪتر سپاهين پالا جهلي، پهرو تي ڏنو. مشعلن جي اُهاءَ ۾ پهريدارن جي زرهن ۽ پالن چمڪات تي ڪيا.

نواب جي تنبوءَ ڪان ٿورو پريرو سجاول خان سمي، سندس پُٽ علي خان ۽ پائٽي سارنگ خان جا تنبو لڳل هئا.

نواب سارو ڏينهن ٻيلي ۾ هرڻن، ڦاڙهن، سوئرن ۽ تترن جو شڪار ڪيو هو. شام جو وچ ميدان ۾ سوئر ۽ رڇ ڪتن جي ويڙهہ ڏني هئائين ۽ ملهن جي ميل ۾ مَلهن کي انعام ڏنا هئائين. هاڻي ٻيلي ۾ شام لٿي هئي ۽ رات جي مانيءَ جي رڌ پچاءَ جون تياريون شروع ٿي ويون هيون.

چنڊ چڙهيو تہ درياهہ ۾ چانڊاڻ وهڻ لڳي. ٿوريءَ دير اڳ اونده ۾ ويڙهيل ٻيلي تي چانڊاڻ وچائجي وئي ۽ شاهي ٻيڙن جا اڇا اڇا سڙهہ چانڊاڻ ۾ جرڪڻ لڳا. تنبوءَ جو ريشمي پردو هٽيو ۽ چوڏهينءَ جي چنڊ اندر ليئو پاتو. ڦوٽهڙي جي واءُ جا جهوٽا اندڙ گهڙي آيا. واءُ ۾ ڦوٽهڙي جي هٻڪار هئي جيئن ڪنهن ڪنواري بدن ۾ ڦٽندڙ جوانيءَ جي هٻڪار! نواب اونهون ساهہ ڪنيو ۽ اندر ڦوٽهڙي جي اڻ لکي هٻڪار سان هٻڪارجي ويو. هو پريان ٻيڙن جي سڙهن ۾ اٽڪيل چنڊ ڏانهن نهارڻ لڳو. چنڊ هن کي هميشه ڪنهن اڻ ڏٺي پرينءَ جا پار ڏيندو هو. اهڙو غم ۽ اهڙي اداسي ڏيندو هو جنهن جو ڪو سبب نہ هو. دل چڻ سنگ مرمر جي اهڙي ويران مسيت جنهن ۾ نہ قرآتون نہ آيتون ۽ نہ ڪڏهن ڪنهن سجدو ڪيو هجي ۽ جنهن جي گنبذن ۽ مُنارن تي چنڊ چمڪندو هجي.

نواب لطف عليءَ چنڊ کي تاج محل تي چمڪندو ڏٺو هو. شاهي مسجد تي مُنارن تي چمڪندو ڏٺو هو. گنگا جي پاڻيءَ ۾ تاج محل جي اولڙي سان ڪيڏندو ڏٺو هو. پر سنڌ جي چنڊ ۾ عجيب اداسي ۽ سونهن هئي. چنڊ کي مڪليءَ جي مقبرن تي چمڪندو، سنڌوءَ جي سِير

۾ لهرن ۾ لڙهندو ۽ ڪينجهر ۾ جام تماچيءَ جي ٻوڏيءَ وانگر ترندو ڏسي هن جي دل الائجي ڇو اُداس ٿي ويندي هئي. هينئر ڦوٽهڙي جي چنڊ کي ليئو پائيندو ڏسي هن جي دل اُداس ٿي وئي. هن ڳيت ڏيئي جام خالي ڪيو ۽ مسند جي پير ۾ ويٺل ڪنيز ڏانهن نهاريو. ڪنيز جو چهرو چنڊ وانگر ٿي ٻريو. هن کي سنهڙو ريشمي لباس پاتل هو جنهن مان سندس بدن جي چانڊاڻ جهلڪا ٿي ڏنا. نواب کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي ڪنيز بند مکڙيءَ وانگر ڪڙي پئي. نواب جون نظرون ڪنيز جي زلفن سان وچڙنديون، ڳلن کي ڇهنديون، خمدار ڳڇيءَ تان ترڪنديون، سندس ريشمي چوليءَ مان ڪَني ڪيندڙ چَنڊن تي کُپي ويون. ڪنيز يڪدم رسيل ميوي سان جهنجهيل ٽاريءَ وانگر جهڪي آئي ۽ نواب جو خالي جام پرڻ لڳي. نواب اونهون ساهه کنيو. ڪنيز جي زلفن مان مُشڪ، لڱن مان صندل ۽ هٿن مان حِنا جي خوشبوءِ ٿي آئي. پر هن جي پنهنجي خوشبوءِ ڪٿي هئي. انسان ۾ پنهنجي بہ تہ هُبڪار ٿيندي آهي، پنهنجي سِياءَ جي سڳنڌ هوندي آهي. اهو اڻ ڏٺو پرين ڪٿي آهي جنهن جي بدن ۾ انبن جي ٻُور جي ڪنڙي ڪنڙي خوشبوءِ هئي ۽ جنهن جا پار چنڊ ڏيندو هو.

نواب ڪنيز تان نظرون هٽائي، مسند جي پير ۾، بخمل جي قالين تي، ريشمي طول وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي ويٺل ميزبانن ڏانهن نهاريو. مسند جي ساڄي پاسي سجاول خان سمون ويٺو هو. قداور مڙس، منهن تي مڙساٽي ڏيا ۽ نهنائي. اڇي ڏاڙهي، اڇي پڳ ۽ اڇو سوٽي وڳو. نواب هميشه ماٺهوءَ کي هن جي اکين مان پرکيندو هو جو اکيون انسان جي روح جا روشندان هونديون آهن. سجاول خان جون اکيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون. سندس اکين کي ڏسي اهڙي ڍَنڍ تي ياد پئي جنهن تي ڪائي جمي ويئي هجي.

ڪنهن زماني ۾ ان ڍَنڍ جو پاڻي بہ نيرو ۽ اجرو هوندو. ان ۾ بہ ڪنول کِڙيا هوندا ۽ چنڊ لهرن ۾ لڏيو هوندو، لهرن آسمان ۾ چمڪندڙ

چندڊ ڏانهن اُلرون ڏنيون هونديون ۽ ڪنارن ڪان اُتلون ڪائي جهنگ ٻر ٻہ ٻوڙيا هوندا. پر هاڻي تہ ڪنڌيءَ جا ڪانهن تي سُڪا ۽ هر طرف چپ چپات هئي.

نواب جي ڪاٻي پاسي سجاول خان جو پٽ علي خان وينو هو. سهڻو، شهزادو، بهادر، خوش لباس، خوش گفتار ۽ خوش اخلاق. سندس ڳالهائڻ ٻولائڻ، اٿڻ ويهڻ صفا سجاول خان جهڙو هو. عليءَ کي ڏسي سجاول خان جي جواني تي ياد پئي. عليءَ جون اکيون بہ پيءُ جي اکين جهڙيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون جن ۾ عجيب اطمينان هو. هن جي اکين کي دولت، شهرت يا اعليٰ رتبي جي ڪا بُک ڪانہ هئي. علي نواب جو منصبدار هو ۽ نواب هن جي ڪارڪردگيءَ ڪان خوش هو. پر جي هو نواب جو منصبدار نہ بہ هجي ها تہ بہ هن جي اکين ۾ اهڙوئي اطمينان هجي ها. هن جي اکين ۾ اطمينان سان گڏ عجب لذت پرستي هئي جڻ هن زندگيءَ مان سيني لذتن کي نيپوڙڻ تي گهريو. هينئر بہ هن رکي رکي ائين تي ڪنيز ڏانهن نهاريو جو سندس نگاهن ڪنيز جي سَنڌ سَنڌ کي ليمي وانگر تي نيپوڙيو.

عليءَ سان گڏ هن جو سوٽ سارنگ وينو هو. ڊگهو قد، سنهي چيلهہ، پريل پنا، ڪٽڪائون رنگ، هلڪي ڪاري ڏاڙهي جيڪا سندس منهن تي ڏاڍي تي سونهين. هن جون اکيون وڏيون ۽ عقابي هيون جن ۾ عجيب بي چيني هئي. هن جي اکين کي ڏسي ائين تي لڳو جڻ بہ عقاب شڪار لاءِ چپ هٽي هٽي وينا آهن ۽ وارو ملڻ سان پڙڪو ڏيئي شڪار کي چنبن ۾ پڪوڙي چيري ڦاڙي ڇڏيندا. هن جي اکين ۾ شهرت، جاه پرستي ۽ عظيم ڪارناما انجام ڏيڻ جا عزم هئا. سارنگ کي منصبداري ڏيارڻ لاءِ سجاول خان نواب کي شڪار لاءِ سڏايو هو. نواب سارنگ کي ڏسڻ سان اندازو لڳايو تہ سارنگ جهڙو اقتدار پرست ماڻهو هن لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيندو.

نواب جي سامهون، چنڊ کي پُني ڏيئي چارٽن جا ٻہ ٽولا وينا هئا. سيني کي ڪاريون پڳون ۽ اڇا وڳا پاتل هئا. سيني کي ڪاريون ڀنييون ڏاڙهيون، رڳو سندن اڳواڻ سانوڻ چارڻ جي ڏاڙهي اڌ اڇي ۽ اڌ ڪاري هئي. سانوڻ جي اکين ۾ نهارڻ سان لڳو ٿي ڄڻ انهن اکين جي هن پار اهو ميدان هو جت دودي ۽ الادين جي جنگ لڳي هئي.
هوا جو جهوٽو لڳو. واءُ وٽن ۾ واڪا ڪيا، واءُ جي جهوٽي سان فانوسن جي وٽ ٿيڙ کاڌا، دهل تي ڏڪ لڳو ۽ چارٽن ڳالهہ شروع ڪئي.

لک لڙيا لکنوءَ کان، لک اُلٽيا اوهيئڙا
پورب جيئن پلٽي پيا، جئن واڪا ڪري واءُ
الادين بہ آئيو، جت آلا ڪاٺ ٻرن
پوربي ۽ پڇمي، جتي ڪوهستاني بہ ڪڏن
ايران ۽ توران جا، ڪنا خوب ڪڙن
ڪڪا، ڪارا، ڪابلي، انت نہ اُمرائن
نوَ لک، ڏه چليون، اچي سنڌ وڪوڙي تن.

ڌُهل جو ڌڌڪو بند ٿيو. سانوڻ چارڻ واتين ويٽين ڳالهہ شروع ڪئي. سندس گجندڙ آواز سانت جي سيني ۾ پڙاڏجڻ لڳو.
ننگرپار سڏايا
يارن جا نمونا هوندا آهن
هڪڙا جاني يار
ٻيا وري ائين سنگت ۾ ٺلها يار هوندا آهن
ننگر اٿيو
تراڙ ڪٽي، ليڪو ڪڍي، تراڙ اڇلايائين
”ادا، هيءَ تراڙ آهي ننگ جي
هتي شهپر ڪير ۾ ٻوڙيو

سپاٽي جنگ جي ميدان ۾ رت ۾ رڱبا
زور نہ آهي
جيڪو رضا خوشيءَ سان اچي.“
۽ پوءِ جيڪي جاني يار هئا سي ٽپي پيا
ننگر پهلوان يار وني خوشيءَ وچان چاچي ڏي روانو ٿيو
ننگر چاچي کي پارت ڪئي
ننگر پارت ڪري جيجل ماءُ جي
فقير بيت جو بيان ڪري ٿو
هي بيت شاعر ماڻهوءَ جي ڄمڻ جو ناهيو آهي

صاحب لاوي ساوٽي، درس چڙهي درياه
ٻيلا ٻڏن ٻوڏ ۾، واهڙ وهي واه
ساري حضرت شاه کي، هاري چڙهن نار
ٻج چٽي ٻنيءَ ۾، ڪري اله توهار
سلا نپائجن ننيڙا، هڙيان هکلن جهار
ڪڏهين چونڪ ڍوڍي گل قاڙيا، سنگ نڪري ٿيا نروار
اچي پيڙن ڳاهُ فراق جو، ٿيا ڪٽا ڪٽي ڪان ڏار
ڪونڌر هي ڪُسندو وجي، تنهن الادين اڳيان
تنهنجي جيجل جوڳياٽي ٿيندي، جنهن جو پُٽ نہ ڪو ياءُ

چنڊ کي اوچتو ڪاري ڪڪري ويڙهي ويئي، سنڌوءَ ۾ ڪنهن ڪڙڪا ڪيا. ٻيلي ۾ واءُ جا گهوگهٽ، چارٽن جو گجندڙ آواز.

وڙهيا ڪتارين، ڪاتئين. ٻڙچيون پال هٽن
مَردن متان رُڪ جون تاوَ تراڙيون ڪن
مَرُ سي مائن جائيا، جي اورانگهيو بہ اچن

ڏڙ تنهين جا ڏوڙ ۾، سڀ للهنگ تا ليٽن
عضوا امرائن جا، لوھوءَ منجھ لڙهن
هڻ وٺ وائي وات ۾، ٻولي ٻي نہ ڪن
ننگر سنديءَ جنگ ڪان ٿا توبه توبہ ڪن.

دهل جو ڌمچر. چارٽن جو عرش جي ڪونگرن کي ڪيريندڙ آواز، واءُ جا گهوگهٽ، فانوسن جي ڏڪندڙ وٽ، چارٽن جون ڏڪندڙ ڪاريون ڇنڀيون ڏاڙهيون، چمڪندڙ تارا ۽ منهن تي سندن اُڏمن جو اُهاءُ.....! نواب کي ائين لڳو ڄڻ هو جنگ جي ميدان ۾ بيٺو آهي. چوڌاري تراڙن جا تاؤ، ڀالن جا ڀيڪا، ڪونتر ڀيا ڪُڏن، ڪنڌ ڀيا ڪرن، للهنگ ڀيا ليٽن، رت جا ريلا، دانهون ڪوڪون...... ساري سنڌ جنگ جو ميدان هئي. هر طرف راتاها، جنگيون، بغاوتون ۽ ماڻهن جو ڪوس! نواب لطف علي شاعر هو. هن جي دل ڪنهن سهڻي صورت کي ڏسي چنڊ ڏانهن اُلرون ڏيندڙ چڪور وانگر اُلرون ڏيندي هئي. هن بہ راتين جو چنڊ سان رهاڻيون ڪيون هيون ۽ چنڊ ڪان پنهنجي اڻ ڏٺي پرينءَ جا پار پتا پڇيا هئا. ڪنيز جي چوليءَ مان چنڊن کي ڪَني ڪيندو ڏسي هن کي پنهنجو پرين ياد پيو هو جنهن پرينءَ جا پڙلاءَ هن حافظ جي شاعريءَ ۾ ٻڌا هئا. دنيا ۾ انسانن جا رنگ روپ جدا آهن پر ڏک سُک ساڳيا آهن. پوءِ هي رتوڇاڻ ۽ انساني ڪوس ڇالاءِ؟ رڳو ڪنهن هڪڙي انسان جي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ. اميرن امرائن، سردارن، نوابن ۽ جاگيردارن جي رتبن کي دوام بخشڻ لاءِ. سنڌ تہ آهي ئي بيداد نگري. پراوا حاڪم، پرايون عدالتون، پرائي فوج. رڳو ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ. جيترو لٽجي اوترو ٿورو. هر شيءِ تي ڳاٽي ڀڳا محصول. هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ ۾ وڃڻ لاءِ راهداري ۽ محصول. ٻنيءَ مان اَن لهي نہ لهي پر سڄي زمين تي ڍل. هڪڙي ڍل وري داٽي بندي جيڪا حاڪمن ۽ جاگيردارن خرارن جي حساب سان ٿي ورتي. جدا جدا پرڳڻا جاگيردارن کي نيڪي تي ڏنل هئا

جن پنهنجي مرضيءَ سان ماڻهن تي ڊل تي مڙهي. ماڻهو بيزار تي ڳوٺ ڇڏي جبلن ۽ جهنگن ۾ هليا تي ويا ۽ اتان شاهي فوجن ۽ جاگيردارن تي حملا تي ڪيائون. هڪ بغاوت اقتدار لاءِ هوندي آهي ۽ ٻي بغاوت ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف احتجاج هوندي آهي. سنڌين جون بغاوتون ظلم جي خلاف احتجاج هيون. سرڪار انهن بغاوتن کي ختم ڪرڻ لاءِ هرطرف ڪوس لائي ڏنو هو. نواب سيد بايزيد جي ايام ڪاريءَ ۾، دربيلي پرڳڻي ۾ راڃپرن، ٻهڻن ۽ سميجن بغاوتون ڪيون. مغل فوج ساڻن پڄي نہ سگهي تہ عيد جي ڏينهن جڏهين سيني عيدگاه ۾ نماز تي پڙهي تڏهين مغل فوج ”ڪافرن“ کي عيدگاه ۾ نماز پڙهندي ڪُٺو. هرطرف ظلم هو، ڏاڍ هو ۽ انياءُ هو. ظلم جڏهين حد کي رسندو آهي تڏهين ڪو مسيحا پيدا ٿيندو آهي. شاهہ عنايت سنڌ جو مسيحا هو جنهن چيو هو تہ زمين الله جي آهي ۽ اَن اُن جو آهي جيڪو اُپائي ٿو. پر مسيحا سوليءَ تي لٽڪندو آهي. شاهہ عنايت بہ سوليءَ تي لٽڪندو.

اچي پيٽن ڳاه فراق جو، ٿيا ڪٺا ڪٺي ڪان ڏار،
ڪونڌر هي ڪُسندو وڃي، تنهن الادين اڳيان.

نواب هٿ جو اشارو ڪيو. دهل يڪدم بند تي ويو. چارڻن جو آواز سندن نڙيءَ ۾ گهُٽجي ويو ۽ تنبوءَ ۾ سانت ڇانئجي وئي. نواب اشرفين جي ڳوٿري ساوڻ ڏانهن اڇلائي. ساوڻ ڳوٿري ڪٽي چمي اکين سان لاتي ۽ هٿ ٻڌي چيائين:

”سائين جيئدان ملي تہ هڪڙو عرض ڪيان.“

”چئہ....“

”سائين اسان جو رواج آهي تہ اسين دودي شهيد جي ڳالهہ جي بخشش نہ وٺندا آهيون. اهو ڏينهن اسان لاءِ ماتم جو هوندو آهي ۽ اسين ڪاريون پڳون پائي دودي شهيد جي ڳالهہ ڪٿندا آهيون.“

”اسان توکي دودي جي ڳالھ ٻڌائڻ کري نہ پر ھونئن ئي بخشش ڏني آھي.“

ساوڻ سجاول خان ڏانھن نھاريو. سجاول خان ھن کي اشارو ڪيو. ساوڻ ڳوٿري قبول ڪئي. سڀ چارڻ اٿي بيٺا ۽ ھٿ ٻڌي، ڪنڌ نوائي، سلام ڪري، ھڪ ھڪ ٿي تنبوءَ کان ٻاھر ھليا ويا. تنبوءَ ۾ سانت ڇانئجي وئي. اوچتو سانت ۾ پازيب ڇمڪيا ۽ عنايتي لنگھياٽي اندر آئي. ھن ھٿ ٻڌي نواب کي سلام ڪيو ۽ قالين تي ويھي رھي. عنايتيءَ جو رنگ ڪٽڪائون ۽ بدن ماسيرو ھو. سندس بدن کي ڏسي سارين جي اھڙي پڪل پوک ٿي ياد پئي جنھن ۾ اجا لابارو نہ پيو ھجي. عنايتيءَ ھلڪي کنگھڪار ڪري نڙي صاف ڪئي. سازن ساہ کنيا ۽ عنايتيءَ بيت ڏنا.

سَر نِسريا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين
مون تو ڪارڻ ڪانڌَ! سھسين سُڪائون ڪيون
سَر لوھيڙا ڳِپيا، ’ڪسر نِسريا
تو ڪئن وسريا، ڍوليا! ڏينھن اچڻ جا.

بيت ٻڌي سيني جي دلين ۾ اُتر واءُ گھُليو ۽ درد جا سَر نِسريا. عنايتيءَ ڪافي شروع ڪئي:

آيل، ڪريان ڪيئن، منھنجو نيھن آپليو نہ رھي
اُڏوھيءَ جيئن ڏڪڙا، ڇڙھيا چوٽيءَ سينءَ
گوندر مٿان جنڊڙي، دريا دلين جيئن
منھنجو نيھن آپليو نہ رھي.

ڪافي پوري ٿي ته سيني جي دلين کي گوندر جون وليون وڪوڙي ويون ۽ ڏکڙا چوٽيءَ تائين چڙهي ويا. نواب هيري جي منڊي لاهي عنايتيءَ کي ڏني ۽ عليءَ کان پڇيائين:

”هي ڪنهنجو ڪلام آهي؟“

”سائين هڪڙي سيدزادي جو ڪلام آهي. چون ٿا ته ويراڳي آهي. جوڳين سامين سان جبل جهاڳيندو ٿو وتي. مخدوم معين وٽ ٺٽي ۾ ايندو آهي.“

”سيدزادي جي شاعريءَ ۾ ڪيڏو نه درد آهي.“

”سائين هڪڙي مغل شهزاديءَ جي عشق ۾ شاعر ٿيو آهي. چون ٿا ته مغل زاديءَ جي چيچ ڏسي مٿس عاشق پيو ۽ سندس چيچ جهلي چيائين ته جنهن جي چيچ سيد جي هٿ ۾ تنهن کي لهر نه لوڏو.“

نواب سوچيو ته اهي ٻه ڪهڙا نه خوش نصيب انسان آهن جيڪي چيچ ڏسي پرينءَ کي سڃاڻي ٿا وٺن. مان ته سهڻن سهڻن چهرن جي جهنگ ۾ ان چهري کي ڳوليندو ٿو وتان جنهن جا پار چوڏهينءَ جو چنڊ ڏيندو آهي. سجاول خان عنايتيءَ کي اشارو ڪيو. عنايتي ٻاهر هلي وئي. نواب تي اڃان سيدزادي جي ڪلام جا خمار هئا.

”اسان وڏن وڏن ڳائڻن کان شاعرن جو ڪلام ٻڌو آهي. پر سيدزادي جي ڪلام جو انداز ئي نرالو آهي. سندس ڪلام ۾ سنڌ جي ساري سونهن ۽ سارا سور ٿا جهلڪن. اسين سيدزادي سان ملڻ ٿا گهرون.“

”اوهان جو حڪم اکين تي پر سائين چون ٿا ته خاڪ نشين گدڙي پوش آهي ۽ ٺٽي جي مخدوم معين کان سواءِ ڪنهن سان نه ملندو آهي.“

”درويشيءَ تان ڳالهه ياد پئي. درويش شاه عنايت جو ڇا معاملو آهي؟“

”شاه عنايت صوفي درويش آهي. درگاه جي خرچ پکي لاءِ سرڪار جيڪي زمينون ڪيس عنايت ڪيون آهن سي ٻنا ٻٽئيءَ جي

هارين کي ٿو ڏئي. تر جا هاري زميندارن کي ڇڏي شاه عنايت جون زمينون ٽا کيڙن ۽ زميندارن کي هاري ٽتا ملن، ان کري بلڙيءَ جا سيد ۽ پليجا زميندار دانهين ٿيا آهن.“

”اسان ٻڌو آهي تہ شاه عنايت جي تحريڪ سياسي تحريڪ آهي. سارنگ! تنهنجو ڇا خيال آهي؟“

”سرڪار مان شاه عنايت جي باري ۾ ڪجهہ چئي نٿو سگهان پر اها حقيقت آهي تہ هر سياسي تحريڪ مذهب جي مورچي ۾ ويهي هلائي ويندي آهي. مختار ثقفيءَ جي تحريڪ، مهدوي تحريڪون، سکن جي تحريڪ ۽ اتر سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي درويشيءَ واري تحريڪ، اهي سڀ تحريڪون اقتدار حاصل ڪرڻ جون سياسي تحريڪون هيون جن تي مذهبي رنگ چڙهيل هو. منهنجي خيال ۾ اهڙي قسم جي ڪنهن بہ تحريڪ کي وڌڻ کان اڳ ختم ڪرڻ گهرجي.“

”ان معاملي ۾ دين ڇا ٿو چئي؟“

”دين سياست جي تابع آهي. امام حسينؓ سياست کي دين جي تابع ڪرڻ تي گهريو ان ڪري شهيد ٿيو. نبي پنهنجي دور جي، غلط بنيادن تي قائم ٿيل معاشري جا بنياد ڪيڏي، ان کي ڍاهي ان مان هڪ ڏوتل پوتل معاشرو ناهيندو آهي. پر هر شيءِ پنهنجي ابتڙ شيءِ جي وجود سان قائم آهي. نبيءَ جي قائم ڪيل معاشري ۽ انجي ابتڙ معاشري ۾ رڳو تر جيترو وٿي هوندي آهي ۽ ڪو يزيد ان تر جيتري وٿيءَ کي ختم ڪري، ملڪيت ۽ ملوڪيت وارو معاشرو قائم ڪندو آهي. امام حسينؓ کان وٺي شاه عنايت تائين جيڪي بہ يزيد جي ملڪيت ۽ ملوڪيت واري معاشري سان ٽڪرايا آهن سي ختم ٿيندا آيا آهن. اسانجو معاشرو نبي صلعم جي قائم ڪيل معاشري جي ابتڙ ملڪيت ۽ ملوڪيت وارو معاشرو آهي ۽ جيڪڏهن شاه عنايت جي تحريڪ امام حسينؓ جي تحريڪ آهي تہ پوءِ اسان کي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ اسان جو ملڪيت ۽ ملوڪيت وارو معاشرو قائم رهي يا شاه عنايت صوفي.“

شاه عنايت جو نالو ٻڌي نواب جي اکين آڏو صوفين ۽ درويشن جا ٽولا اچي ويا جن سنڌ کان بنگال تائين خانقاهون ۽ مَٺ قائم ڪيا. انهن خاڪ نشين گدڙي پوش صوفين مراقبي مان منهن مٿي ڪري **”هم اوست“** جو نعرو ٿي هنيو تہ ڪائنات ڪنبي ٿي ويئي ۽ سڀ هيناهيون مٿاهيون هڪ ٿي ٿي ويون، جن سماع ۾ آهستہ خرام رقص ڪندي قدم ٿي کنيون تہ سندن قدم آسمان تي ٿي پيو. سڀ عربي ۽ فارسي دان هئا پر سيني مقامي زبان ۾ مقامي محاوري ۾ انساني هڪ جهڙائي ۽ يائپيءَ جو پرچار ڪيو ۽ برهڻ ٻڇي الله سان عشق ڪيائون. ڪاجي محمود درياٽي، ڪاجي ڪاجن، حجرت نجام الدين اوليا، بوعلي قلندر، بهاؤالدين باجن.

ڪاجي محمود، ڪاجل ڏالون ڪرڪرا، سرمہ سهيونہ جاءِ
جن نينن ۾ پيي بسي، دوجا اور نہ سمائي.

بوعلي قلندر: سجن سڪيري جائينگي، نين مرينگي روءِ،
بدنا ايسي رين ڪرو، پور ڪدي نہ هوءِ.
بابا فريد شڪر گنج: ڪاگا سب تن کائيو، چن چن کائيو ماس،
اي دو نين نہ کائيو، پيا ملن کي آس.
امير خسرو: هي، اي مان! رنگ هي
ايسو پيو پايو نجام الدين اوليا
جگ جياريو، مين تو ايسو رنگ اور نہ ديکوري
ديس بديس مين تو ڍونڍ ڦري هون
تورا رنگ نهين پايو اي
نجام الدين اوليا.

امير کسرو تان پوري جون تارون ڇيڙي، تارن جي ارتعاش مان نڪرندڙ ”تنڪ“ جو آواز جيڪو پربنڌ جو چوٿون انگ، تن تنا جي

ورجاڻي ۾ اندروني طور برهما جو تصور هو، تنهن کي صوفين جي سماع لاءِ تلانہ جو روپ ڏنو.

يارِ من بيا بيا، در تنم تاديم
(منهنجا پرين اچ اچ، منهنجي تن ۾ اچ)
تانن، تاناديم، توم تا نانانا
(چاڪاڻ تہ مان تنهنجو آهيان)

بہ لبم رسيده جانم، تو بياڪ زنده هانم- پس ازان ڪ من نہ مانم، بہ چہ ڪار خواهي آمد.
(منهنجو ساه چپن تي اچي ويو، تون اچ تہ جيئرو ٿي پوان. جڏهن مان نہ هوندس تہ پوءِ تنهنجو اچڻ ڪهڙي ڪم جو)

ٿتي جي علي شيرازي ۽ شاه ڪريم بلڙيءَ واري جون سماع جو محفلون! هن سنڌ، گجرات ۽ مارواڙ ۾ سنت پنٿي اسماعيلي ڏنا جن جي رهٽي ڪهٽي هندن جهڙي هئي ۽ گپتي ٿي سڏيا ويا ۽ جن ڳوٺ ڳوٺ وستيءَ وستيءَ ۾ الله جي هيڪڙائي ۽ عشق، ماڻهن جي هڪ جهڙائي ۽ ياٺپيءَ جا اسلامي پچن ٿي ڳايا ۽ ذات پات واري برهمڻ سماج جي ڌڪاريل انسانن جا ٽولا اچي ساڻن شامل ٿي ٿيا. هاڻي سنڌ جا، مغلن، جاگيردارن ۽ ڏاڍ جا ماريل، هاري ناري، ڪڙمي ڪاسبي ٽولن ۾ جهوڪ ڏانهن ٿي ويا جتي هنن جو مسيحا هو! ڪهڙي خبر تہ مان بہ تاريخ جي جبر جو شڪار ٿيان ۽ جهوڪ وارو مسيحا منهنجي هٿان مصلوب ٿئي. نواب ڪي پنهنجو پاڻ مان، پنهنجي مسند مان، بخمل جي لباس مان، هيرن جواهرن مان، صندل، حنا ۽ مشڪ جي خوشبوئن مان انساني رت جي بوءِ اچڻ لڳي. هن يڪدم جام چپن تي آندو ۽ ڳيت ڏيئي پي ويو. زبان چپن تي ڦيريندي هن سارنگ کان پڇيو.
”تنهنجو تصوف جي باري ۾ ڇا خيال آهي.“

سارنگ ٻہ جام خالي ڪيو ۽ چپ اگھندي چيائين.

”تصوف اسلام جي عجمي صورت آهي.“

”ڪيئن؟“

”بغداد ۾ جڏهن سنڌ جي پنڊتن ۽ اخوان الصفا عالمن هندوستان ۽ يونان جي ڏاهپ کي عربي زبان ۾ آندو تہ عربن جي ذهني دنيا ۾ انقلاب اچي ويو. عقل ۽ عقيدي ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي ۽ معتزلہ جو طبقو وجود ۾ آيو جنهن عقيدي کي عقل سان پرکڻ شروع ڪيو. معتزلہ چيو تہ خدا شڪل ۽ صورت کان پاڪ آهي ان ڪري اهو عقيدو صحيح نہ آهي تہ قيامت ۾ خدا جو ديدار ٿيندو. قيامت جي ڏينهن ڪو ڪنهنجي شفاعت نہ ڪندو ڇاڪاڻ تہ جيڪو خدا جي حڪمن جي پيجڪڙي ٿو ڪري تنهن کي ڪنهن جي شفاعت تي بخشي ڇڏڻ عدل ۽ انصاف جي خلاف آهي. ابليس نفس اماره ۽ ماڻهوءَ جي غضب ۽ شهوت جي قوت آهي. جبرائيل نبيءَ جي پنهنجي ئي جبرائيلي قوتن جو نالو آهي ۽ وحي نبي پنهنجي ذات مان ئي فيض حاصل ڪندو آهي. هر ظاهر پنهنجي باطن مان نڪري ٿو ۽ ظاهر باطن جو ظاهري روپ آهي. ظاهر تنزيل ۽ باطن تاويل آهي. اسماعيلي، قرامطي ۽ فاطمي باطنيہ هئا.“

سارنگ ٿوري دير لاءِ ماٺ ٿي ويو. هن غور سان نواب جي اکين ۾ نهاريو. نواب جي اکين ۾ اشتياق هو. هن ڳالھ جو سلسلو جاري رکندي چيو.

”اخوان الصفا اسڪندريہ جي يوناني ڏاهپ کي هڪڙي رسالي جي صورت ۾ آندو ۽ اها ڏاهپ، اهو نظريو اسلامي تصوف جو فيلسوفياڻو بنياد ٿيو. ان نظريي مطابق ذاتِ احد مان پهرين عقل نڪتو. عقل ڪل مان روح ڪل ۽ روح ڪل مان ٻيا روح نڪتا. روح جڏهين مادي ڏانهن جهڪيو تہ ادنيٰ ٿي پيو. ذات احد سج مثال آهي جنهن مان نُور جو نيڪاس ٿيندو ٿورهي. عقلِ ڪل، روح ڪل ۽ اعليٰ ۽ ادنيٰ روح، ذات احد مان ائين چلڪي نڪتا جيئن سج مان نُور چلڪي نڪرندو

آهي. مادو تاريڪ آهي جنهن تائين نُور جو شعاعون پڄي نہ سگهيون. پر مادو ڪائنات جي سيني شين جو بنياد آهي ۽ روح مادي کي جدا جدا شڪليون ۽ صورت ڏيندا آهن. روح مادي جي اونداهي جهان مان نڪري پنهنجي حقيقي محبوب ۽ اصل مصدر ڏانهن وڃڻ لاءِ بيتاب آهي. اهو عشق آهي.

ويدانتيءَ ذات احد کي ادويتا يعني جيڪو ٻہ نہ آهي سڏيو. ذات احد کي پرم ۽ برهم سڏيو. برهم مان ئي ڪائنات نڪتي. جيو آتما (انساني روح) پرم آتما (روح ڪل) کان جدا ٿي. جڏهن آتما تي مايا جي ڪثرت جو فريب ظاهر ٿيندو آهي تڏهين آتما، پرم آتما سان ملڻ لاءِ بيتاب ٿيندي آهي. جيو آتمان جو پرم آتما ۾ جذب ٿيڻ نروان ۽ مڪتي آهي. اسلامي تصوف جي ساري فيلسوفياڻي عمارت ان نظريي تي بيٺل آهي. ان ڪري تصوف کي مان اسلام جي عجمي صورت ٿو سڏيان چاڪاڻ جو اسلام وجود جي وحدت جو نہ پر وجود جي دوئيءَ جو قائل آهي.

سارنگ ماڻ تي پنهنجي گفتگوءَ جو ردعمل ڏسڻ لاءِ نواب جي اکين ۾ نهاريو. هن جي ڳالهہ ٻڌي نواب مُرڪڻ لڳو.

”اسلام جو بنيادي عقيدو وحدانيت آهي ۽ تون دوئيءَ جي ڳالهہ ٿو ڪرين.“ نواب چيو.

”مان الله جي وحدانيت جي ڳالهہ نٿو ڪيان پر وجود جي وحدت جي ڳالهہ ٿو ڪيان. اسلام ۾ الله جي وحدانيت آهي پر وجود جي وحدانيت ڪانهي. خالق ۽ مخلوق جا جدا جدا وجود آهن، جڏهين تہ صوفي خالق ۽ مخلوق، الله ۽ ڪائنات جي وجود کي هڪ ٿا مڃين. حضرت بايزيد بسطاميءَ جي محفل ۾ تخليق جو مسئلو بحث هيٺ آيو. هڪڙي مُريد چيو تہ ڪو وقت اهڙو هو جو رڳو خدا جو وجود هو ۽ ٻيو ڪجهہ نہ هو. بايزيد وراڻيو: هاڻي چا آهي. هاڻي بہ تہ صرف خدا جو وجود آهي. ابنِ عربيءَ ذاتِ احد کي حسنِ ازل ۽ عقلِ اول کي حقيقتِ محمديہ جو نالو

ڏنو. اسلام ۾ ابليس لعنتي آهي پر صوفين ابليس کي خدا جي جلال جو مظهر سمجهيو ۽ ابليس جو اشتقاق تبليس مان ڪيو. ابليس کي آدم کي سجدو ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ ابليس سوچيو تہ جيڪڏهن آدم کي سجدو ڪيم تہ غيرالله کي سجدي جو گنهگار ٿيندس ان ڪري هن سجدي کان انڪار ڪيو ۽ ابليس سڀ کان وڏو موحد سڏيو ويو.

صوفي حضور ڪريم جن جون بہ حديثون نقل ڪندا آهن تہ علم ۽ نيڪي مومن جي وڃايل ميراث آهي ۽ صوفين کي جتان بہ پنهنجي وڃايل ميراث ملي تنهنکي پنهنجو ڪيائون. حضور ڪريمؐ جي ٻي حديث اها نقل ڪندا آهن تہ عبادت کان سواءِ هر بدعت رذالت آهي ۽ صوفين پنهنجن روحاني تجربن جي آڌار تي عبادتن جا نوان نوان طريقا جاري ڪيا.

سارنگ ماٺ ٿي ويو. سجاول خان ۽ عليءَ سارنگ جي ڳالهين جو ردعمل ڏسڻ لاءِ نواب ڏانهن نهاريو. ٻاهر چند سنڌوءَ جي وچ سير مٿان ٽِڪ ٻڌي بيٺو هو ۽ نواب جي اکين تي مڌ جا ڪيپ چڙهي ويا هئا. نواب چيو.

”نوجوان توسان وڏيڪ ڪچهريون هاڻي ٿٽي ۾ ٿينديون.“

سارنگ اڄ ڏاڍو خوش هو. هن کي نئي جي نواب وٽ منصبداري ملي هئي. هو خوشيءَ ۾ عرش تي تي اُڏامندو. تارا ڪتيون هن جي لنڙ ۾ هئا. هن تصور ۾ پنهنجو پاڻ کي نواب جي دربار ۾ ويٺل ڏٺو، مغل طرز تي ٺهيل محلسراءِ، در تي پيير ۽ علمُ، غلام گردشن ۾ گشت ڪندڙ چوبدار، سنگ مرمر جي هال ۾، هالن جي هندوري ۾، سنڌو ويٺي هئي. ڪنيزن هندورو تي لوڏيو ۽ ڪيس مورڇل تي هنيون. اڙيل ڪميت گهوڙي هنجي ران هينان هئي. هو هٿ ۾ ڀالو جهلي، ڪهڪشان کي گهوڙيءَ جي سنبن سان لتاڙي، تارن جي ڪينهن سان چوگان ٿو ڪيڏي..... ماڻهن جا ميڙ هئا. هو ۽ هن جو ويري گهوڙن تي هڪ ٻئي جي سامهون هئا، ٻنهي جي هٿن ۾ ڀالا هئا. ٻنهي گهوڙا ڊوڙايا، هڪ ٻئي تي وار ڪيا. هن پر ڪدائي ڀالو هنيون، ڀالو ويريءَ جي وجود مان آرپار هليو ويو. هن سٽ ڏيئي ڀالو ويريءَ جي هانوَ مان ڪڍي آسمان ڏانهن اڇلايو تہ عرش جا ڪونگرا ڪري پيا.... نواب هن کي باغي قبيلن جي سرڪوبيءَ لاءِ موڪليو. هن اوچتو باغين جي لشڪر تي حملو ڪيو ۽ سندن ڪنڌ لُٽي چڏيائين. نواب هن کي خلعت پارائي ۽ هند سنڌ ۾ سندس هاڪار ٿي وئي.

انسان اقتدار ۽ طاقت ڪانسواءِ ڇا آهي. هن ڪٽ تي پاسو ورائيندي سوچيو: آچر، سومر يا چاچو سانوڻ، جنهن سان ملي، هٿ ٻڌي، نِوڙي، سلام ڪري. نوڙت ۾ سندس چيلهہ ئي چبي ٿي وئي هئي. نوڙت چڱي آهي. پر ان صورت ۾ جڏهين ماڻهوءَ ۾ ٻين کي نوڙائڻ جي طاقت هجي. چاچي سانوڻ جي نوڙت تہ هنجي سماجي مجبوري آهي. طاقت سان ماڻهوءَ کي نوڙائڻ، سرڪش ۽ آڪڙيل ڪنڌن کي طاقت سان جهڪائڻ ۾ بہ عجيب مزو آهي. طاقت ئي اهڙي نيڪي آهي جنهن مان سڀ نيڪيون ڦُٽن ٿيون، ماڻهو الله جي اڳيان ان ڪري ٿو جهڪي جو الله قهار ۽ جبار

آهي. ماڻهوءَ ۾ ڪا ڳالهه آهي جو هو قهر ۽ جبر کي پوڄي ٿو ۽ قهر ۽ جبر سان پاڻ کي پوڄائي ٿو.

علي هن جو سوٽ هو. علي هن کان ڪنهن به ڳالهه ۾ وڏ نه هو. سپهه گيري توڙي علم ۽ ادب، هر ميدان ۾ هو عليءَ کي پنتي ڇڏي ويندو هو. چاچو سجاول خان به هن کي عليءَ کان وڌيڪ پيائيندو هو. راڄ ۽ ٿر جا سڀ ماڻهو هن کي عليءَ کان وڌيڪ پيائيندا هئا. پر جڏهين کان عليءَ کي ٺٽي جي مغل نواب وٽ نوڪري ملي هئي تڏهن کان سڀ هن کي نظرانداز ڪري، عليءَ جي ڪڏَ ڪڏَ پيا گهمندا هئا. انسان جي عزت لياقت سان نه پر رتبي سان آهي ۽ رتبو طاقت آهي، طاقت نيڪي آهي، محبت آهي. سڀ لڳ لاڳاپا ڪنهن نه ڪنهن ضرورت، غرض يا مطلب سان ڳنڍيل آهن. رڳا ڪي ڪي رشتا غرض ۽ مطلب کان مٿاهان هوندا آهن جيئن منهنجو ۽ سنڌوءَ جو رشتو!

سنڌو الائجي ڪڏهن ايندي. صبح ٿئي، سنڌو اچي ته هن کي پنهنجي سرڪاري عهدي جي ڳالهه ٻڌايان. هوءِ ڪيڏي نه خوش ٿيندي. اڄ منهنجا ماءُ پيءُ هجن ها ته اهي به ڪيڏا نه خوش ٿين ها..... هن جا ماءُ پيءُ ننڍي هوندي ئي مري چڪا هئا. هن کي سندن شڪل به ياد ڪانه هئي. ماضيءَ کي ياد ڪندي ڪندي اوچتو ويسر جي اونداهي سرحد شروع ٿي ويندي هئي. اونداهي جي سرحد جي هن پار هنجو ننڍپڻ هو. ننڍپڻ جون يادون هيون، هن جي پيءُ ماءُ جا چهرا هئا. هو جيئن جيئن اونداهيءَ جي سرحد کي ٽپڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته هن کي مٿي ۾ سور ٿيڻ لڳندو هو. سور وڌندو ويندو هو. مٿو ڦٽ وانگر ڏکندو هو ۽ هو ڪٽ تي مڇيءَ وانگر ڦٿڪندو هو. وڏن وڏن حڪيمن ۽ ويڄن کان علاج ڪرايو هئائين پر سندس مٿي جي سور جو ڪنهن وٽ علاج نه هو. ان وقت رڳو سنڌوءَ جي هنج هن کي آرام ڏيندي هئي. هو سنڌوءَ جي هنج ۾ مٿو رکندو هو. سنڌو هن جي نرڙ تي پنهنجا پٽ پٽيهر هٿ ڦيريندي هئي ۽ هن کي ننڊ وٺي ويندي هئي.

چاچي سجاول خان ۽ چاچي ماهرو جي محبت سڪ ۽ لاڏ ڪوڏ هن ڪان پنهنجا سڀ ماءُ پيءُ ئي وسارائي ڇڏيا هئا. ٻئي ڪيس پنهنجي سڳي پٽ علي ۽ ڌيءَ ’درل‘ ڪان به وڌيڪ پائيندا هئا. عليءَ به هن سان ڪڏهين ساڙ نه ڪيو. علي ته پاڻ هن تي فخر ڪندو هو.ٻئي ذري گهٽ هم عمر هئا. ٻئي جهڙا سڳا پائر! پائرن ڪان وڌيڪ دل گهريا دوست. ’درل‘ ته هن کي سڳيءَ ڀيڻ ڪان وڌيڪ پائيندي هئي. سنڌوءَ ڪان به وڌيڪ هن جو خيال رکندي هئي. نوڪرياڻين ۽ ٻانهين هوندي سوندي پنهنجي هٿن سان هن لاءِ مغلي طعام پچائيندي هئي.شِوَ جو پهريون پلو مرندو، ساتياڻي پلو ڪٽي ايندي ۽ درل ڏاڍي پيار سان پلو سئي، سنڌوءَ جي هٿ هن ڏانهن موڪليندي هئي. سڳي ڀيڻ ڪان به وڌيڪ سڪ ۽ پيار هوندي به درل هن ڪان ڌارين وانگر ايڏو حجاب الائجي ڇو ڪندي هئي. شرميلي ته نندي لاءِ ڪان هئي. جوان ٿي ته هن جي منهن تي چڙهڻ ئي ڇڏي ڏنائين. اجرڪ ۾ پاڻ کي ويڙهي سيڙهي هن ڪان لڪندي وتندي هئي. اوچتو ٻي خياليءَ ۾ سارنگ جي نظر پئجي ويندي هيس ته شرم ۾ ڳاڙهي ٿي ويندي هئي.

سجاول خان هن جو آدرش هو. ماڻهو جوانيءَ ماڻي ته سجاول خان جهڙي ۽ جيئي ته سجاول خان وانگر. جوانيءَ ۾ جبل جهڙو مڙس-ڪهرو، اڻ گهڙيو، ارڏو ۽ اڙٻنگ. ’مڙڻ‘ ته سکيو ئي نه هو. پلا جبل به ڪڏهين ’مڙيا‘ آهن جو سجاول خان مڙي. مغلن سان اهي چوٽون کاڌائين جو ننڊ ۾ به سجاول خان سمي جا چرڪ پيا پوندا هئن.

هڪ ڀيري مغلن سمن جي ڪنهن ويڙهي تي حملو ڪيو. مڙس مارپائون ۽ ننگ ڪٽي ويا. تن ڏينهن ۾ سجاول خان جبلن ۾ روپوش هو. خبر پيس ته شينهن وانگر گجگوڙ ڪري اٿيو ۽ ڏينهن ڏني ٿتي جهڙي شهر ۾، ويرين تي ڪڙڪيو. مڙس ماري، ننگ ڇڏائي، سالار جي ڌيءُ **ماهرو** ڪٽي آيو. مغلن وڏا زور آزمايا. فوج ڪشي ڪيائون پر مغل ڌيءُ موٽائي نه سگهيا. آخر راڄ وچ ۾ پيا. ڳالهيون هليون. مغل پنهنجو ننگ

موتائڻ لاءِ ڏن پري ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سالار جي ڏيءُ کي خبر پئي تہ هن مغلن کي چوائي موڪليو تہ سمن پنهنجا سَگ مڙسيءَ سان موٽايا ۽ اوهين ڏن پري ٽا ننگ موٽايو. مڙسي اَٿو تہ سمن وانگر مڙسيءَ سان موٽايو. باقي ڏن تي مان بہ نہ موٽنديس. هاڻي مان سجاول خان جو ننگ آهيان.

سجاول خان ماهروءَ سان شادي ڪئي ۽ هوءَ مڙس سان جبلن ۾ پٽڪندي رهي. جبلن ۾ ئي ڪيس علي جائو ۽ پوءِ جڏهين ’درل‘ جائي تہ سجاول خان جي جڻ چيلهہ ڀڄي پئي. مغلن سان ناهہ جون ڳالهيون ڪيائين، مغلن سندس جاگير ۽ سرداري بحال ڪئي. موٽ ۾ هن کي مغلن جي مدد ڪرڻ لاءِ فوج مهيا ڪري ڏيڻي هئي. سجاول خان جاگير ۽ سرداري وٺي ويهي رهيو. چاچي ماهرو پوڙهي ٿي وئي هئي پر سندس منهن ۾ اجان اها مغل شهزادين واري سونهن ۽ ڏيا هئي. سوني ٻانهينءَ واري ٻانهن لوڏي گهمندي هئي تہ جڻ راڻي پئي گهمي. پر نہ هَٺُ نہ هوڏ، رڳي سِڪ ۽ پيار.

اوچتو پرهہ جي پکيءَ جي لات هن جي ڪن تي پئي. هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون. پکيءَ جي لات ٻڌڻ لڳو. هر طرف سانت هئي. پن بہ نٿي چريو. ان سانت ۾ پکيءَ جي لات الحامي سُر ٻڌجي هن جي وجود ۾ گونجڻ لڳي. قدرت پنهنجا سمورا ڳُجهہ ۽ اسرار سَلڻ لڳي ۽ هن کي پهريون دفعو خبر پئي تہ پکي بہ پيغمبر ٿيندا آهن. هن آهستي آهستي اکيون کوليون، آسمان ۾ ستارن جا فانوس روشن هئا. هير گهلي ۽ پپل جي پنن جا آواز اُڀريا جڻ پپل جي وڻ قرآت ٿي ڪئي. مسجد مان ٻانگ جو آواز آيو. الله اڪبر..... ٻانگ جو آواز ستارن سان جڙيل آسمان سان ٽڪرائڻ لڳو. ستارن جي روشني ڏڪڻ لڳي ۽ هن جي وجود ۾ الله جي عظمت جنهن ۾ دهشت ۽ ڊپ جي بدران نسورو پيار هو. ان پيار جو هڪڙو ٽيپو هن جي دل تي ڪريو هو ۽ هن جي ٻوٽيل دل گل وانگر ڪڙي پئي هئي جنهن مان سنڌوءَ جي ساهن جي خوشبوءِ ٿي آئي.

ٿوري دير گذري تہ پر واري شوالي مان گهنڊ جو آواز آيو ۽ شوالي جو ڀاؤ گرنٿ صاحب مان بابا فريد جا دوها ڳائڻ لڳو.

ڳلئين چڪڙ، ڏور گهر، نال پياري نينهن
چلان تہ ڀڄي ڪملي، رهان تہ ٽٽي نينهن.

ڀڄي سڄي ڪملي، الهہ ورسايو مينهن
جاءِ ملان تنهان سڄڻان، ٽٽو ناهي نينهن.

ڀائي جو آواز غم جي وڻ ويڙهيءَ وانگر هن جي روح کي ويڙهي ويو. هن کي چا جو غم هو. هو سمن جي سردار جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو. هن کي سنڌوءَ جو اڻ ميو پيار مليو هو جنهن هن جي ذري ذري کي سيراب ڪيو هو. هاڻي هن کي اقتدار بہ ملڻ وارو هو پوءِ ڀائي جا ٻول، ٻانگ جو آواز ۽ پکيءَ جي لات ٻڌي هنجي دل اداس چو ٿي وئي هئي.

شوالي جو ڀاؤ نانڪ پنٿي هو. سنهڙو، ڏگهو، ٻت اگهاڙو، اڇي ڌوتي ٻڌل، ڳچيءَ ۾ جٽيون، نرڙ تي تلڪ، مٿو ڪوڙيل ۽ مٿي جي وچ ۾ ڏگهي ڪاري چوٽي. انهن مهاندن سان بہ هن جي منهن مان عجيب سونهن پئي ٻکندي هئي. رستي تي لنگهندو تہ جيڪا ساهہ واري شيءِ ڏسندو تنهن جي اڳيان هٿ ٻڌي، ڪنڌ نوائيندو هو. ڪنهن سان ڪونہ ڳالهائيندو هو. اڄ تائين ڪنهن بہ کيس مرڪندو نہ ڏٺو هو. هن جي باري ۾ ڳوٺ ۾ اها ڳالهہ مشهور هئي تہ هو هڪڙي مستانيءَ جو پٽ هو.

ڳوٺ ۾ هر سال سانوڻيءَ ۾ هڪڙو مست ايندو هو. قداور، مضبوط هڏُ ڪاٺ، لڱين اگهاڙو، رڳو هڪڙو چوتو پاتل هوندو هيس. منهن ۽ ساري ٻت تي رک مليل. سارو مٿو ڪوڙيل رڳو پاسي ڪان وارن جي چڳ ڇڏيل. اکيون ڳاڙهيون جهڙا جيرا. پير ۾ گهنڊڙي ٻڌل، هٿ ۾ ڏنڊو جنهن جي مُنيءَ وٽ گهنگهرن جو ڇڳو. هلندو تہ پير جي گهنڊڙي ۽

ڏنڊي جا گھنگھرو ھڪ ئي لئي سان وڄندا ھئا. ڪنھن سان ڪونہ ڳالھائيندو ھو. ڪو ساٿس ڳالھائڻ جي ڪندو يا ڪيس ماني ٽڪي آڇيندو ھو تہ اکيون ڪٽي خار مان ھن ڏانھن نھاريندو ھو. سندس رت جھڙيون ڳاڙھيون اکيون ڏسي ماڻھن کي ٽڙڪي وڃي ويندي ھئي. ڪنھن کي خبر ڪانہ ھئي تہ ھو ڪير ھو، ڪٿان ايندو ھو ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو ڪيڏانھن غائب ٿي ويندو ھو. ھن جو نالو چا ھو. پھرين ڳوٺ ۾ آيو تہ ڳوٺ جا سيئي ٻار تاڙيون وڄائيندا ھئا، ”لالو چريو، لالو چريو“ چوندا ھن جي پنيان لڳا. ان ڏينھن کان ھن جو نالو ”لالو چريو“ پئجي ويو. ٻار ھن کي لالو چريو چوندا ھئا تہ پيو مُرڪندو ھو پر جي ڪو وڏو ڪيس لالو چريو چئي وجھندو ھو تہ ھو پنھنجا رت جھڙا ڳاڙھا تارا ڦوٽاري، ڏنڊو اُپو ڪندو ھو. شروع ۾ ڳوٺ وارن ھن کي ٻھروپيو سمجھيو. ڪن چيو تہ مغلن جو جاسوس آھي. ڳوٺ ڳوٺ مان خبرون گڏ ڪري ٺٽي جي نواب کي ڏيندو آھي. ڪن چيو تہ ھن جي ماءُ سان ڪنھن زوري ڪئي ھئي، جائو تہ ماءُ مري ويس ۽ ھاٿي ماءُ جو پلئہ ڪرڻ لاءِ ڳوٺن ۾ رلي پيءُ کي ڳوليندو ٿو وتي..... آھستي آھستي ماڻھو ھن کي پھتل سمجھڻ لڳا. ان لاءِ بہ ڪيئي سبب ھئا. ڪنھن بہ ھن کي ماني کائيندو يا پاڻي پيئندو نہ ڏٺو ھو. ڪڏھين بہ خيرات نہ وٺندو ھو پوءِ بہ الائجي ڪٿان ٿول آٽي ٻارن ۾ ورھائيندو ھو. ھر سانوڻ ۾ ھو ڳوٺ ايندو ھو، جنھن ڏينھن ڳوٺ پھچندو ھو ان رات سانوڻ جو پھريون مينھن وسندو ھو. ھڪ سانوڻ ۾ نہ آيو تہ اُن سانوڻ ۾ مينھن ئي نہ وٺا. ماڻھو ھن کان من جون مرادون پڇندا ھئا تہ ھو ماٿ ڪري، ڪنڌ جھڪائي، وينو ھوندو ھو ۽ جنھن ڏانھن اکيون ڪٽي خار مان نھاريندو ھو ان جي مراد پوري ٿي ويندي ھئي.

لالو تہ منداڻتو مست ھو، سانوڻ سان گڏ ايندو ۽ سانوڻ سان گڏ ويندو ھو. ڳوٺ جا ماڻھو مرادون ماڻڻ لاءِ وري ايندڙ سانوڻ جو انتظار ڪندا ھئا. ھڪڙي ڏينھن ڳوٺ وارن جو مرادون پڇائڻ لاءِ ھڪڙي جواڻ جماڻ مستاني ڳوٺ ۾ آئي. ھن جي ساري ٻُت تي ڪِڻُ جميل ھئي، گل تہ

نظر نٿي آئي، رڳو ڪاري ڪاري مٽيءَ جا چڪا ٿي سندس هٿن پيرن ۾ منهن تي چمڪيا. وار بہ مٽيءَ ۾ ڳنڍيون ٿي ويا هيس. اڪين مان پاڻي پيو وهندو هوس جنهن ڪري سندس پنبڻيون چٽي ويون هيون ۽ اکيون جهڙا ڦٽ. وات مان هر وقت ڳِگ وهڻ ڪري سندس واڇون بہ ڳري ويون هيون. ڳالهائڻ مهل سندس وات مان چچريل اکر ٿي نڪتا جيڪي ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نٿي آيا. هندو ۽ مسلمان ٻئي ڪيس پهتل سمجهڻ لڳا. سيئي ڪانئس مَن جون مرادون پڇندا هئا، هوءَ چچريل ۽ بي معنيٰ اکر واتان ڪيندي هئي ۽ ماڻهو پنهنجي من جي مرادن مطابق ان مان معنائون ڪيندا هئا. هن کي پاڻيءَ کان ڏاڍو ڊپ لڳندو هو. ڪا عورت کيس وهنجارڻ جي ڪندي هئي تہ نهنڊون هڻي هن جو منهن چچري ڇڏيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن الائجي ڪيئن هوءَ شوالي ۾ وڃي پڳي. ٻائي هن کي ڳُل ۽ ٿول ڏنا، هوءَ ڦٽن جهڙيون اکيون کڻي شوالي جي هڪ هڪ شيءِ کي ڏسڻ لڳي. هن جي نظر گهنڊ تي پئي. گهنڊ وڄايائين تہ کيس مزو اچڻ لڳو. هوءَ زور زور سان گهنڊ وڄائڻ ۽ ٺهڪ ڏيڻ لڳي. اوچتو هن جي نظر سامهون ڪالي ديويءَ جي مورتيءَ تي پئي. مورتيءَ کي ڏسي هن جا تارا ڦاٽي ويا. هوءَ ڊپ مان مورتيءَ کي ڏسندي رهي ۽ ڇيٽ ڪري ڊوڙ پاتائين ۽ وري ڪڏهن بہ مندر ۾ نہ آئي.

هڪڙي ڏينهن وري مسيت ۾ وئي ۽ مسيت جي در تي، دڪاڻيءَ تي ويهي رهي. ملان بانگ ڏني، هن ڪنڌ جهڪايو ۽ ماٺ ڪري بانگ ٻڌڻ لڳي. بانگ جي ٻولن جڻ سندس اندر جي ڦٽن تي ڦها ٿي رکيا. بانگ پوري ٿي تہ هن ڪنڌ کڻي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هن آسمان تان نظرون هٽايون تہ سامهون ملان نظر آيس. ٿلهو متارو، وڏو پيٽ، ڊن تائين ڊگهي ڏاڙهي، گهاٽا ڀرون جيڪي سندس وڏين وڏين ۽ ڳاڙهين اکين تي وري آيا هئا. ملان کي ڏسي هوءَ ونئي ڀڳي ۽ وري مسجد ۾ نہ آئي.

هڪڙي ڏينهن اها خبر ماڻهن تي وڄ وانگر ڪري تہ مستانيءَ ڪي پيٽ آهي. جيڪو جتي هو اتي ڄمي ويو. الا! ماڻهو مستانيءَ مان بہ نہ مڙيا! اهڙو ڪم ڪرڻ وارو ڪير هوندو، ڳوٺ ۾ تہ ڪنهن ڪي بہ اهڙو ماڻهو نٿي سُجهيو. ان ڏينهن کان عورتون مستانيءَ جو وڏيڪ خيال رکڻ لڳيون ۽ مڙد هن جي وڌندڙ پيٽ کي ڏسي پنهنجو پاڻ کان شرمسار ٿيڻ لڳا. پار جٽڻ کان ٽي ڏينهن اڳ اوچتو مستاني غائب ٿي ويئي. ٽئين ڏينهن تي آڌيءَ رات جو ٻاؤ پنهنجي شوالي ۾ ستو پيو هو تہ چنگهڻ جو آواز ٻڌائين. هن ٻاهر اچي ڏٺو. مستاني زمين تي ليٽي پئي هئي ۽ هن کي سُور هئا. ٻاؤ هن کي اندر ڪوٺڙيءَ ۾ وٺي آيو. صبح جو ملان بانگ ڏني تہ مستانيءَ کي پٽ ڄائو. ٻار جي اوئان اوئان جو آواز ٻڌي هن ڪنڌ کڻي ٻار ڏانهن نهاريو. سندس چپن تي مُرڪ تري آئي. هن ٻائي ڏانهن نهاريو ۽ چچريل اکين ۾ چيائين:- ”لالو چريو......!“ شوالي جو هاٺوڪو ٻائو اهو ساڳيو ٻار هو!

سانت جي سيني ۾ ستل زندگيءَ جا آواز هاڻي جاڳي پيا هئا. پريان گس کان ڏِڳي گاڏيءَ جي چيچاٽن ۽ چڙن جا آواز اچڻ لڳا. گهر مان جنڊ پيهڻ، ڏڌ ولوڙڻ ۽ چرخي ڪتڻ جا آواز اُڀريا. ڪنهن ڏاڏي سُريلي ۽ منڙي آواز ۾ تلاوت شروع ڪئي. هر طرف آواز ئي آواز هئا، ننڍاڪڙا ۽ ننڊ مان ڪر موڙي جاڳندڙ آواز! آسمان ۾ سوجهرو پکڙندو ٿي ويو. اڱڻ جو در کليو ۽ سنڌو اندر آئي. هن يڪدم اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ ائين چپ هٽي سمهي پيو ڄڻ اگهور ننڊ ۾ هو. روز صبح جو سوير سنڌو هن کي ننڊ مان جاڳائيندي هئي. هن جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي هئي. سنڌوءَ جي آڱرين جو ڇهاءُ ڄڻ ڏکڻ هير جو ڇهاءُ.... هينئر بہ سنڌو هنجي پر ۾ ويهي سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي. هن اکيون کوليون. سنڌوءَ جو چهرو هن جي سامهون هو. هن سوچيو، پکيءَ جي لات جي ڪا جسماني صورت ٿي سگهي ٿي تہ اُها سنڌوءَ جي صورت آهي. هن هٿ وڌائي، ٻنهي هٿن سان سنڌوءَ جي منهن کي ڇهيو. وارن ۽ پيشانيءَ کي ڇهيو ۽ هن

جو هٿُ هَٿ ۾ جهليائين. هي پَٽ پٽيهر هٿ جهڙو ڪنول جو گل! ڳاڙها ڳاڙها ٺنهن، آڱرين جي چهنبڙين وٽ اپريل ماس. هن سنڌوءَ جو هٿ چڪي چپن تائين آندو ۽ آڱرين جي چهنبڙين جي اُپريل ماس کي چپن سان چهڻ لڳو. چپن جي چهاءَ سان سنڌوءَ جي بت مان هلڪيون هلڪيون لهرون اُڀريون. اهي لهرون ڪنهن وحشي ۽ زورآور جذبي جون جهڳ اوڳاڇيندڙ لهرون نه هيون پر جسم جو هلڪو هلڪو جلترنگ هو. هن سنڌوءَ کي سيني سان لاتو. سنڌوءَ هن جي ويڪري ڇاتيءَ تي مٿو رکي ڇڏيو. سانت مان جاڳيل سپ آواز وري سانت ۾ ٻڏي ويا ۽ ان سانت ۾ ٻن دلين جا پکيئڙا هڪ ٻئي تي لاٽ لنوڻ لڳا.

”سنڌو.“

”جي ءُ.“

”تون خواب ڏسندي آهين؟“

”ها، ڏسندي آهيان.“

”ڪهڙا خواب ڏسندي آهين.“

”پهريون تون ٻڌاءِ ته تون ڪهڙا خواب ڏسندو آهين؟“

”مان تمام وڏا خواب ڏسندو آهيان. ايڏا وڏا خواب جو آسمان به منهنجي خوابن آڏو هيچ آهي. مان خواب ڏسندو آهيان ته مان تمام وڏو ماڻهو ٿيندس. ايڏو وڏو ماڻهو جو چارڻ چؤنڪ تي منهنجي مهما ڳائيندا.“

سارنگ جي ڳالهه ٻڌي سنڌوءَ جي دل ڏڪوئجي وئي. هن سمجهيو هو ته سارنگ هن جا خواب ڏسندو هوندو جيئن هوءَ سارنگ جا خواب ڏسندي هئي. مڙد ڪڏهين به پنهنجي پوري وجود سان محبت نٿو ڪري. هن جي وجود جا گهڻيئي ٻيا مٿاجرا آهن. عورت جي محبت هنجي وجود جو رڳو هڪڙو مٿاجرو آهي. ٻين مٿاجرن سان هو دولت، شهرت، طاقت ۽ جاه ۽ جلال سان محبت ٿو ڪري. جڏهين ته عورت پنهنجي پوري وجود سان مڙد سان محبت ٿي ڪري. عورت ئي ٽرن ٻرن ۾

پنهونءَ جا پيرا تي ڳولهي. تيل ڦليل جا ڏيئا ٻاري راڻي جي راهه تي نهاري. عورت عظيم عشقيه داستانن کي جنم تي ڏئي ۽ مڙد رزميه داستانن کي!

”مون سمجهيو هو تہ تون منهنجا خواب ڏسندو هوندين پر تون تہ پنهنجي شهرت ۽ طاقت جا خواب ڏسندو آهين.“

”تون مون کان جدا تہ نہ آهين. منهنجي شهرت ۽ طاقت تنهنجي شهرت ۽ طاقت آهي. مان چاهيان ٿو تہ مون کي ايڏو رتبو ملي جو منهنجي رتبي تي فخر ڪرين.“

”عورت مڙد جي رتبي تي نہ پر محبت تي فخر ڪندي آهي. هڪڙي ڳالهہ چوانءَ“

”چئہ.“

”اهڙا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي.“

”ڇو؟“

”اهڙا خواب ڏسڻ وارا ڏاڍا ڏک ڏسندا آهن ڏاڍا ڏک ڏيندا آهن. پنهنجي خوابن جي تعبير ماڻڻ لاءِ هر رشتي ۽ ناتي کي لتاڙي ۽ اورانگهي اڳتي وڌندا آهن.“

”ان جي معنيٰ تہ ماڻهو اڳتي وڌڻ جي خواهش نہ ڪري.“

”چونہ ڪري، پر خواهش جو غلام نہ ٿئي. اڳتي وک وڌائڻ کان اڳ ڪنڌ جهڪائي هيٺ ضرور ڏسي تہ ڪو رشتو، ڪو ناتو، ڪنهن جو ڪو جذبو، خواب يا خواهش تہ لتڙ هيٺ نٿا اچن.“

”توکي تہ چاچي سانوڻ اهڙي ڏاهپ ڏني آهي جو هن عمر ۾ ئي ويراڳين واريون ڳالهيون تي ڪرين. چاچو سانوڻ پاڻ تہ ويراڳي آهي توکي بہ ويراڳي ڪري ڇڏيو اٿائين.هڪڙي ڏينهن سومرن جي اڳيان دودي جي ڳالهہ ڪنيائين، سومرن ڪيس انعام ۾ زمين ڏني تہ نہ ورتائين، وني ها تہ سُک جي زندگي گذاري ها. سومرن کان نہ ورتائين تہ مونکان وني، چاچي سجاول کان وني.“

”جنهن نموني سان بابا جيئي ٿو اهو بہ تہ جيئڻ جو انداز آهي. تون ائين ڇو ٿو چاهين تہ پيا بہ ان انداز سان جيئن جنهن انداز سان تون پاڻ ٿو جيئين.“

”هاڻي بحث ختم، هڪڙي خوشيءَ جي ڳالهہ ٻڌ.“

”ٻڌاءِ.“

”مونکي نٿي جي نواب وٽ نوڪري ملي آهي. اڄ نواب ۾ علي نٿي ويندا، سڀاڻي مان بہ نٿي ويندس.“

”مونکي ڇڏي ويندين. توکي نوڪري مونکان بہ وڌيڪ پياري آهي.“

”سنڌو، توکي خبر آهي تہ توکان وڌيڪ مونکي ڪا شيءِ پياري ڪانهي. باقي رهي توکان جدا ٿيڻ جي ڳالهہ، بن ڇئن ڏينهن ۾ موٽي ايندس ۽ پوءِ شادي ڪري توکي نٿي وني هلندس.“

”تون مون سان شادي ڪندين؟“

”ها ڇو؟ ان ۾ تعجب جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.“

”سارنگ خان سمون مون چارڻ جي ڌيءُ سان شادي ڪندو.“

”دلين جون پنهنجون پيڙهيون، پنهنجون ذاتيون ۽ پنهنجا شجرا ٿيندا آهن.“

”سارنگ جي ڳالهہ ٻڌي سنڌو آهستي جهڪي ۽ ڪنڌ هن جي سيني تي رکي ڇڏيائين. هن ڪڏهين سارنگ سان شاديءَ جو سوچيو بہ نہ هو ۽ اڄ سارنگ سان شاديءَ جو سوچي هن جو هنيانءُ ٽڙي پيو ۽ سارنگ جي ٻُت جي ڇهاءَ سان هن کي پنهنجو سَنڌ سَنڌ ڏاڙهونءَ گل وانگر ڪڙندو ٽڙندو محسوس ٿيو.

پوئين تاريخن جو پڳل چنڊ آسمان ۾ تي لڙڪيو ۽ چنڊ جي پيلي ۽ اڻ پوري روشنيءَ ۾ ساري ڪائنات پراسرار تي لڳي. هوا ۾ ڦڙڪندڙ ٻيڙيءَ جا سڙه، پنهنجي مستيءَ ۾ سرمست سنڌو، ڇولين سان ٽڪرائيندڙ ٻيڙين جا ونجهہ ۽ پرئين ڪناري سان ٻيلن وڻ، مهاڻن جون ٻيڙيون ۽

ٻيڙن ۾ ٽمڪندڙ ڏيئا. سيني ڳڌجي منظر کي عجيب پر اسراريت بخشي هئي..... هاڻي افق وٽ هلڪو هلڪو سوجهرو پکڙڻ لڳو هو ۽ چنڊ جي روشني جهڪي ٿيڻ لڳي هئي. سامهون ٺٽي جو بندرگاهه هو. ٺٽو! هن جي خوابن جو شهر. شهر ۾ فانوسن هن جي دل ۾ خواهشن وانگر جهرمر ٿي ڪئي. گهرن جا منگهہ، مسجدن جا گنبذ ۽ منارا، مندرن جا ڪلس هن کي آڌر ڀاءُ چوڻ لاءِ ڪر کڻي بيٺا هئا.

عليءَ جا ماڻهو ڪناري سان سنجيل گهوڙا جهلي بيٺا هئا. هو گهوڙي تي چڙهيو ۽ شهر ڏانهن روانو ٿيو. رستي تي اَن ۽ ڀاڄين سان ڀريل ڏڳي گاڏين ۽ اُٺن جا قافلا چڙا وڃائيندا شهر ڏانهن ٿي ويا. رستي جي ٻنهي ڪنارن سان گهاٽن وڻن جون قطارون هيون. پريان ڪوهہ تي عورتن جي ٽولي پاڻي ڀري پريو. ڪوهہ جي چوڌاري ڪجين جا وڻ الف وانگر اُڀا بيٺا هئا. هڪڙي مزار جي گنبذ تان اڇن ڪبوترن جا ولر اڏاڻا ۽ نيري آسمان ۾ پکڙجي ويا. سج ڪني ڪڍي ۽ هن عليءَ جي حويليءَ وٽ گهوڙو جهليو.

ماڻڪ پتل جي لوٽي ڪنئين ۾ انگوڇو ڪلهي تي رکي ڏنڊڻ ڪندو پنهنجي حجري مان نڪتو ۽ درياهه ڏانهن روانو ٿيو. آسمان ۾ هلڪو هلڪو سوجهرو پکڙيل هو. ستارن پويان پساهه ٿي ڪنيان ۽ سامهون درياهه سانت سان ٿي وهيو. ماڻڪ وديالي مان نڪري اڳتي وڌيو ۽ ڪنڌ ڦيري وديالي ڏانهن نهاريائين. وديالي جي پراڻي عمارت صبح جي هلڪي هلڪي سوجهري ۾ ڪنهن خواب وانگر ٿي لڳي. وديارٿن جا ننڍڙا ننڍڙا حُجراءِ اڱڻ ۾ بينل انبن، ڪجين ۽ زيتونن جا وڻ. عمارت جي اڳيان وڏا وڏا ٻارا هئا جن ۾ وديارٿين پاڇيون پوکيون هيون ۽ عمارت جي پٺيان گهاٽو ٻيلو هو جنهن جا وڻ صبح جي ٿڌڙي هِير ۾ هوريان هوريان ٿي جهوليا. سامهون درياهه جو تَڙُ هو. پڪ سري ڏاڪڻ ٺهيل هئي ۽ هن جي ساٿي وديارٿين اشنان ٿي ڪيو. ان تڙ تي ورلي ڪا ٻيڙي ايندي هئي. ڪو نئون وديارٿي ايندو هو يا تعليم پوري ڪندو هو تڏهين ڪا ٻيڙي ان تڙ سان اچي لڳندي هئي. ماڻڪ ننڍيون ننڍيون وِکون کڻندو تڙ کان پريرو پپل جي وڻ هينان وينو ۽ ڏنڊڻ ڪرڻ لڳو. هاڻي سج ڪني ڪڍي ۽ سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ سج جا سون ورنا ڪرڻا جرڪڻ لڳا ۽ هن جا وديارٿي ساٿي سج جي پوڄا ڪرڻ لڳا. هنن کي سج جي پوڄا ڪندو ڏسي ماڻڪ سوچيو: ماڻهو فطرت جي عناصر جي پوڄا ڇو ٿو ڪري. جيني ۽ ٻيا ڪيترا رشي ناستڪ هئا جن انسان کي ديوتائن کان آزاد ڪرايو. گوتم چيو:

”شڪر، تعريف ۽ عبادت سان اونده روشنيءَ ۾ متجي نٿي سگهي. مراقبي ۽ سماڌيءَ سان سچ ظاهر نٿو ٿئي. ڪشالن سان جسم کي نہ ايذايو ڇاڪاڻ جو ان مان فائدي جي بدران نقصان ٿو ٿئي. خوني قربانين ۽ نذر نياز سان ديوتائن جي چاپلوسي نہ ڪيو ڇاڪاڻ جو اُهي بہ اوهان وانگر بي وس آهن. جيئن تہ سڀ ڪجهہ اسان جي جسمن جي باري ۾ آهي ان ڪري اسان کي پنهنجو پاڻ ۾ ڇوٽڪاري جي ڳولها ڪرڻ

گهرجي ۽ پنهنجو پاڻ کان سواءِ ڪنهن تي بہ ڀروسو ڪرڻ نہ گهرجي. ياد رکو، هر ڪو ماڻهو پٿ جي ڪينئن وانگر پنهنجو قيدخانو پاڻ ئو اُڻي ۽ سڀ ڪجهہ انسان جي پنهنجي عملن جو نتيجو آهي.“

جينيءَ چيو: ”جيو سڀ کان اتم ۽ پوتر آهي. جيو جو احترام ڪيو. هر ڪارڻ جو ڪونہ ڪو نتيجو آهي ۽ هيءَ ساري سرشتي ڪارڻ ۽ نتيجي جي بي رحم اصول تي ٻڌل آهي. مان جيڪو عمل ڪيان ٿو تنهنجي نتيجي جو ذميوار مان خود آهيان. اهو نتيجو مونکي خود ئي ڀوڳڻو آهي. ڪوبہ ديوتا مونکي ان کان بچائي نٿو سگهي. جينيءَ خدا کان انڪار ڪيو ۽ انسان جي عمل ۽ ڪارڻ ۽ انجي نتيجي کي ئي خدا مڃيو. موت، حياتي، ڏک سُک سڀ جو ڪارڻ انسان جو عمل آهي ۽ وجود جي ساري ذميواري انسان تي آهي.“

”ڪهڙن خيالن ۾ وينو آهين.“ هن جي وديارٿي ساٿي موهن هن جي ڀر ۾ ويهندي چيو.

”سوچيان ٿو تہ اسان فطرت جي عناصر کي ڇو ٿا پوڄيون.“

”اهڙي سوچ جي ڪري تہ سڀ توکي ناستڪ چوندا آهن.

”اڄ تہ پراڪرتي (فطرت) جي ۽ ديوتائن جي باري ۾ ڏاڍيان ڏاڍيان سوچيون.“

واءُ جو جهوٽو لڳو ۽ پپل جان پن ڪڙڻ لڳا.

”پپل جا پن هوا ۾ ائين ٿا ڪڙڪن جڻ ٻانيڻ اشلوڪ ٿا اچارن.

’پران وقت تي محيط آهن. ٻيلي ۾ رام ۽ لڇمڻ جي وچ ۾ سيتا ائين ٿي هلي جيئن انسان ۽ خدا جي وچ ۾ فريبِ نظر. ڪارو ڪارو جهنگ. لڇمڻ ۽ رام اڪيلا ٿا وڃن. ڪارن ڪڪرن ۾ وڄ چمڪي. رام لڇمڻ کي چيو تہ ڪارن ڪڪرن ۾ وڄ ائين ٿي چمڪي جيئن ڪنهن خراب ماڻهوءَ جي دل ۾ نيڪيءَ جو خيال. رشين ۽ اوتارن جا ٻول وقت تي محيط آهن.“

”هيءَ ساري ڪائنات ڪارڻ ۽ نتيجي جي بي رحم اصول تي ٻئي هلي. ان کي هلائڻ وارو ڪو ڀڳوان ڪونهي.“

”ڪو تہ ڪارڻن جو ڪارڻ بہ آهي. ايشور جيڪو برهما جو مظهري روپ آهي.“

”ڪارڻن جو ڪارڻ برهم جو مظهري روپ ايشور نہ آهي پر پراڪرتي (فطرت) آهي. انڌي، اونداهي ۽ بي شعور پراڪرتي! ڪوبہ ڪارڻ پنهنجي نتيجي کان جدا نہ آهي پر پنهنجي نتيجي ۾ سمايل آهي. ڪارڻ ۽ انهن جا نتيجا اڻ ڳڻيا آهن. جيئن ڪارڻن ۽ انهن جي نتيجن جو سلسلو ختم ٿو ٿئي اتي سيني ڪارڻن جو ڪارڻ شڪل ۽ صورت مان نڪري رڳي قوت ٿو بڻجي.“

”ان کي اسين ايشور سڏي سگهون ٿا جيڪو برهم جو مظهري روپ آهي.“

”اها قوت ايشور نہ آهي پر پراڪرتي آهي جنهن جو تعلق مادي جهان سان آهي. پراڪرتي پاڻ تخليق ڪري نٿي سگهي. تخليق لاءِ هوءَ پُرش (روح) جي محتاج آهي. پرش (روح) نہ ڪارڻ آهي نہ نتيجو پر علم آهي. پرش جي ميلاپ سان پراڪرتيءَ ۾ چرپر ۽ حرڪت ٿي پيدا ٿئي ۽ ان چرپر سان شيون وجود ۾ ٿيون اچن. اهڙيءَ ريت دنيا بدلجي ٿي تہ عناصر پيدا ٿا ٿين. عناصر جوهر ۾ جوهر قوت ۾ ۽ قوت پراڪرتيءَ ۾ ٿي بدلجي ۽ اهو سلسلو ائين جاري ٿو رهي. پرش پاڻ چرپر ۽ تبديليءَ جو سبب نٿو بڻجي. پرش چرپر ۽ تبديليءَ کان متاهون آهي. هو نہ فاعل آهي نہ مفعول، نہ ڪارڻ ۽ نہ نتيجو، سيني شين تي محيط پر سيني کان لاتعلق. پرش اڻ ڳڻيا آهن. ڪائنات جي تخليق جو ڪارڻ پراڪرتي آهي. پرش ۽ پراڪرتي جدا جدا آهن پر پرش پراڪرتيءَ جي آئيني ۾ پنهنجو حُسن ڏسي حيران ٿي ويو ۽ هن جي اها حيرت زندگيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿي.“

”ڪرشن ڀڳوان چيو: پراڪرتي ۽ پرش کانسواءِ هڪ ٽين قوت بہ آهي جيڪا پرش ۽ پراڪرتيءَ کي ملائي ۽ جدا ٿي ڪري. اها قوت دانا

۽ بينا آهي. سالڪ کي گهرجي تہ ان کان مدد گهري ۽ ان ۾ پاڻ کي فنا ڪري."

"پراڪرتيءَ جا ٽي جوهر آهن" ماڻڪ موهن جي ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي چيو، "ستوه، تمس ۽ رجس. اهي ٽيئي جوهر هر شيءِ ۾ موجود آهن. انهن کي رنگن جي مثال سان سمجهائي سگهجي ٿو. ستوه جو رنگ اڇو آهي. انسان تي ستوه جو غلبو هوندو تہ هو نيڪ ۽ داناءُ هوندو.

تمس جو رنگ ڳاڙهو آهي. تمس جو غلبو هوندو تہ ماڻهو جاهل ۽ سست هوندو.

رجس جو رنگ ڪارو آهي. رجس جو غلبو هوندو تہ ماڻهو جاهل ۽ سست هوندو.

اهي ٽي جوهر سيني موجودات ۾ موجود آهن. ماڻهوءَ تي ڪڏهين هڪڙي جو غلبو ٿو ٿئي ۽ ٻيا ٻہ جوهر لِڪي ٿا وڃن. ڪڏهين ٻئي جو ۽ ڪڏهين ٽئين جو غلبو ٿو ٿئي. درياه جي ويرن وانگر ڪا وير چڙهي ٿي تہ ڪا لهي ٿي. دنيا جي چرپر، حرڪت ۽ تبديلي. شين جو وجود ۽ فنا، بلندي ۽ پستي، سڀ انهن سان آهي.

پراڪرتي ناهڪاري آهي ۽ پرش هاڪاري. ناهڪار ۽ هاڪار جي ميلاپ سان اعتدال جي هڪ نئين صورت تي پيدا ٿئي ۽ پراڪرتيءَ جا ٽيئي جوهر عمل ۾ ٿا اچن. سڀ کان پهرين رجس عمل ۾ ايندو آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻيا ٻہ جوهر عمل ۾ ايندا آهن. ٽنهي جي عمل ۾ اچڻ سان سخت بيچيني پيدا ٿيندي آهي. ٽيئي هڪ ٻئي تي غلبو حاصل ڪرڻ جي ڪندا آهن. ڪڏهين هڪ کي غلبو ٿيندو آهي ۽ ڪڏهين ٻئي کي تہ ڪڏهين ٽئين کي. شري موهن داس ويدانتي! اهي اٽيئي هن سرشتيءَ جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ جا سبب ۽ ڪارڻ ۽ نتيجي جو سلسلو. ان سلسلي ۾ منهنجو پڳوان تہ ڪٿي نظر نٿو اچي."

ڪرشن ڀڳوان چيو تہ جيڪڏهن سالڪ پنهنجي نفس کي ماري تہ اهي ٽيئي جوهر هن جا تابع ٿي ويندا. شنڪر چيو تہ برهم ڪائنات آهي ۽ ڪائنات برهم آهي. دنيا جي ڪثرت ڪوڙ ۽ اکين جو فريب آهي. مايا ۽ اوديا (جُهل) هڪ آهي. جيئن برهم ۽ جيو آتما (شخصي روح) هڪ آهي تيئن آيا ۽ اوديا بہ هڪ آهي. برهم جو شعور مايا سان ڳنيجي وڃي تہ ان کي اسين ايشور سڏينداسين ۽ اوديا سان ڳنيجي وڃي تہ ان کي اسين جيو آتما سڏينداسين. مايا ايشور جي شڪتي آهي جنهن سان هو مادي عالم کي تخليق ڪندو آهي. مايا ايشور ۾ ائين لڪل آهي جيئن باھ ۾ گرمي لڪل هوندي آهي.“

”جي دنيا ڪوڙ ۽ فريب آهي تہ ظلم، ڏاڍ، انياءُ بہ ڪوڙ ۽ نظر جو ڌوڪو آهي ان ڪري دنيا مان ظلم ۽ انياءُ کي مٽائي دنيا کي جنت بڻائڻ جي ڪوشش اجائي آهي، چاڪاڻ تہ اها جنت بہ ڪوڙ آهي. جيئڻ جو مقصد رڳو هڪڙو آهي تہ هن ڪوڙي جهان مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙجي. ڪيڏي نہ ناڪاري سوچ آهي!

”آستڪ (خدا پرست) ۽ ناستڪ (خدا کان منڪر) ماڻهوءَ جي رويي جا نانوَ آهن. تنهنجو رويو ناستڪ آهي ان ڪري توکي ڏاهي ڪپل جا دليل وڌيڪ وزني ٿا لڳن ۽ منهنجو رويو آستڪ وارو آهي ان ڪري ئي مونکي ڪرشن ڀڳوان ۽ شنڪر جا دليل وڌيڪ وزني ٿا لڳن. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سچ ڇا آهي.؟“

سچ رڳو گوتم ٻڌ لڌو هو جنهن چيو تہ تبديلي ۽ ڦيرگهير جو قانون سچ آهي. تبديلي ئي زمان ۽ مڪان آهي. ڪا شيءِ هڪ ئي حالت ۾ هڪ هنڌ بيٺل ڪانهي. هر شيءِ بدلجندي ٿي رهي. مذهب، سوچون ۽ سچ، سڀ ڪجهہ بدلجندا ٿا رهن. ويدن ۾ برهم جو لفظ شرڌا، دُعا يا عقيدت جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي ۽ آتما ساهہ جي معنيٰ ۾. پر اپشدن تائين پڄندي پڄندي بنهي جون معناعون بدلجي ويون. برهم آفاقي قوت يا آفاقي روح ۽ آتما شخصي روح ٿي ويئي. ويدن ۾ آواگان

جو تصور ڪونهي پر پوءِ جي رشين آواڳان ۽ سنسار چڪر جو تصور آندو جنهن مان ويدانيت ڦٽي نڪتي. سوال آهي تہ هن دنيا کي ڪنهن تخليق ڪيو. تون ۽ مان ڪيئن وجود ۾ آياسين. جيئڻ جو مقصد ڇا آهي. گوتم چيو تہ هي جهان جيڪو اسان کي نظر اچي ٿو اهو پنهنجي تشريح لاءِ ڪنهن بہ ديوتا، ڀڳوان يا ايشور جو محتاج نہ آهي. گوتم پهريون انسان آهي جنهن اخلاق کي مذهب ۽ ڀڳوان کان آزاد ڪرائي نئين سر مرتب ڪيو. پر هن جو اخلاق شخصي ۽ ناهڪاري آهي جنهن ۾ سماج جي سڌاري جي ڪا ڳالهہ ڪانهي. جيئڻ جو مقصد اُهو آهي تہ هن جهان مان ڏاڍ، انياءَ کي ختم ڪري زندگيءَ کي سُندر ڪان سُندر بنائجي. زندگيءَ جي مقصد جي ڄاڻ رام کي هئي جنهن وقت جي راوڻ سان جنگ ڪري زندگيءَ جي سيتا کي آزاد ڪرايو، ڪرشڻ کي هئي جيڪو ڪورو ۽ پانڊن جي جنگ ۾ ارجڻ جو رٿ بان ٿيو، محمد صلي الله عليہ وصلعم کي هئي جنهن ڄِهل ۽ انياءَ سان پنهنجي سر جنگ ڪئي. مسلمان صوفين جو هڪڙو طبقو هو جنهن کي اخوان الصفا چوندا هئا، اهي باطني هئا. تن چيو تہ جيڪو ماڻهو صداقت تائين پڄڻ گهري انکي سقراط جي بي نيازي، ابن مريم جي ايثار ۽ علي بن ابي طالب جي جوانمرديءَ جا نمونا پنهنجي آڏو رکڻ گهرجن.“

اوچتو پريان ڪان سَنکن جو آواز آيو.

”شايد جوڳين جو ٽولو ٿو اچي.“ موهن چيو.

”جوڳي بہ عجيب مخلوق آهن. وڏا گهراڻا، پڙهيل لکيل ماڻهو دنيا تياڳي، انگَ ڀڀوت ڪري، جهنگن ٻَرن ۾ پنڪي پنهنجو پاڻ کي ايذاءُ ٿا ڏين.“

”هو ڀڳوان کي ڳولهڻ لاءِ دنيا تياڳيندا آهن.“

”ڇئبو تہ جوڳين جو ڀڳوان ايذاءُ پسند آهي ۽ پنهنجي سالڪن کي ايذاءَ ڏيئي پوءِ ٿو ڪين ملي. بي ڳالهہ تہ ڀڳوان کي شهرن ۽ وسندين

ڪان ايڏي نفرت ڇو آهي جو شهر ۽ وسنديون ڇڏي جهنگن ٻَرن ۾ ٿو رهي ۽ سڀ سالڪ ڪيس جهنگن ٻَرن ۾ ٿا ڳولين.“

”هاڻي تون هتي ماٺ ڪري ويهه تہ مان وديالي مان ڪاغذ ۽ ڪِلڪ ڪٽي اچان.“

”وري ڪو ويدانت تي پستڪ لکڻو اٿيئي ڇا؟“

”هڪڙو مسلمان صوفي ويراڳي آهي. ڏاڍيون عجب ڪوتاؤن ٿوچئي. جوڳين جي سنگ ۾ گهمندو ٿو وتي. جوڳين جا ٽولا هن جا بيت ۽ وايون جهونگاريندا ٿا وتن. مان جوڳين ڪان سندن بيت ۽ وايون ٻُڌي لکي ڇڏيندو آهيان. جوڳين جو ٽولو پيو اچي. هنن کي صوفي سائينءَ جا بيت ضرور ياد هوندا.“

موهن وديالي ڏانهن ويو ۽ ماڻڪ اڪيلو ويٺو رهيو. هن جا وديارٿي ساٿي وڃي چڪا هئا ۽ هر طرف چُپ چپات هئي جنهن ۾ درياءَ جي ڇولين جو هلڪو هلڪو آواز ۽ پکين جي لاتِ تي گونجي. ايتري ۾ سامهون درياهہ مان شاهي ٻيڙا هاڪاريندا لنگهيا. ٻيڙن جون قطارون هيون. شايد شاهي فوج ڪيڏانهن ڪوچ ڪيو هو يا شايد وري ڪنهن باغي قبيلي تي حملو ڪرڻ لاءِ ٿي ويون. وري خونريزي، قتلام ۽ ماڻهن جو ڪوس! سنڌ ۾ هر طرف بغاوتون ۽ ماڻهن جو ڪوس هو. ڳاتي پڳا محصول، ظلم، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ. ماڻهو يا تہ ظلم خلاف بغاوتون پيا ڪن يا جوڳي ويراڳي ٿي، دنيا تياڳي، جهنگن ٻَرن ۾ پيا پِنڪن. وري ڪَرم ۽ عمل جو مسئلو سامهون ٿو اچي. جينن ۽ ٻوڌن سچ چيو هو تہ انسان پنهنجي عمل جو پاڻ ذميوار آهي. ڏُک سُک، موت حياتي بلندي پستيءَ جو ڪارڻ هن جو پنهنجو عمل آهي پر ڇا ماڻهو پنهنجي عمل ۾ آزاد آهي ڇا حالتن جو جبر ماڻهوءَ جي عمل جو تعين نٿو ڪري. ماڻهو ويچارو تہ لڳاتار خارجي حالتن جي جبر ۾ آهي ۽ خارجي حالتون ئي هن ڪان عمل ڪرائين ٿيون. پوءِ ماڻهوءَ کي پنهنجي عمل جو پاڻ ذميوار ڪيئن چئي سگهجي ٿو.

اوچتو ئي اوچتو ماڻڪ جي دل پڙهائيءَ مان ڪٽي ٿي پيئي. جنهن اُستاهُ سان سبق پڙهندو هو، گيانن ۽ آچارين کان سوال پڇندو هو. پنهنجي وديارٿي ساٿين سان بحث ڪندو هو. آهستي آهستي هن جو اُهو اُتساهُ ختم ٿيڻ لڳو، علم ۽ وديالي کان هن جي دل کٽي ٿي پئي. هن کي لڳو ته جتان هن پنهنجو ذهني سفر شروع ڪيو هو، اج به هو اتيئي بيٺو هو. اکرن، خيالن ۽ سوچن جو گهاٽو جهنگ هو. هڪ اکر ٻئي اکر کي رد ٿي ڪيو، هڪ رستي ٻئي رستي کي ٿي ڪٽيو جنهن رستي تي وچ اهو رستو ڪنهن منزل تي پهچائڻ جي بدران، سوالي نشان بڻجي، اڳيان اُڀو ٿِي ٿي بيٺو. ڪنهن مهل هن کي ائين لڳندو هو جڻ هي وديالو وڏو شمشان آهي جنهن ۾ صديون اڳ جي ڏاهپ ۽ ڏاهن جي سڙيل چِتائن جي رَک ڪتابن ۾ محفوظ رکي آهي. سڀ گياني، اچاريه ۽ پنڊت اُن رک تي ابتا سبتا ۽ بي معنيٰ ليڪا ٿا ڪڍن. اهي گياني ۽ اچاريه جڻ قبرستان مان اُٿي آيل مڙدا آهن جيڪي چتائن جي رک ما چپٽيون پري ماڻهن ۾ ورهائيندا ٿا وتن. هر شيءِ چرپر، تبديلي ۽ ڦير گهير ۾ هئي. ڪائنات ۾ پيچ ڏاه جو ڪهرام متل هو. هر پراڻي شيءِ ڍهندي ٿي ويئي ۽ نئين شيءِ جنم ٿي ورتو. پر هي گياني، اچاريه ۽ پنڊت وقت جي حرڪت، تبديلي ۽ تبديليءَ سان ٿيندڙ پيچ ۽ ڏاه کان بيخبر، صدين کي اُبتو اورانگهي، کنڊرن ۾ گونجندڙ ماضيءَ جا پڙاڏا ٿا ٻڌن ۽ انهن پڙاڏن کي ازلي ابدي سچ ۽ ڏاهپ ٿا سمجهن. ماضيءَ جي ڏاهن پنهنجي پنهنجي دور جي سوالن جا جواب ڏنا هئا. هر دور جا پنهنجا سوال آهن. منهنجي دور جا ڪهڙا سوال آهن ۽ انهن جا ڪهڙا جواب آهن.

ڪڏهين ڪڏهين سوچيندو هو ته هاڻي وديالي کي ڇڏي پيءُ جو ڪاروبار ۽ ليکي چوکي جي ٻَندي سنڀاليان. اکرن سان زندگيءَ جي سچاين کي ماپي ڏٺم هاڻي انگن سان ماپي ڏسان.

هڪڙي چانڊوڪيءَ رات جو هو پنهنجي حُجري ۾ ليٽيو پيو هو تہ جوڳين جي سَنک جو آواز هن جي ڪَن تي پيو. هن سوچيو. اڄ جوڳين سان رِهاڻ ڪري ڏسان ڪهڙي خبر انهن وٽان ڪا مٽيان ملي وڃي. موهن ڪاغذ ۽ ڪِلڪ ڪنئين. هو ٻئي درياہ ڏانهن روانا ٿيا. درياہ جي ڪپ تي پپل جي وڻ هيٺان جوڳين باهڙي ٻاري هئي ۽ سڀ دونهينءَ جي چوڌاري ويٺا هئا. چانڊوڪيءَ ۾ هنن جا ڀيوت لڳ، گيڙو ڪپڙا، ۽ ڪَنن ۾ لڙڪندڙ والا ڪيڏا پراسرار ٿي لڳا.انهن جوڳين ۾ اُهو سيد زادو صوفي بہ هو جنهن جون ڪوتائون جوڳي ويراڳي ڳائيندا هئا ۽ موهن لکندو رهندو هو. عشق جي چوٽ ڪائي دنيا تياڳي هئائين. نالو هيس شاہ عبداالطيف. سهڻو شهزادو. شڪل مان وڏ گهراڻو ٿي لڳو. منهن تي عجيب نُوراني سانت. اکيون وڏيون سهڻيون. چڻ ازل جا اسرار پيون ڳولهن. هن جون اکيون چنڊ ۾ کُتل هيون. هن چنڊ تان نظرون هٽايون ۽ ڪنڌ جهڪائي مونن ۾ منهن وڌائين. اوچتو هڪڙي جوڳيءَ صدا هنئين الک نرنجن! ٻئي جوڳيءَ چيو ا.... هو.... ٽئين جوڳيءَ سُر ڪنيون. الو.... ميان ۽ چوٿون ڳائڻ لڳو.

جتي عرش نہ اُپ ڪو، زمين ناہ ذرو
نڪو چاڙهو چنڊ جو، نڪو سج سرو
اُتي آديسين جو، لڳو دنگ درو
پري پيـن پرو، ناٿ ڏنائون ناہ ۾.

هن جي منطقي ذهن قلابازي کاڌي ۽ هن جو ذهن تصوف ۽ ويدانيت جي ڪاڪ محل ۾ ڀٽڪڻ لڳو. جوڳيءَ ٻيو بيت ڏنو.

رهيا اُتيئي رات، صبح ويندءِ صابري
لُنءَ لُنءَ منجهہ لطيف چئي، ڪر تنين جي تات

سندي جوڳيان ذات، ٻئي ٻيري مس مڙي.

جوڳين جو آواز هن جي هانوَ ۾ سيرون وجهڻ لڳو. هن جي ساري وجود ۾ ڪو آسماني غم گونجڻ لڳو. هن کي پڪ ٿي ته هزارين سال اڳ سنڌوءَ جي ڪَپ تي رگ ويد جون رچاؤن رچڻ وارن رشين ۽ ڪَوين جي اندر ۾ به آڪاش وائي ائين ئي غم ڀڃي گونجي هوندي. آسمان ۾ چنڊ تي چمڪيو ۽ چوڏهينءَ جي اُداس چانڊاڻ هر طرف پکڙيل هئي. هوا ۾ پپل جا پن تي کڙکيا ۽ وديالي جي پويان ٻيلي ۾ وڻن مان واءُ جو آواز ائين ٿي آيو جڻ ڪي پٽڪيل روح تي رُنا. هن جي پنيان وديالو هو. ڏاهپ جو مساڻ! ۽ هن جي سامهون جوڳي ويٺا هئا جن نانهن ۾ ناٿ ڏنو هو. وچ ۾ باهه تي ٻري ۽ باه جي اُلن جو عڪس جوڳين جي منهن تي ٿي پيو. هن لاهري بندر کان ڪشمور تائين يڪتاري، چيڙن ۽ جهانجهن جا آواز ٻڌا، نانڪ پنٿن جي واتان گرو نانڪ جا شبد ٻڌا، سنت پنٿي اسماعيلين جا گنان، بابا فريد، شاه ڪريم ۽ قاضي قاضن جا دوها ۽ قلندر جي ڌمال ٻڌي. اُها سنڌ هئي. صوفين سنتن، سُک سانت جي سنڌ! پر سُک ۽ سانت جي اُن نگريءَ ۾ ڏاڍ جو ڪيڏو نه ڏهڪاءُ هو. هر طرف ڪوس ۽ قتلام. جوڳيءَ بيت ڏنو.

اگڻ آهين اڄ، صبح ويندءِ صابري
ڪج ڪاپڙين سان، روح رچندو رڄ
پير تنين جا پُڄ، متان سِڪين سنياسين کي.

هن فيصلو ڪيو ته هو اڄ ئي وديالو ڇڏي، هن سيدزادي صوفيءَ جو چيلو ٿيندو ۽ سندس سنگ مان دل جو ڏڪ ڳولهيندو. آڌيءَ رات جو هو موهن کي جوڳين وٽ ڇڏي، اُٿي آيو. حجري ۾ اچي، پنهنجي سامان جي ڳنڍ ٻڌي، پڙڇ تي آهلي پيو. سوچيائين اَسر جو جوڳين سان گڏ هليو ويندس. ٿوريءَ دير لاءِ هن جي اک لڳي ويئي پر پوءِ هو ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. ڳنڍ کلهي تي رکي وديالي مان نڪتو ۽ درياءَ جي ڪپر تي

اڃا ڏنائين تہ اُتي ڪو ڪونہ هو. رات جوڳين جيڪا ٻاهڙي ٻاري هئي تنهن جي رَک تي اُڏاٽي ۽ جوڳيئڙا دلين جا سنک وڄائيندا واٽ وٺي ويا هئا. هن تہ سوچيو هو تہ هو اُن سيد زادي صوفيءَ جو چيلو ٿيندو ۽ دل جي دڳ تان نانهن ۾ ناٿ ڏسندو پر سيد زادو صوفي بہ هن کي ڇڏي هليو ويو هو. هاڻي هو ڪيڏانهن وڃين، کهڙي واٽ وٺي. وديالي کي هو ڇڏي آيو هو جوڳي هن کي ڇڏي هليا ويا هئا. هاڻي ڪيڏانهن وڃين. نٿو! نٿي ۾ هن جو گهر هو ۽ نٿي هن کي سڏ ڪيا. نٿي جي مَنگهن هن کي صدائون ڏنيون ۽ نٿي جي هوا هن کي پاڪر ۾ پرڻ لاءِ هن ڏانهن ٻانهون ڊگهيريون ۽ هو نٿي ڏانهن روانو ٿيو.

....

پادري الفنسو باربوسا عبادت پوري ڪري گرجا مان ٻاهر نڪتو تہ مِينهن جي بوند هن جي منهن تي پئي. هن اکيون کڻي آسمان ڏانهن نهاريو. آسمان ۾ ڪارا ڪڪر مڙي آيا هئا ۽ اڇا اڇا ڪَنگ تي اڏاٽا، هوا ۾ چيڪي مٽيءَ جي خوشبوءِ رچيل هئي. پريان سمنڊ جي ڪاريءَ وٽان ٽيٽيهر جي ”ٽين ٽين..... ٽين ٽين“ جو آواز آيو. سسٽر ايلز چيو:

”منهنجي خيال ۾ مينهن پوڻ وارو آهي، اڄ نٽي نہ وڃون.“

”مينهن مونکي چا ڪندو. ٽَنگ ڪيائين تہ ڪنهن وسنديءَ ۾ پناه وٺندس.“

پادري گرجا جي آڳر مان نڪري وسنديءَ ڏانهن روانو ٿيو. سامهون قلعو هو جنهن جي چئني برجن تي توبون رکيون هيون. هن بندر مان ڏيساورن مان آيل مال نٽي ويندو هو تہ رستي تي مڪراني ڌاڙيل قافلن کي ڦريندا هئا ۽ قافلن جي بچاءَ لاءِ مغلن جو ٻن سَون جو فوجي دستو ان ۾ رهندو هو. قلعي کان اڳتي لاهري بندر جي وسندي هئي. مِٽي ۽ ڪاٺ جا اٽڪل ٻہ سو ٽي سو گهر هئا. شروع ۾ هو جڏهين هتي آيو هو تہ ماڻهو هن کي ان وسنديءَ ۾ اچڻ نہ ڏيندا هئا. پر پوءِ آهستي آهستي جڏهين ماڻهن کي خبر پئي تہ هو ڊاڪٽر بہ آهي تہ ماڻهن هن وٽ اچڻ وڃڻ ۽ ڪيس پنهنجي گهرن ۾ وني وڃڻ لڳا. هاڻي وسنديءَ جا سڀ ماڻهو، هڪ هڪ ٻار، هڪ هڪ پوڙهو ۽ هڪ هڪ جوان هن جو چڱيءَ طرح واقف هو. هو وسنديءَ ڏانهن ويو. رستي ۾ گهٽين مان لنگهڻ وارن هن جي ڪيڪر ڪئي ۽ وسنديءَ جا ڪِنا، ڪوجها، ڪارا ۽ ٻُجڙا ٻار ”فادر اچي ويو.....فادر اچي ويو.“ چوندا ڊوڙندا، هن جي جنگهن سان چنبڙيا. هن سيني ٻارن کي پيار ڪيو ۽ ڪين ٽول ڏنا. هن وسنديءَ جي ٻن چئن مريضن کي ڏٺو. سيني کي مليريا هئي. مليريا کي ماڻهن بيماري ئي نٽي سمجهيو. موسمي تپ چئي ٽاري ٿي ڇڏيائون. پر پوءِ جڏهين بخار سندن

هڏن ۾ ويهي تي ويو تڏهين لاچار تي طبيب وٽ تي ويا جنهن کين گھوٽا ۽ ڪاڑها تي ڏنا. هن پاڻ سان ڪونين آندي هئي ۽ ڪونين معجزو ڏيکاريندڙ دوا هئي. ان ڪونين جي مدد سان هو ماڻهن جي گھرن ۾ سندن دلين تائين پڄڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو.

وسنديءَ کان واپسيءَ تي هو ڪاريءَ واري پاسي کان آيو. ڪاريءَ ۾ ڏيساور جي ڪنهن جهاز لنگر هنيون هو ۽ مزدورن سامان لاٿو ۽ چاڑهيو ٿي. هو بہ اِئين ئي پاٽيءَ جي جهاز ۾ گوا مان هت آيو هو. هن ڊيڪ تي بيهي ڪناري ڏانهن نهاريو هو ۽ آسمان مان مينهن جي بوند هن جي مُنهن تي پئي هئي. آسمان ۾ ڪارا ڪڪر هئا، اڇن ڪنگن جا ولر ٿي اڏاٽا ۽ پريان ٿيٺيهر جي ”ٿين ٿين.....ٿين ٿين.“ جا آواز ٿي آيا.

پادري الفنسو باربوسا اصل پورچوگيزي هو. تمام غريب گھراڻي ۾ پيدا ٿيو هو ۽ هن جا پيءُ ماءُ قسمت آزمائڻ لاءِ لزبن مان پورچوگيزي جهاز تي چڑهي هندوستان روانا ٿيا هئا. رستي ۾ جهاز تي ڪا وچڑندڙ بيماري پئي هئي. اڌ کان وڌيڪ مسافر ان بيماريءَ ۾ مئا هئا. هن جا پيءُ ماءُ بہ اُن بيماريءَ جو شڪار ٿيا هئا. جهاز ۾ هڪڙي پادريءَ سفر تي ڪيو. مرڻ وقت هن جي ماءُ هن کي پادريءَ جي هنج ۾ ڏنو هو ۽ گوا ۾ پادريءَ هن کي پالي نپائي وڏو ڪيو هو.

پادريءَ کي هو پاپا چوندو هو. پاپا ڏاڍو مانيٽو هو ۽ ڪم جي ڳالھ ڪانسواءِ اجايو اکر بہ نہ ڳالھائيندو هو پر هن سان ننڍڙن ٻارن وانگر ڪڇهريون ڪندو ۽ رانديون ڪيڏندو هو. پر پوءِ جڏهين هو وڏو ٿيو تہ پاپا هن سان بہ گھٽو ڳالھائڻ ڇڏي ڏنو ۽ ٻنهي ۾ ويڇا اچي ويا. پاپا هن جو آدرش هو. سنهڙو، ڊگھو ۽ مانيٽو. سنهي ڏاڑهي جيڪا ڪاڏيءَ وٽ ٿوري ڊگھي ٿِي ٿي وئي. ڊگھو اڇو چوغو مٿي تي ٽِڪڻ وٽ ننڍي اڇي ٽوپي ۽ ڳچيءَ ۾ صليب جي زنجيري. ڊگھا سنهرا وار ۽ اداس اکيون، ماٺ ڪيو پيو گرجا ۽ گرجا جي ساون ساون ٻارن ۾ گھمندو هو. آچر جي ڏينهن گرجا ۾ عبادت ڪرائيندي انجيل جون آيتون پڑهندو هو تہ ائين لڳندو هو

جڻ يسوح مسيح صليب تان لهي، ماڻهن جي سامهون بيهي ماڻهن کي آسماني پيءُ جي محبت جون آيتون ٿو ٻڌائي. ننڍي لاءِ پاپا کي گرجا ۾ عبادت ڪرائيندو ڏسي هن سوچيو ته جيڪر يسوح مسيح جي بدران ماڻهو پاپا کي صليب تي چاڙهن ها ته پاپا جي ڪيڏي نه مجتا ٿئي ها.

اسڪول جي تعليم پوري ڪري هو ڪاليج ۾ آيو ته ڪاليجي دوستن سان اٿندي ويهندي هن کي پنهنجي شخصيت جي هڪ عجيب اوڻائيءَ جي خبر پئي. هن کي خبر پئي ته هن جو سياءُ عام ڇوڪرن کان نرالو هو. هن جي ذهن ۾ ڪوهيڙو ڇانيل هو ۽ هو هر ماڻهو ۽ هر ڇهري کي اُن ڪوهيڙي مان ڏسندو هو. هر ڇهرو، هر سياءُ ڌُنڌ ۾ ويڙهيل، اڻ ڇٽو ۽ وڻندڙ هو. هو ڇڪجي ان ڇهري ان سياءَ جي ويجهو ويندو هو ته اوچتو ئي اوچتو ذهن مان ڪوهيڙو ختم ٿي ويندو هو ۽ هر طرف تيز، تِکي ۽ چُڀيندڙ اُس پکڙجي ويندي هئي جنهن ۾ هو ماڻهوءَ کي هن جي آر پار ڏسي سگهندو هو. هن جون سڀ خاميون، اوڳڻ ۽ عيب هنکي چٽا نظر ايندا هئا. پنهنجي اصل حالت کان ڏهوٽا وڌا، جڻ هن جي اکين تي خوردبيني چڙهيل هئي ۽ هر هڪ شيءِ پنهنجي اصلي حالت کان ڏهوٽي وڏي نظر ايندي هئي. ماڻهن جو شڪليون ۽ شخصيتون ڏنگيون، ڦڏيون ۽ اڻ وڻندڙ نظر ايندڙيون هيون. انهن ڏينهن ۾ هن مصوري سکي. سندس تصويرن ۾ به انساني شڪليون عجيب نموني جون ڏنگيون ڦڏيون هونديون هيون. هن جون تصويرون ماڻهوءَ جي ظاهري صورت جي بدران هن جي اندر جو عڪس هيون.

ڇوڪرين جي معاملي ۾ هن جي ذهن مان ڪڏهين به ڪوهيڙو نه لٿو. هر ڇوڪري ست رنگي اندلٺ ۾ ويڙهيل هئي. هر جسم ميگهه ملهار هو جنهن جي وسڪار سان وجود ۾ ڪنٺهار ڪڙي پوندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين هنکي لڳندو هو جڻ هو پنهنجي ڇوڏاري پکڙيل ڇهرن جي جهنگ ۾ ڪنهن وڃايل ڇهري کي ڳولهيندو ٿو وتي. هن جي اندر جي اجنتا ۾ ڪا مورتي اُڪريل هئي جنهن جا نقش، جنهن جي جسم جا انگ

۽ ونگ هو هر چهري ۽ هر جسم ۾ ڳولهيندو هو. ڪي اکيون ان مورتيءَ جي اکين جهڙيون هيون تہ ٻيا نقش اوپرا ۽ اڻ سونهان هئا. جسم سجاتل هو تہ چهرو اوپرو هو ۽ چهرو سڃاتل هو تہ جسم اوپرو هو! ڄڻ ڪنهن هن جي روح تي اُڪريل مورتيءَ کي ڀڃي ان جا ٽڪرا ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا هئا. ڪنهن وٽ اُن جون اکيون هيون، ڪنهن وٽ چهرو تہ ڪنهن وٽ جسم. انهن سيني ورهايل ٽڪرن کي پاڻ ۾ ملائي مڪمل مورتيءَ کي هو ڳولهيندو رهيو هو ۽ پوءِ هڪڙي ڏينهن سڀ ورهايل ٽڪرا پاڻ ۾ ملي مڪمل صورت اختيار ڪري ويا. هن اکيون کٽي سامهون نهاريو هو. سامهون مارگريٽ بيٺي هئي. جنهن مشنري اسڪول ۾ هو ماستر هو اُن اسڪول ۾ هوءَ ماسترياڻي ٿي آئي هئي. ڪارو ڪُٽ بدن، ماسيريون چاتيون، ڪونج جهڙي ڳِچي، وڏيون وڏيون اکيون، چمن جهڙا ڪارا رس سان ڀريل چپ. ڪارو رنگ هنڪي ڏاڍو پراسرار لڳندو هو. شايد اهو هندستان جي روح جو رنگ هو. ڪرشن، رام ۽ مارگريٽ جو رنگ، شايد انسان جي جنسي خواهشن جو رنگ يا تہ تکو ڳاڙهو هو يا وري ڪارو ڪٽ.

مارگريٽ ۽ هو ٻئي دوست ٿي ويا. ٻئي سمنڊ جي ڪناري، ناريل جي وڻن جي جهنڊ ۾ ڪچهريون ڪندا هئا. الائجي سنڌن اندر ۾ ڪيتريون ۽ ڪهڙيون ڳالهيون هيون جيڪي ڪٽي نٽي ڪٽيون ۽ پل پهر ڪٽي ٿي ويا.

سج لڙيو ۽ گرجا جو صليبي نشان شفق جي رنگن ۾ جرڪڻ لڳو. ڪير سان ٻينل ٻيڙين جا سڙه ڦڙڪڻ لڳا. ڪناري سان ڏور تائين پکڙيل ۽ جهنڊ هٽي ٻينل ناريل جا وڻ جهولڻ لڳا. سائي سائي گاه تي اڇيون قميصيون ۽ نيريون چڊيون پاتل ٻارن رانديون ٿي ڪيڏيون. ڪير جهڙن اُجرن وڳن ۾ بہ ڪاريون ڪاريون جواڻ جماڻ نرسون الائجي ڪهڙيءَ ڳالهہ تي ٽهڪڙا ڏينديون هنن جي پر مان لنگهيون. يورپي طرز تي نهيل ڳاڙهي ڪپريل جي ڇتين وارن ننڍڙن بنگلن جي سائي سائي لان ۾ پورچوگيزي پوڙها ۽ پوڙهيون آرام ڪرسين تي آهليل هئا. هڪڙو

ٻاؤ ”اوم پريو شانتي“ چوندو هنن جي پر مان لنگهيو. گل فروش پوڙهي گوين هنن کي گل آڇيا. سمند جي ڪپرن جي آلاڻ هنن جي وجود ۾ رچجڻ لڳي. هن ڪنڌ جهڪائي چپ مارگريٽ جي چپن تي رکيا. لهرون کلڪار ڪنديون ڪپر ڏانهن وڌيون ۽ هنن جي وجود تي وري ويون.

هن پنهنجي شخصيت جي اظهار لاءِ مصوريءَ جو سهارو ورتو هو. پر هن جي تصويرن ۾ انساني صورتون ڏنگيون ڦڏيون هونديون هيون. هاڻي هن حواسن مان حاصل ٿيل لذتن کي روحاني رنگ ڏنو ۽ يسوح مسيح جي ننڍپڻ جي تصوير ناهي. يسوح مسيح ننڍڙي ٻار جي روپ ۾ ٻيبي مريم جي هنج ۾ هو. ٻيبي مريم جي نيڻن مان تقدس پري مامتا ٿي چلڪي ۽ هن جي پرسان حضرت يحيٰ بيٺو هو. هن تصوير مڪمل ڪري تصوير کي غور سان ڏٺو ۽ هنکي اهو ڏسي تعجب ٿيو تہ حضرت يحيٰ جي شڪل پاپا جهڙي هئي. بيبي مريم جي شبيهہ مارگريٽ جهڙي ۽ ٻار جي روپ ۾ يسوح مسيح هو پاڻ هو.

هو مذهبي ماحول ۾ پليو نپنيو هو. گهر جي ڪٽر مذهبي ماحول هن جي اندر ۾ مذهب کان بيزاري پيدا ڪئي. ڪتابن هن جي اندر ۾ عقل ۽ عقيدي جي چڪتاڻ شروع ڪئي ۽ هو مذهب کان پري ٿيندو ويو. مذهبي رسمن ۽ عبادتن ۾ شامل ٿيڻ ۽ گرجا ۾ وڃڻ بہ ڇڏي ڏنائين. ماڻهو هن جي عقيدن جي باري ۾ عجيب عجيب ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هو ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ موٽ ۾ ڪجهہ نہ چيائين. هن کي رڳو هڪڙي ڳالهہ جي حيرت هئي تہ ماڻهن تہ هن جي عقيدن جي باري ۾ هيڏيون ڳالهيون ٿي ڪيون پر پاپا ماٺ هو. ان باري ۾ پاپا هن سان اکر بہ نہ ڳالهايو هو. پاپا جي ماٺ هن کي بي چين ڪري ڇڏيو. هن چاهيو ٿي تہ پاپا هن سان هن جي عقيدن جي باري ۾ ڳالهائي. هن کي سڌي راهہ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري. هن تي ڪاوڙجي. پر پاپا ماٺ هو. آخر هن کان پاپا جي ماٺ برداشت نہ ٿي ۽ هڪ رات ڊائننگ ٽيبل تي هن پاڻ پاپا سان ڳالهہ ڪيڍي.

”پاپا، اوهان کي خبر آهي تہ مان عقيدو وڃائي وينو آهيان.“

”ها، مونکي خبر آهي.“ پاپا ڏاڍي ڌيرج سان وراڻيو. پاپا جي آواز ۾ نہ ڪاوڙ هئي ۽ نہ ڏک.

”اوهان مونکي عقيدي تي آڻڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪئي؟“

هن جو سوال ٻڌي پاپا هلڪي ڪنگهڪار ڪري نڙي صاف ڪئي، اها هن جي خاص اسٽائيل هئي.

”عقل جي آڌار تي جيئڻ وارا جڏهين عقيدي جو سفر شروع ڪندا آهن تڏهين رستي تي ٻي عقيدي جو رڻ پٽ بہ ايندو آهي ۽ اُهو رِڻ ماڻهوءَ کي اڪيلي سر پار ڪرڻو پوندو آهي.“

”پر پاپا. منهنجي ذهن ۾ ڪي سوال آهن جن جا جواب اوهان کي ڏيڻا آهن. منهنجو سڀ کان پهريون سوال اوهان جي باري ۾ آهي. مونکي ٻڌايو تہ اوهان زندگيءَ جي خوشين ۽ خواهشن کي پاڻ تي حرام ڪري راهب ڇو ٿيا؟“

”اُن لاءِ تہ يسوح مسيح جي محبت جو پيغام ماڻهن تائين پهچايان.“

”۽ ماڻهن جو اڳيون جهان سنواريان. ائين ني. پر مان اوهان کان پڇان ٿو تہ اوهان مذهبي ماڻهن کي انسان جي هن جهان سنوارڻ جي بدران اڳين جهان سنوارڻ جو اونو ڇو هوندو آهي. اوهان کي خبر آهي تہ ڪيترن ماڻهن لاءِ هيءَ زندگي ۽ هي جهان جهنم آهي پر اوهان مان ڪوبہ ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي جهنم مان بچائڻ لاءِ راهب نٿو ٿئي پر موت کانپوءِ جو جهان سنوارڻ لاءِ راهب ٿو ٿئي. اوهان کي ڪنهن حق ڏنو آهي تہ اوهان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سندس مذهب ڇڏي، ٻيو مذهب اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ماڻهوءَ کي ڇڏيو تہ هو پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان جيئي. اوهين رڳو ماڻهوءَ جون مجبوريون، بي وسيون، ڏُک ڏولاوا ڏُور ڪيو، ڪيس علم جو نُور عطا ڪيو ۽ زندگيءَ جون سچايون هو پاڻهي ڳولهي لهندو. گرجائن ناهڻ جي بدران اسڪول ۽ اسپتالون

تعمير ڪيو ۽ ماڻهوءَ ڪي زندگيءَ جي جهنم کان بچايو. مان مڃان ٿو تہ اوهان گوا ۾ اسڪول ۽ اسپتالون نهرايون آهن پر انڪري نہ تہ ماڻهوءَ سان ماڻهپي جي ناتي سان سندس اهنج ۽ ايذاءَ ۽ جهالت کي ختم ڪيو پر اُن لاءِ تہ جيئن هو زندگيءَ جون سهولتون حاصل ڪري عيسائي ٿئي. اُها خودغرضي آهي ۽ ان خودغرضيءَ کي خدا ۽ يسوح مسيح بہ پسند نٿو ڪري. اوهان کي مڃڻو پوندو تہ مذهب ماڻهوءَ کي سڌارڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي. مذهب جي نالي تي ڪيڏو نہ انساني ڪوس ٿيو آهي ۽ ”هڪ ڳل تي ڪو چماٽ هڻيوَ تہ ٻيو ڳل سندس اڳيان جهليو“ جهڙي تعليم ڏيڻ واري يسوح مسيح جا پوئلڳ هٿن ۾ بائيبل، بادفرنگ ۽ بارود کڻي آفريڪا ۽ ايشيا کي لُٽڻ لاءِ ڪاهي پيا آهن اڇو تہ مذهب کي رد ڪرڻ ڪانسواءِ ماڻهوءَ کي سڌارڻ ۽ زندگيءَ کي جنت بڻائڻ لاءِ ڪا ٻي واٽ ڳولهي ڪيون.

هو ماٺ ٿي ويو، هن کي لڳو تہ پاپا جي اڳيان ايڏي جوشيلي تقرير ڪري هن پنهنجي اندر جي ٻار کي اوڳاڇي ڪڍيو هو. پاپا هن کي ماٺ ڏسي کنگهڪار ڪري نڙي صاف ڪئي ۽ پهريون کان وڌيڪ تحمل سان چيائين.

”گوتم پنهنجي پڪشن کي چيو هو تہ ڪڏهين بہ ڪنهن سان بحث نہ ڪجو چاڪاڻ جو سچائيءَ کي رد ڪرڻ لاءِ بہ ايڏا ئي وزني دليل موجود آهن جيترا سچائيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ. سرمد کي چيائون تہ ڪلمو پڙهہ هو لااِلالله چئي ماٺ ٿي ويو. قاضين چيس تہ اهو تہ انڪاري فقرو آهي اڳتي اقراري فقرو چونہ ٿو پڙهين. سرمد جواب ڏنو تہ مان اڃا انڪار جي منزل تي ئي چڱيءَ طرح نہ پڳو آهيان ۽ اوهين اقرار جي منزل جون ڳالهيون ٿا ڪيو ۽ قاضين هن کي اقرار جي منزل تي پڄڻ کان اڳ ئي شهيد ڪري ڇڏيو. تون بہ اڃا انڪار جي منزل تي آهين ۽ مان بحث ۽ دليلن سان توکي ان منزل تي شهيد ڪرڻ نٿو چاهيان..... ”پاڻ اقرار جي منزل تي ملنداسين. شب بخير!“

چانڊوڪي رات، چوڏھينءَ جو چنڊ گرجا جي صليب ۾ اٽڪي بيٺو آھي. ناريل جا وڻ جھنڊ ھٽي ننڊ ۾ آھن. چوڏھينءَ جي چانڊاڻ ۾ سمنڊ جو سينو ساھ کڻڻ سان ھيٺ مٿي ٿو ٿئي ۽ ويرون ڪلنديون، ڪڏنديون، ڪناري تي اچي وٽڙي ٿيون وڃن. زندگيءَ جي ساري سونهن، خوشبويون، مارگريٽ جو موھ، سندس ڇھاءُ جسم ۾ جاڳندڙ، ڳائيندڙ، جھومندڙ جذبا. منھنجي ھجڻ، منھنجي ھستي ۽ منھنجي وجود جا شاھد آھن. وجود جي ھر مٿاڇري تي حواسن سان مان زندگيءَ کي محسوس ٿو ڪيان ۽ منھنجا حواس، منھنجا احساس ان ڳالھ جا شاھد آھن تہ مان آھيان، مارگريٽ ۽ سندس موھ آھي، زندگي آھي. ڪو ازلي ۽ ابدي پيار آھي جنھنجو ھڪ ٽيپو منھنجي ۽ مارگريٽ جو موھ آھي. ڪا ازلي ۽ ابدي سونهن آھي جنھن جي ھڪ ڪرٽي ڪائنات کي ھيڏي سونهن ۽ ھبڪار بخشي آھي. ڪا ازلي ۽ ابدي نيڪي آھي جيڪا انساني جسم جي صورت ۾ ھن دنيا ۾ اچي ٿي ۽ بڇڙائي ۽ شِر کي ختم ڪرڻ لاءِ صليب تي چڙھي ٿي وڃي. گرجائن جا گھنڊ، پرھ ڦٽيءَ جو بانگ جا آواز، مندرن جا جھانجھ ۽ جوڳين جا سنک ان نيڪي، ان سونهن ۽ ان پيار جا پڙلاءَ آھن.

”مارگريٽ، مان لامذھب آھيان پر دھريو نہ آھيان. مون رڳو پادرين جي مذھب ۽ سندن مدي خارج رسمن کي رد ڪيو آھي. منھنجا بہ وجود آھن. ھڪڙو عقلي ۽ ٻيو احساساتي. عقلي وجود مذھب کي رد ٿو ڪري ۽ احساساتي وجود ھر شيءِ ۾ ڪنھن ازلي ۽ ابدي حسن، پيار ۽ نيڪي کي محسوس ٿو ڪري. تنھنجي قرب ۽ تنھنجي ڇھاءَ سان مان ڪنھن ازلي سچ کي پنھنجي وجود ۾ ڌڙڪندو ٿو محسوس ڪيا.“

اسڪول مان موڪل جو گھنڊ وڳو. ٻارڙا ڊوڙندا ڪلاسن مان نڪتا. ھو مارگريٽ سان گڏ اسڪول مان نڪري رستي تي آيو. اڄ

مارگريٽ ڪوماٽيل ٿي لڳي. هن ڪيس ڇهي ڏٺو. مارگريٽ جو بت باھ وانگر ٿي ٻريو. هو مارگريٽ کي گهر ۾ ڇڏي، ڊوڙ پائي ڊاڪٽر وٺي آيو. ڊاڪٽر مارگريٽ جو علاج ڪيو پر سندس بخار نہ ٽٽو. پوءِ مهينو هنڪي بخار رهيو. ڪڏهين هن تي غشي تي طاري ٿي تہ ڪڏهين هوش ۾ ٿي آئي. هوش ۾ اچڻ سان مارگريٽ زور سان هن جو هٿ ٿي جهليو جيئن ڪو ٻڏندڙ ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪناري تي بيٺل ماڻهوءَ جو هٿ زور سان جهليندو آهي. بخار ۾ مارگريٽ ڳري ڪنڊا ٿي ويئي. هن جو ماسيرو بدن سڪي هڏائون پڃرو ٿي ويو، پريل پريل ڇاتيون ڪومائجي ويون. ڳلن ۾ ڪڏون ۽ اکيون ڏار ڏيئي ويون. ان حالت ۾ هوءَ پهرين کان وڌيڪ سهڻي ٿي لڳي. هن مارگريٽ جي ان بيمار سونهن کي ڏسي سوچيو. سونهن ڇا آهي. مارگريٽ جي ظاهري سونهن ختم ٿي ويئي آهي پوءِ بہ هوءَ مون کي ايڏي سهڻي ڇو ٿي لڳي. شايد اها منهنجي جذبي جي سونهن آهي جنهن بيمار مارگريٽ کي ايڏو سهڻو بڻائي ڇڏيو آهي. شايد جذبي جي سونهن ئي سچي سونهن آهي.

مهيني کان پوءِ هڪڙي ڏينهن مارگريٽ جو بخار ٽٽو. ان ڏينهن هو ڏاڍو خوش هو. مارگريٽ بہ خوش هئي. ٻئي ڏينهن مارگريٽ صحت جو غسل ڪيو، بهترين وڳو پاتو، وهنجي سهنجي پاڻ سينگاريو، چوٽيءَ ۾ رابيل جو گل سجائي هن کي چيائين "مونکي سمنڊ جي ڪناري تي وٺي هل"

"تون هيڏي ڪمزور آهين، سمنڊ جي ڪناري تائين ڪيئن هلي سگهندينءَ؟"

"تنهنجي سهاري سان مان دنيا جي هُن ڪناري تائين بہ هلي سگهان ٿي. هي تہ سمنڊ جو ڪنارو آهي."

هن ڪيس سهارو ڏنو ۽ ٻئي سمند جي ڪناري ڏانهن روانا ٿيا.

اج بہ سج لٿيو ۽ شفق جي رنگ ۾ گرجا جي صليب جرڪڻ لڳي. اڄ بہ دخاني جهاز جا سڙه ڦڙڪڻ ۽ جهنڊ هٽي بيٺل ناريل جا وڻ جهولڻ لڳا. اڄ

ٻہ هڪڙو ٻاؤ ”اوم پريو شانتي“ چوندو هنن جي پر مان لنگهيو ۽ پوڙهي گل فروش گوين هنن کي گل آڇيا. هو سمنڊ جي ڪناري تي اچي وينا ۽ واريءَ جي آلاڻ ۽ نرمي هنن جي جسمن ۾ لهڻ لڳي. وري چند نڪتو ۽ صليب ۾ اٽڪي بيٺو. سمنڊ ساه ڪنيان ۽ سمنڊ جو سينو هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو. ويرون نچنديون ٽپنديون، ڪلڪار ڪنديون هنن ڏانهن وڌيون ۽ سندن وجودن تان وري ويون.

”ائين تو لڳيم جڻ هي گهڙيون منهنجي تڪميل جون گهڙيون آهن. دل ۾ ڪا حسرت ڪانهي، اکين ۾ ڪو اڻ پورو خواب ڪونهي. جڻ سڀ خوشيون ماڻي ڇڏيم. سڀ خواب پورا ٿي ويا. دل ٿي چيو تہ ساري منظر کي، تڪميل جي هنن سمورين گهڙين کي اکين ۾ سانڍي سمهي پوان ۽ اکيون وري نہ کوليان. منهنجي هڪڙي ڳالھ مڃ، مان مري وڃان تہ تون يسوح مسيح ڏانهن موٽي وڃجانءِ“

”کهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. اڃا تہ اسان کي جيئڻو آهي. تڪميل جون اڃان کي ٻيون گهڙيون ماڻڻيون آهن. اڃا ڪيتريون خوشيون آهن جيڪي ماڻي نہ سگهيا آهيون، ڪيترا خواب آهن جيڪي جاڳندڙ اکين ۾ ستل آهن. اڃان اسان کي ننڍڙو گهر ٺاهڻو آهي. گهر جي اڱڻ ۾ اسانجا ٻار رانديون ڪيڏندا ۽ اسين لان ۾ آرام ڪرسين تي آهلي پنهنجي ٻارن کي ڪلندو ٽڙندو ڏسي خوش ٿينداسين.“

”مون کي پيار ڪر.“

هن مارگريٽ کي سيني سان لاتو. مارگريٽ هن کي ائين ٻانهن ۾ ڀڪوڙيو جڻ ڪو هن کي ڪانئس ڪسي وٺندو. اڄ تائين ڪڏهين بہ مارگريٽ هن کي ايڏي پيار ۽ زور سان نہ ڀڪوڙيو هو، جڻ هن وجودن جي سيني ويڇن کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. هن مارگريٽ جون اکيون چميون، پيشانيءَ تي چپ رکيا تہ اوچتو مارگريٽ جون ڀڪوڙيل ٻانهون ڍليون ٿي ويون ۽ ڪنڌ هڪ پاسي لڙي آيو. هن ڇرڪي مارگريٽ کي سيني کان ڌار ڪري هن کي غور سان ڏٺو. مارگريٽ جو بي جان جسم

هن جي ٻانهن ۾ هو. سمنڊ گجگوڙ ڪندي هن ڏانهن وڌيو ۽ سڀ ڪجهه ان ۾ غرق ٿي ويو...... ان کان پوءِ چا ٿيو تنهن جي هن کي ڪا يادگيري ڪانه هئي. ڪيئن مارگريٽ جو لاش گهر پهتو، ڪيئن گرجا جا گهنڊ وڳا، ڪيئن ڪفن ۽ دفن جون رسمون ادا ٿيون. هن کي رڳو ايترو ياد هو ته چنڊ گرجا جي صليب تي لڙڪيل هو ۽ هو مرمر جي بت وانگر مارگريٽ جي قبر وٽ بيٺو هو ۽ الائجي گهٽا ڏينهن گذري ويا هئا. پوءِ پاپا هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو هو ۽ کيس سهارو ڏيئي گرجا ۾ وٺي آيو هو. هن اکيون کڻي سامهون نهاريو هو. سامهون وڏي صليب تي يسوع مسيح لڙڪيل هو. هن کي ائين لڳو ڄڻ صليب تي يسوع مسيح جي هٿن ۽ پيرن ۾ کُتل ڪليون ڪنهن هن جي هانءَ ۾ نوڪيون ۽ پهريون دفعو هن يسوع مسيح جي صليب تي چڙهڻ جي ايذاءَ کي محسوس ڪيو ۽ اندر جي ايذاءَ مان هن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ هو اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. پاپا هن کي سيني سان لاتو ۽ هو پاپا جي سيني ۾ سڏڪندو رهيو. نيٺ جڏهن هو روئي روئي ساڻو ٿي پيو تڏهين هن پاپا جي سيني تان ڪنڌ کڻي، اکيون اگهي يسوع مسيح جي مورتيءَ ڏانهن نهاريو ۽ مورتيءَ تان نظرون هٽائڻ کانسواءِ هن پاپا کي چيو:

”پاپا، مان پادري ٿيندس.“

پوءِ هن طب ۽ جدا جدا مذهبن جي تعليم ورتي ۽ باقائدي پادري ٿيو ۽ پاپا کيس تبليغ لاءِ لاهري بندر موڪليو. گوا جي پيٽ ۾ لاهري بندر ڏاڍو ويران ۽ اداس هو. اڳوڻي مشهور بندر ديبل کان پنجن ميلن، ٺٽي کان چاليهه ميلن، سمند کان ويهه ميل اندرئين پاسي، مهراڻ جي هڪ شاخ جي الهندي ڪناري تي اهو بندر هو. پڪو قلعو، ڪاٺي ۽ مٽيءَ جا گهر، لاهري بندر ۾ هن کي عجيب اداسيءَ جو احساس ٿيو. اداس گهر، گهرن تي اداس منگهه، هوائن ۾ به عجيب بي ناڻ اداسي رچيل هئي. ماڻهن جي چهرن، سندن مرڪن ۽ ٽهڪن مان به اداسي ٽي بڪي. لاهري بندر جون چاندوڪي راتيون هن کي ڏاڍيون وڻيون. اداس

چاندوڪين ۾ هن جي پنهنجي روح جي ويرانين ۾ عجيب هڪجهڙائي هئي.

ٽيٽيهر ”ٽين ٽين ......ٽين ٽين ڪندو آسمان ۾ اڏاڻو. پادري خيالن مان جاڳي آسمان ڏانهن نهاريو ۾ مينهن جي بوند هن جي منهن تي پئي. ڪنگن جي قطار اُڏامندي لنگهي. پادري گرجا ڏانهن روانو ٿيو. گرجا جي احاطي کان ٻاهر وڻ جي هيٺان نوڪر گهوڙو جهلي بيٺو هو ۾ سسٽر ايلس هن سان گڏ بيٺي هئي. هن سسٽر ايلس کان مرڪي موڪلائي گهوڙي تي لانگ ورائي ۾ ٽني روانو ٿيو.

....

سارنگ جي دل تي ٺٽي جي حشمت ۽ هيبت ويٺل هئي. ٺٽي جا محل ۽ ماڙيون، مسجدون ۽ مندر، بندر ۽ بازاريون، ماضيءَ جي عظمت جا داستان سيني ۾ لڪائي، وقت جي وهڪري مان ڳاٽ اوچو ڪري بيٺل مڪليءَ جا مقبرا ۽ ڪنڊر، عالم، اديب، شاعر، صوفي ۽ سنت، گهوڙن کي سنجن سان سجائي، غرور سان رستن تي گهمندڙ شاهي ڪامورا ۽ جهولندڙ هاٿي. قلعہ حاڪم نشين مان نوبت جو آواز ٻڌي هن جي دل دهلجي ويندي هئي. ٺٽي جي عظمت آڏو هو پاڻ کي ڪيڏو نہ ننڍو ۽ ڪين جهڙو محسوس ڪندو هو پر هاڻي هن جو ڳاٽ ٺٽي کان بہ اوچو هو.

هن حاڪم جي دربار ۾ عالمن سان علمي بحث ڪيا، درٻاري شاعرن جي شاعريءَ تي تنقيد ڪري سندن بخيا اڌيڙيا. سيني جي وات تي واه واه هئي. هاڻي هنکي پنهنجي بهادري ۽ شهزوريءَ جا جوهر ڏيکارڻا هئا ۽ ڪيس موقعي جي تلاش هئي. علي هن جو پرجهلو هو. عليءَ سان گڏ هن مغل ۽ ترڪ ڳائڻين جا راڳ ٻڌا. شراب، شاعري ۽ شطرنج جي محفلن ۾ پاڻ مڃرايو. چاندوڪي راتين ۾ مڪليءَ تي ڪيرسر ۽ ڪنڊسر تلائن جي ڪَپر تي انگوري ۽ مشڪين شراب جا پيالا پيتا.

علي هن کي ڪينجهر ڍنڍ گهمائڻ وٺي ويو. چاندوڪي رات جو هن ڪينجهر جي ڪپ تي خيمان کوڙيا ۽ رات جو ٻيڙيءَ تي چڙهي وچ ڍنڍ ۾ مَڌُ پيئڻ لڳا. آسمان ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ ٽڪ ٻڌي بيٺو هو ۽ ڍنڍ ۾ ترندڙ چنڊ جي اولڙي سان لهرن راند تي ڪيڏي. هوا ۾ عجيب بي نانءُ هٻڪار هئي. ڪنڌيءَ سان ڪنول ۽ وڙاه! پريان ڪينجهر جي ڪنڌيءَ سان ڪنهن مهاڻي بيت ڏنو. مهاڻي جو آواز لهرن ۾ لڙهندو، چنڊ کي ڇهندو هنن جي ڪنن سان ٽڪرايو.

هيٺ جرُ، مٿي مچ، پاسي ڪان وڙاه

اڇي وڃي وچ ۾، تماچي جي ساءِ

لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

مهاڻي جو آواز ٻڌي ٻنهي کي پنهنجا پنهنجا ڏک سور ياد پيا. سارنگ پاڻ کي سنڌ جي سلطان ڄام تماچي جي روپ ۾ ڏٺو. ساري ڏيهہ ۾ سندس ڌهڪاءُ هو، سندس گهوڙي جي سُنبن سان ڌرتي ٿي ڪنبي، پر هن چارڻ جي ڌيءُ کان مات کاڌي. سنڌو هن سان ٻيڙيءَ ۾ ساڻ هئي. واهوندا وريا ۽ ڪينجهر ڪٽوري ٿي.

عليءَ پنهنجو پاڻ کي ڄام تماچيءَ جي روپ ۾ ڏٺو. پر هن جي ڪا نُوري ڪانہ هئي. هن هر جوان ۽ سهڻي عورت کي نُوري سمجهي ساڻس عشق ڪيو هو پر هر نُوريءَ کان هن جي دل ڪٽي ٿي پئي هئي. ڪاتہ اهڙي نُوري هجي جنهن لاءِ هو پنهنجي خودپرستي ۽ لذت پرستيءَ جي تخت تان لهي، ڪارو ڪلهي ڪري، مهاڻو ٿي مڇي ماري.

”ڪنهنجو ڪلام آهي؟“ سارنگ پڇيو.

”سيد زادي صوفي، شاهہ لطيف جو.“

شاهہ لطيف، شاهہ لطيف. ساري سنڌ ۾ شاهہ لطيف جو نالو ٿي گونجيو. اديون شاهہ لطيف چئي. لعلڻ لال لطيف چئي. هر دل ۾ شاهہ لطيف جي نانءَ جي نوبت ٿي وڳي.

”سائينءَ جو ڪلام ٻڌي ائين ٿو لڳي ڄڻ سائينءَ سنڌ جي ڏتڙيل ماروئڙن جي سورن کي زبان ڏني آهي.“

عليءَ جي دل ۾ اجان مهاڻي جي آواز جا پڙلاءَ هئا. عليءَ جي ڳالهہ ٻڌي سارنگ مرڪيو ۽ چيائين:

”مڃان ٿو تہ لطيف سائينءَ سنڌ جي ماروئڙن جي سورن کي زبان ڏني آهي. پر ڇا شاهہ جي شاعريءَ سان ڏتڙيل ماروئڙن جا سور ختم ٿي ويندا يا ڪين کو وڏيڪ ڪونہ ڏتڙيندو. ڏتڙيل ائين ئي ڏتڙيا رهندا ۽ ڏتڙيندڙ ڪين ڏتڙيندا رهندا. هن دنيا ۾ رڳا ٻن قسمن جا ماڻهو آهن. هيٺا ۽ ڏاڍا. اهو قدرت جو قانون آهي تہ هيٺو ڏاڍي جو ڪاڄ ٿئي“

”قدرت جا قانون بي رحم آهن.“ عليءَ چيو ” اهو بہ قدرت جو بي رحم قانون آهي تہ هيٺو ڏاڍي جو کاڄ ٿئي. سيءَ ۾ بيمار ٿيڻ بہ قدرت جو بي رحم قانون آهي پر انسان قدرت جي ان بي رحم قانون کان بچاءُ جي واٽ ڳولهي لڌي آهي ۽ ڪپهہ ۽ اُن مان ڪپڙا اُٽي، سيءَ کان پاڻ کي بچايو آهي. اسان کي قدرت جي ان بي رحم قانون کان تہ هيٺو ڏاڍي جو کاڄ ٿئي، پاڻ کي بچائڻو آهي.“

”نبي ۽ اولياءَ قدرت جي ان قانون خلاف بچاءُ ڳولهيندا آيا آهن پر ماڻهن نبين ۽ ولين جي بچاءَ واري اُپاءَ کي هٿيار بڻائي هيڻن جي خلاف استعمال ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ قدرت جي ان قانون کان بچاءَ جي ڪا صورت ڪانهي. هيڻي جو فنا ٿيڻ قدرت جي عين قانون مطابق آهي. هن وقت، هن گهڙيءَ، ڪائنات ۾ فنا ۽ بقا جي جنگ جاري آهي. الائجي ڪيتريون هيڻيون شيون هن گهڙيءَ تباهہ پيون ٿين ۽ الائجي ڪيتريون توانا ۽ طاقتور شيون وجود ۾ پيون اچن. هيڻي جي فنا ۽ طاقتور جي بقا جي بي رحم اصول تي تاريخ پئي هلي. سومرا ڪمزور ٿيا تہ سمن ڪائنن حڪومت کسي ان ڪري جو سومرن جي پيٽ ۾ سما وڌيڪ توانا قوم هئي. سما ڪمزور ٿيا تہ انهن کان وڌيڪ توانا قوم ارغونن ۽ ترخانن هنن کان حڪومت کسي، ارغون ۽ ترخان ڪمزور ٿيا تہ مغل آيا. مغل ڪمزور ٿيا آهن ۽ تاريخ هاڻي ڪنهن ٻي توانا قوم جي تلاش ۾ آهي.“

”سنڌ سان هيڏو ظلم پيو ٿئي ۽ تون ۽ مان مغلن جي نوڪري پيا ڪيون. ان باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي.“

”سنڌ فنا ٿيندڙ قوت آهي ۽ مغل بقا جي قوت آهن. انسان کي بقا جي قوتن جو ساٿ ڏيڻو آهي نہ تہ هو پاڻ فنا ٿي ويندو. هن کي فيصلو ڪرڻو آهي تہ هو ڏتڙيل رهي يا ڏتڙيندڙ. هيٺو ٿئي يا ڏاڍو ۽ اسان ڏتڙيل ٿيڻ جي بدران ڏتيڙيندڙن جي گروهہ ۾ شامل ٿيا آهيون. رڳو نبي ۽ اولياءَ، صوفي ۽ درويش فنا ٿيندڙ هيڻن جو ساٿ ڏيئي ڏاڍن سان ٽڪرائيندا يا پاڻ فنا ٿيندا آهن يا ڏاڍ جي معاشري کي فنا ڪندا آهن.“

عليءَ کي خبر هئي تہ سارنگ اقتدار پرست آهي ۽ هو هر شيءِ کي انهيءَ نگاہ سان ڏسندو ۽ پرکيندو آهي هن کي اها بہ خبر هئي تہ سارنگ ذاتي اقتدار لاءِ سيئي رشتا ۽ ناتا بہ لتاڙي سگهي ٿو. هو عليءَ جي لاش کي لتاڙي بہ اڳتي وڃي سگهي ٿو پر تہ بہ سارنگ هن کي پيارو هو. ڪن ماڻهن ۾ قدرتي طور اهڙي ڪشش ٿيندي آهي جو سندن اوڻاين جي باوجود ماڻهو هن ڏانهن ڇڪجي ويندا آهن، اهو ڄاڻندي بہ تہ هي مون کي تباهہ ڪندو، ڄاڻي واڻي هن جي هٿان تباهہ ٿيندا آهن ۽ ڪن ماڻهن ۾ لک ڇڱايون هونديون آهن پوءِ بہ هنن ڏانهن دل نہ ورندي آهي.

”سارنگ! سنڌو ياد پوندي اٿئي؟“

اهو سارنگ جي شخصيت جو ٻيو رخ هو. هن سنڌوءَ سان اندر جي سچاين سان پيار ڪيو هو. ساري ڳوٺ کي سنڌو ۽ سارنگ جي پيار جي خبر هئي پر ڪنهن بہ هنن جي پيار کي ميري اک سان نہ ڏٺو هو. سارنگ سنڌوءَ ڪانسواءِ ڪڏهين بہ ڪنهن ٻي عورت ڏانهن اک کڻي نہ نهاريو هو. مرد ڪيترو بہ شريف ڇو نہ هجي، عورت جي بدن جي اُس سان اکيون ضرور سيڪيندو آهي. پر سارنگ ڪنهن ڏانهن ڪونہ نهاريندو هو. هن کي سارنگ جي شخصيت جي ان رُخ سان ريس ٿيڻ لڳي جيڪر هو بہ سارنگ وانگر ڪنهن سنڌوءَ سان پيار ڪري سگهي ها. هن کي زندگيءَ ۾ گهٽيون ئي نوريون مليون هيون پر هو ڪنهن لاءِ بہ ڄام تماچي ٿي نہ سگهيو هو. ڪيتريون سهٽيون ڪچي گهڙي تي هن لاءِ درياہ ۾ ٽپيون هيون پر هو ڪنهن سان بہ سير ۾ ساڻ نہ هليو هو. هن کي پنهنجي زال سڪينہ ياد پئي.

سڪينہ هن جي ماسيءَ جي ڌيءُ هئي. ڪڏهين ڪڏهين اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. سڪينہ ڪڏهن بہ هن جي سامهون نہ آئي. اچي چادر ۾ ڪو پاڇو هوندو هو جيڪو هيڏانهن هوڏانهن پيو گهمندو هو. هڪڙي ڏينهن هو ماسيءَ جي گهر جي آڳر ۾ وينو هو. سرءُ جي مند هئي، اُس مان تيک ختم ٿي ويئي هئي ۽ اس جو رنگ پيلو ٿي ويو هو. سڪينہ وهنجي

غسل خاني مان نڪتي، هن کي خبر ڪانہ هئي تہ ڪو علي آڳر ۾ وينو آهي، هوءَ اُس ۾ وار چنڊڻ لڳي. هن هيترن سالن کان پوءِ پهريون دفعو سڪينہ کي ڏٺو هو. وار چنڊڻ سان جسم ۾ لهرون اڀريون ۽ چڙهيون. انگن جي ونگن تي چڙهيل جوڀن جي ول جا ڇُڳا تي ڇڳا. اوچتو سڪينہ جي هن تي نظر پئي ۽ عليءَ کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي هن کان دانهن نڪري وئي. ”آئي گهوڙا!“

ان ڏينهن کان پوءِ هو جڏهين بہ سڪينہ کي ڏسندو هو، هن جون اکيون سڪينہ ۾ کُپي ويندڙيون هيون. سڪينہ جو سارو بت ٽڙڪڻ لڳندو هو. هوءَ بہ ڊنل ۽ هيسيل اکيون کڻي هن ڏانهن نهاريندي هئي ان شڪار وانگر جيڪو شڪاريءَ کان ڊڄندو بہ آهي تہ ساڳئي وقت شڪار ٿيڻ بہ چاهيندو آهي. هڪ ڏينهن سڪينہ کان پاڻيءَ جو گلاس وٺندي سڪينہ جو هٿ هن جي هٿ کي ڇُهي ويو. سڪينہ کي جڻ ٽانڊن ڇهي ڇڏيو. ڇرڪي هٿ ڇڪي ورتائين ۽ پاڻيءَ جو گلاس عليءَ جي لٽن تي هارجي پيو.

”امڙ جا ٽي ڪرين، ياءُ جا لٽا آلا ڪري ڇڏيئہ.“ ماسيءَ جو آواز آيو.

اڄ بہ سڪينہ جي آڱرين جو ڇهاءُ هن جي رڳ رڳ ۾ رچيل هو.

هن جي سڪينہ سان شادي ٿي. پهريان ڏينهن تہ ڏاڍي خوشيءَ ۾ گذريا. هن کي لڳو ته جڻ هو ڪنهن ٻئي جهان ۾ هو. سارو ڏينهن گهر ۾ وينو هوندو هو. گهر کان ٻاهر نڪرڻ، ڪنهن دوست يا مائٽ سان ملڻ تي دل ئي ڪانہ چوندي هيس. جيڪڏهين دوستن وٽ دير ٿي ويندي هيس تہ سڪينہ اڌ اڌ رات تائين ٻڪ ۾ اُڃ ۾ اکيون چائنٺ ۾ کپائي هن جو انتظار ڪندي هئي. پر پوءِ آهستي آهستي انتظار ختم ٿيڻ لڳا. هو رات جو دير تائين گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو ۽ جڏهين موٽي ايندو هو تہ سڪينہ هن جي وجود کي وساري بي خبر ستي پيئي هوندي هئي. محبت جون سڀ کان حسين گهڙيون شروعاتي هونديون آهن جڏهين آڱرين جو هلڪو ڇهاءُ منڙي جر ٻڌجي رڳ رڳ کي جرڪائيندو آهي. جڏهين وار چنڊڻ

سان وجود جا ونگ ۽ انگ، ونگن تي وريل جوين ول ۾ انگور جا چڳا اڪڙين ۾ اڻ ڏٺل جهان اڏي چڏيندا آهن. جسمن جون دوريون ۽ مجبوريون دل کي وڏيڪ ڏتاريندريون آهن پر پوءِ جڏهين دوريون ۽ مجبوريون ختم ٿينديون آهن ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو آهي. ميلاپ محبت جو موت آهي.

عليءَ ڳيت ڏيئي مڌ جو پيالو خالي ڪيو. سارنگ ماٿ ڪري چنڊ ڏانهن نهاريو. چنڊ جي ڊوندي آسمان جي ڪينجهر ۾ آهستي آهستي تي تري ۽ هوا ۾ خنڪي رچجڻ لڳي.

”سارنگ، ڇا شاديءَ کان پوءِ محبت مري ويندي آهي؟“

”محبت ڪڏهين نہ مرندي آهي.“

”شاديءَ کان اڳ محبت ۾ ڪيڏو نہ جوش هوندو آهي پر شاديءَ کانپوءِ سارو جوش ۽ ساري تڙپ ختم ٿي ويندي آهي. ڇا اهو محبت جو موت نہ آهي؟“

”تون جوش، تڙپ ۽ بيتابيءَ کي محبت ڇو ٿو سمجهين. محبت ۾ وڏيڪ گهرائي ۽ وڏيڪ وسعت اچي وڃي تہ اها ڪينجهر وانگر ٿي ويندي آهي. سانتيڪي ۽ مانيٽي! درياهہ جڏهين پهاڙن جي وچ ۾ ڪنهن سوڙهي لنگهہ مان لنگهندو آهي تہ ان ۾ ڪيڏي نہ بي چيني، بي تابي ۽ شور هوندو آهي. لهرون پٿرائين ڪنارن سان متو ٽڪرائينديون آهن پر جڏهن اهو ساڳيو درياهہ ميدانن ۾ ايندو آهي تہ ميدانن جي وسعتن ۾ پکڙجي، اجايل ڌرتيءَ کي سيراب ڪري، ڪيڏي آرام سان وهندو آهي. ميلاپ کان اڳ محبت پٿرائين سوڙهي لنگهہ مان وهندڙ درياهہ وانگر آهي جنهن ۾ جذبا اُيري ۽ الري پٿرائين ڪنارن سان متو ٽڪرائيندا آهن پر ميلاپ کان پوءِ محبت اجايل جسمن کي سيراب ڪري، وسعتن ۾ پکڙيل درياهہ وانگر ٿي ويندي آهي، سانتيڪي ۽ مانيٽي. شاديءَ کان پوءِ محبت مرندي نہ آهي پر وڏيڪ گهري ۽ وسيع ٿي ويندي آهي ۽ جن ماڻهن لاءِ

اندر جي لوچ، بي تابي، جذبن جو اُلرون ئي محبت آهي. اهي محبت جي وسعت گهرائي ۽ ڏيرج کي محبت جو موت سمجهندا آهن.“

سارنگ سچ ٿي چيو تہ محبت مرندي نہ آهي پر وڏيڪ گهري ٿي ويندي آهي. عليءَ کي سڪينہ ۽ سندس مانيٽي محبت ياد پئي. اڄ سارنگ جي ڳالهہ ٻڌي هن سڪينہ جي محبت کي هڪ نئين انداز سان پنهنجو پاڻ ۾ محسوس ڪيو. پر هن کي خبر هئي تہ جڏهين هو سڪينہ سان ملندو تہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ هن جو اهو نئون احساس ختم ٿي ويندو ۽ هر شيءِ پاروٿي لڳڻ شروع ٿيندي.

....

ٺٽو ماڻڪ جو اباڻو وطن هو. ٺٽي ۾ ئي جائو، نپنو، پليو ۽ پڙهيو هو. ٺٽي جو هڪ هڪ ڏيک هن جي هستيءَ جو حصو هو. پر هن دفعي هن کي ائين لڳو ڄڻ هو پهريون دفعو ٺٽي کي ٿو ڏسي. ٺٽي جا منگهہ، محلات، ماڙيون، مسيتون ۽ مندر، باغ بوستان، بندر بازاريون. باغن ۾ ڪيڏي نہ رونق هئي. نصرپور، بکر، پاٽ، چاندڪا، ملتان ۽ دهليءَ کان قافلا ايندا هئا. لاهري ۽ ٺٽي بندر تي دخاني جهاز لنگر هڻندا هئا ۽ ڏيساورن مان آيل واپاري قسمين قسمين لباس پائي، شهر ۾ خريداريون ڪندا ۽ مال وڪڻندا هئا. بازارن ۾ سجايل دڪان، بڪالي، بجاج، پلاوڻا، منائي، شربت ۽ پان جا دڪان. هن صندل جي شربت جو گلاس پيتو تہ رڳ رڳ ٺري پيس. گل فروشن ۽ عطر فروشن جي دڪانن تي هبڪارون. هارون رشيد جي بغداد وانگر رستن تي اڇي اڇي منهن تي ڪارا ڪارا نقاب پائي گهمندڙ مغل ۽ ترڪ عورتون، هار سينگار ڪري، هٿن تي مينديءَ جون ڏياتيون ٻاري ۽ چوٽن ۾ چنبيلي، چمپا ۽ رابيل جا گل سجائي گهمندڙ نچڻيون ۽ وئشايون، پتل جي ٿالن ۾ اَٽي جا ڏيئا ٻاري، مندر ڏانهن ويندڙ پوڄڻ جهڙيون پڄارڻيون. شام جو مڪليءَ جو سير، مڪليءَ تي واءُ جا جهوٽا ڄڻ مَڌُ جا ڍُڪَ!

هن جو پيءُ وڏو سيٺ هو. هو پيءُ سان پيرين پئي مليو تہ پٽس ڏاڍي پيار سان کيس چڪي ڇاتيءَ سان لاتو. زندگيءَ ۾ شايد پهريون دفعو پٽس کيس ڀاڪر پاتو هو. هو پيءُ ماءُ جو سڪيلڌو پٽ هو پر پٽس هن سان تمام گهٽ ڳالهائيندو هو. ڪابہ ڳالهہ ڪرڻي هوندي هيس تہ سندس ماءُ سان ڪندو هو ۽ ماڻس اها ڳالهہ هن سان ڪندي هئي. پٽس جيترو پيار جو گهٽ اظهار ڪندو هو ماڻس اوترو ئي وڌيڪ پيار جو اظهار ڪندي هئي. ڪڏهين ڪڏهين تہ هو ماءُ جي پيار کان بيزار ٿي پوندو هو. ماڻهو بہ عجيب آهي. پيار جو بکيو پر جيڪڏهن ڪو اڻ ميو پيار ڏئيس تہ ان کي نہ ليکيندو ۽ جيڪو نہ ليکيس ان جي پيار لاءِ پيو

واجهائيندو. هن جڏهين وديالي ۾ پڙهڻ جو ارادو ڏيکاريو تہ پٽس کيس ماڻس جي معرفت روڪيو، پر هن ضد ڪيو تہ راضي ٿي ويو. هاڻي هو وديالي مان موٽي آيو هو تہ پٽس ڏاڍو خوش هو ماڻس تہ ڪپڙن ۾ ڪانہ ٿي ماپي. هر وقت پٽ جي ٽهل ٽڪور ۽ نوان نوان طعام، زوري پئي کيس کارائيندي. پاڙي يا برادريءَ جون مايون اڳڻ ۾ گڏ ٿينديون تہ رڳو پئي پٽ جون تعريفون ڪندي ۽ هو پنهنجون تعريفون ٻڌي دل ئي دل ۾ پيو شڪي ٿيندو هو.

بي ٽي ڏينهن تہ هن جا هڪ نئين اُتساه ۾ گذري ويا پر پوءِ ٽتو ۽ ٽتي جي سونهن، ماڻهن جا منهن ۽ ڳالهيون هنکي پاروٿيون لڳڻ لڳيون ۽ آهستي آهستي هن جي چوڏاري اڪيلائيءَ جو رڻ پکڙجي ويو. هاڻي صبح جو اسر سان هو جاڳندو هو ۽ سير ڪرڻ لاءِ جهنگ ڏانهن هليو ويندو هو. اڄ بہ هو ننڊ مان اٿيو، منهن تي پاڻيءَ جي لپ هٽي ڏندڻ ڪندو ٻاهر نڪتو. شهر اڃا ننڊ ۾ هو، منگهن چڻ ساه ٿي کنيا، رستا ويڪرا ۽ وائکا ٿي لڳا. رستن جي ڪنارن ۽ گهرن جي اڳيان فانوس ٿي ٻريا، هو رستن کي اورانگهيندو جهنگ ڏانهن هليو ويو. ڄنگ جا وڻ چڻ تپسيا ۾ هڪ ئي پير تي بيٺل جوڳي، رکي رکي واءُ کين اڻين ٿي ڏونڌاڙيو جيئن کنهن ويراڳيءَ کي ڪڏهين ڪڏهين خواهشون ڏونڌاڙينديون آهن. وڻن سان ٽڪرائيندڙ واءُ سان خوفناڪ آواز ٿي اُڀريا. اڄ هن کي الائجي ڇو خوف محسوس ٿيو. مان ڪنهن ڪان ٿو ڊڄان، پنهنجو پاڻ ڪان، پنهنجي اندر جي خال کان. صوفيءَ چيو تہ پهريون رڳو خال هو نانهن جو خال. نانهن جي ان خال ۾ "ڪن" جو آواز گونجيو. پهرين چرپر..... حرڪت ..... تخليق ..... زمان ۽ مڪان. "لفظ خدا آهي" ويدانتيءَ چيو. هو جهنگ کان ٻاهر نڪتو. هاڻي هو درياه جي ڪپ تي بيٺو هو. درياه ۾ ٻيڙيون ٿي تريون، سڙه تي ڦڙڪيا هڪڙي مهاڻي ڳائڻ شروع ڪيو.

اڪڙيون ميگهہ ملهار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو.

مهاڻي جي آواز هن جي اندر ۾ ستل ٻي نانءُ سورن کي جاڳائي
ڇڏيو. وائيءَ جا ٻول ٻڌي هو سمجهي ويو تہ اهو هن جي ويراڳي گرو
سيد زادي صوفيءَ جو ڪلام هوندو. ڪلام جي هڪ هڪ اکر سان هن
کي چند ڏانهن نهاريندڙ ۽ پوءِ مونن ۾ منهن وجهي ڇڏيندڙ سيد زادي
صوفيءَ جي صورت نظر آئي ۽ هو درياه جي ڪپ تي ويهي ماٺ ڪري
مهاڻي جو راڳ ٻڌندو رهيو. مهاڻي جو آواز آهستي آهستي ڏور ٿيندو
ويو. هاڻي رڳو درياه جو آواز ٿي آيو. درياه ڄڻ وقت جو وهڪرو جنهن ۾
هر شيءِ لڙهندي ٿي وئي. وقت ڇا آهي.....؟ حرڪت، چرپر ۽ تبديلي،
حرڪت نہ هجي تہ ڪا تبديلي نہ هجي، زمان ۽ مڪان نہ هجي. جيني
چئي ٿو تہ وقت آهي، تبديلي آهي، پر رڳو مادو تبديل ٿو ٿئي، جان
تبديليءَ کان متاهين آهي انڪري غير فاني آهي. ٻوڌي چئي ٿو: هر شيءِ
ڦير گهير ۽ تبديليءَ ۾ آهي. ساري ڪائنات ۾ ڪهرام متل آهي، ڪنهن
بہ شيءِ جو ساڳي حالت ۾ رهڻ ناممڪن آهي. ويدانتي چئي ٿو تہ حقيقت
۾ ڪا ڦير گهير اچي نٿي سگهي. جنهن کي اسان تبديلي چئون اهو رڳو
اسان جو خيال آهي، حقيقت نہ آهي. ڇا وقت جو وهڪرو بہ ائين ڪنهن
ازلي ۽ ابدي ۽ بي انت ساگر ۾ چوڙ ٿو ڪري جيئن هي سامهون وهندڙ
درياه سمنڊ ۾ چوڙ ٿو ڪري. وري اهي ڇا ۽ چو جا ازلي ۽ ابدي سوال —
هو ڪپر تان اُٿيو ۽ گهر ڏانهن روانو ٿيو.

اڄ ڏنل ۽ اوپرن پيچرن تان ٿيندو هو گهر جي ويجهو پهتو.
سامهون تلاءُ هو. تلاءَ جي ڪپ تي ٻڙ جو وڻ هو جنهن مان پاڙون ڦٽي
زمين کي ڇهڻ لاءِ هيٺ تي لڙڪيون. پاسي کان شوالو هو. شوالي ۾
عورتن ۽ ٻارن ڀڄن ٿي ڳايا. هو شوالي جي در تي اچي بيٺو. عورتون
شايد نانڪ پنٿي هيون جو بابا فريد جا اشلوڪ ٿي ڳايائون.

ڪاڳا! ڪرنگهه ڍنڍوليا، سگلا کايا ماس

اِءِ دو نين نہ چوهيو، پر ڏيکڻ دي آس.

ڪاڳا! ڪاءِ نہ پڃرا، بسي تہ اُڏر جاءِ
جس تن ميرا شوہ بسي، ماس نہ تدو ڪاءِ

هن چاڪڙيون لاٿيون ۽ شوالي ۾ اندر گهڙيو، شوالي ۾ ٿڌ ۽ ڌوپ ۽ اگر جي اڻ وٽندڙ بوءِ پکڙيل هئي. سامهون ڪرشن ڀڳوان ۽ راڌا جون مورتيون رکيون هيون. مورتين جي سامهون پوڙهن، جوان ۽ ٻارڙن، هٿ ٻڌي پرارٿنا ٿي ڪئي. هو مورتين جي پير ۾ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. هن ڪنڌ پٽ سان ٽيڪيو ۽ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. هن جي آڏو اونده چانئجي وئي. ڪرشن ۽ راڌا جون مورتيون، عورتن ۽ ٻارن جا آواز ۽ بابا فريد جي ٻائيءَ جا ٻول گهٽو پنتي رهجي ويا. هر طرف اونداهو خال هو جنهن ۾ سانت زوزاٽ ٿي ڪيا.

”ماڻڪ ڪيئن آهين؟“

عورت جو آواز ٻڌي هن اکيون کوليون. هن جي سامهون هڪڙي جوان جماڻ عورت ويٺي هئي. هن کي ڪير جهڙي اڇي ساڙهي پاتل هئي. سندس منهن مان پوترتا ٿي بَکي جنهن سندس آتما جي شانتيءَ جو ڏس ٿي ڏنو. سندس اکيون وڏيون، ڪاريون ، وٽندڙ ۽ ڏاڍيون اُداس هيون ڇڻ اهي اداس ۽ اشانت اکيون ڪنهن ٻئي جون هيون جن کي ڪنهن شانت ۽ پر سڪون منهن تي جڙي ڇڏيو هو.

”ہ تي ڏينهن ٿيا آهن.“

”پر توکي تہ اجا وڏيڪ پڙهڻو هو. تعليم اڌ ۾ ڇڏي آئين ڇا؟“

”ها......“

”چو......؟“

”لفظ جڏهين بي معنيٰ ٿي وڃن تہ پوءِ انهن کي پڙهي ڇا ڪبو.“

”پَراڻن ۾ آيو آهي تہ لفظ خدا آهي. اوم بہ تہ لفظ ئي آهي ۽ ڪرشن ڀڳوان چيو هو تہ مان ويدن ۾ آيل اوم آهيان.“

”پر قاضي قاضن چيو تہ اڪر اڳيان اُيري واڳون تي وريام.“
”درويشن جو دڳ وٺ. اهو دل جو دڳ آهي. پوءِ اڪر ڏاڍا روشن نظر ايندءِ.“
”عقل جو دڳ ڪُتي تہ دل جو دڳ وٺان.“
”گيتا پڙهندو ڪر. ڪرشن ڀڳوان دل جو دڳ ڏيکاريندءِ.“
”گيتا ۾ بہ تہ اڪر آهن. اڪرن کان ڏاڍو تنگ ٿيو آهيان. وديالي ۾ هڪڙي ڏينهن مون هڪڙو سيد زادو صوفي ڏٺو، هو هندو جوڳين جي سَنگ ۾ هنگلاج کان آيو هو. اهڙو شانت ۽ اُجرو مُک مون اڄ ڏينهن تائين نہ ڏٺو آهي. شاعر هو. سندس ڪلام جوڳين ڳاتو تہ ائين لڳو ڄڻ ڌرتيءَ جا ڏُک ٽيپو ٽيپو ٿي هڪ هڪ اڪر مان لڙڪن وانگر ٽا ٽمن. چون ٿا تہ عشق جي چوٽ کائي ويراڳي ٿيو هو. پرينءَ جي چيچ اشهد آڱر بڻجي هن کي دل جو دڳ ڏيکاريو هو. دل جا دڳ اڪر پڙهڻ سان نہ ملندا آهن.“
”روز هتي ايندو ڪر. ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ڪرشن مهاراج تنهنجي دل جو در ضرور کڙڪائيندو.“ هن کيس نمسڪار ڪيو ۽ هلي وئي. هاٽي شوالي ۾ سانت ڇانئجي وئي. هن ڪنڌ پٽ سان ٽيڪيو ۽ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. شوالي ۾ ڇانيل خاموشي هن جي وجود ۾ گونجڻ لڳي. لفظ.....لفظ..... لفظ هو لفظن کان بيزار هو پر سانت ۾ تہ موت آهي. هن اکيون کوليون ۽ ڪرشن جي مورتيءَ ڏانهن نهاريو. هن کي گيتا لفظ ياد پيا.
”مان ٻي انت وقت آهيان، تباهہ ڪندڙ موت آهيان. مان رازن جي سانت آهيان.
جهانن جي ابتدا ۽ انتها آهيان، ويدن ۾ لکيل اوم آهيان“
”انسان ۾ پنهنجو پاڻ پوڄائڻ جي ڪيڏي نہ خواهش آهي. ڪيئن نہ ڀڳوان بڻجي پنهنجي پوڄا ٿو ڪرائي. ڀڳوان بڻجي نٿو سگهي تہ ڀڳوان جو اوتار ٿو ٿئي، رشي ٿو ٿئي، ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿي پاڻ ٿو

پوڄائي. لفظن جون ڪوڙڪيون ۽ اکرن جو ڄار اُٽي ماڻهن جي ذهنن کي قيد ڪري ڇڏيو، پنهنجي سوچ جا زنجير ته پارائي ۽ هزارين سال گذري ويا وجن ۽ ويچارا ماڻهو انهن زنجيرن ۾ جڪڙيل ئي رهيا. موت کي مات ڪرڻ لاءِ، پنهنجو پاڻ کي فريب ڏيڻ لاءِ موت کان پوءِ وري جيئڻ جو تصور آواڳان ۽ ان تصور کي اخلاقي بڻائڻ لاءِ ٻئي جنم ۾ ڪرم جو ڦل!“

هو يڪدم اُٿيو ۽ شوالي کان ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر هن کي روشني ۽ واڪ محسوس ٿي. تلاءَ ۾ ميڻهن اوڳر تي ڪيو ۽ ڏاڍي آرام سان ڪن لوڏي، ڪنن تان مکيون ٿي هڪليون، ٻڙ تي ڪانگن ڪان ڪان ٿي ڪئي. پر ۾ ڪتو ٻينو هو هنکي ڏسي ڪتي ڪن اُيا ڪيا، گُرڪيو ۽ پوءِ پڇ لوڏيندو هليو ويو.

گهر اچي هن ماءُ کان پڇيو.

”امان اڄ شوالي ۾ هڪ عورت ڏٺم. سڃاتل ٿي لڳي پر مون کيس نه سڃاتو، مون سان ائين ٿي ڳالهايائين ڄڻ منهنجي ڪا پنهنجي هجي.“

ماڻس هن جا پار پتا پڇيا، ۽ پوءِ چيائين.

”اڙي گوپيءَ کي نه سڃاتئہ. دولت رام شرما جي ڌيءَ نندي لاءِ توسان رانديون ڪيڏندي هئي. وڏي ڳڻواڻ عورت آهي. نندي لاءِ ويچاريءَ جي شادي ٿي ۽ جوانيءَ ۾ ودوا ٿي. مڙسهنس تمام گهڻي دولت ڇڏي ويو پڻس به ترت ئي مري ويو. پيءُ ۽ مڙس جي دولت سان ودوائن، يتيمن ۽ لاچارن لاءِ شوالو نهرايو اٿئين. وڏا وڏا دان پن ڪندي آهي. وڏن وڏن آچارين کان پراڻ پڙهيا اٿئين.“

ماڻڪ کي آهستي آهستي گوپيءَ جي شڪل ياد اچڻ لڳي. هو ٻئي باغن مان رابيل جا گل پٽي ڪرشن ڀڳوان جي مورتيءَ تي چاڙهيندا هئا، رنگ برنگي پرڙن وارن پوپٽن جي پٺيان ڊوڙندا هئا.

”امان، هوءَ ودوا آهي ته پوءِ ٻي شادي چونه ٿي ڪري؟“

”هائي هائي، کھڙون ڳالھيون تو ڪرين. ودوا وري ڪيئن ٻيو وهانءُ ڪندي. اڳ تہ ودوائون مڙس سان گڏ چتا ۾ سڙي رک ٿينديون هيون.“

ٻئي ڏينهن گوپي پتل جي ٿال ۾ مصري، کير ۽ گل کڻي ماڻڪ جي ماءُ سان ملڻ آئي.

ماڻڪ جو گھر پڪ سِرو هو. اڱڻ ۾ هڪ پاسي ڳئون ٻڌل هئي مُندر، جنگھن ۾ پتل جي چوٺري ڦاسائي ڳئون تي ڏڏي. ڳئونءَ جي ٿڻن مان اڇا اڇا گوها نڪري هڪڙي خاص تار سان چوٺري ۾ ٿي پيا. پٽ جي پرسان گھڙاونجيءَ تي دلا رکيا هئا ۽ دلن تي موتئي جي گلن جون ڪنڍيون. ڪنڌ ۾ ننڍڙو مندر هو جنهن ۾ ڪرشن ڀڳوان ۽ راڌا جون مورتيون رکيون هيون. مورتين جي آڏو گيندي جا گل پيا هئا ۽ اُگر تي ٻريو. ٻورچيخاني ۾ ڳئون جي ڇيٽي جو تازو ليپ ڏنل هو ۽ پتل جا ڏوتل پوتل ٿانو چم چم تي چمڪيا. نوڪرياڻيءَ چلھ تي تئي چاڙھي هئي ۽ پوريون تي ترپائين. گرم گرم پورين ۽ گيھ جي خوشبوءِ ساري اڱڻ ۾ پکڙيل هئي. سامهون ڪنڌ وٽ کُهي هئي ۽ نوڪرياڻي کهيءَ مان پاڻي پري، لٽا تي ڏوتا. آڳر ۾ هالن جو پينگھو رکيو هو ۽ ماڻڪ ماءُ هندوري ۾ لڏندي، تکي ۽ کهري آواز ۾ نوڪرياڻين کي جلدي جلدي ڪم اڪلائڻ جون هدايتون ٿي ڪيون. گوپي چائنٺ ٽپي اڱڻ ۾ پير پاتو ۽ جهٽ پلڪ لاءِ ماٺ ڪري بيهي رهي. گھر...... گھر جو اڱڻ!! گھرن جي اڱڻ ۾ ڪيڏي نہ عجيب خوشبوءِ ۽ آواز هوندا آهن. چوٺريءَ ۾ پوندڙ کير جي گوهن، تئيءَ ۾ ترجندڙ پورين جي شون شون، سوٽيءَ سان ڪپڙن سٽڻ جا آواز، ماڻڪ ماءُ جو تکو ۽ کهرو آواز. هر طرف زندگي ۽ زندگيءَ جا وٽندڙ، اڻ وٽندڙ، ڪومل ۽ تکا آواز هئا. گوپيءَ کي ڏسي ماڻڪ ماءُ ٽپ ڏيئي اٿي ۽ گوپيءَ کي ياڪر پائي ڪيس پينگھي سان لڳ موري تي ويهاريائين.

”نچ آئينءَ جي آئينءَ. مس مس منهن ڏيکاريو اٿئي.“
”ماڻڪ موٽي آيو آهي، سوچيم تہ ماسيءَ کي واڌائي ڏيئي اچان.“
”توکي بہ واڌايون هجن، ماڻڪ تنهنجو بہ تہ ياءُ آهي.“
”ماڻڪ ڪٿي آهي؟“
”ٻاهر گهمڻ ويو آهي“ ماسيءَ جو آواز يڪدم کهرو ۽ تکو ٿي ويو. نوڪرياڻيءَ کي سڏ ڪندي چوڻ لڳي ”اڙي چوري لڇمي وارو ڪر، سيرو پوري ڪٽي آءُ، چوري ڏسي نٿين تہ ڪير آئي آهي.“ هاڻي هن جو آواز يڪدم نرم ٿي ويو ۽ آواز ۾ ميناج پري هوءَ گوپيءَ کي چوڻ لڳي ”گوپي، ماڻڪ تنهنجي لاءِ پڇيو پئي تہ ڪير آهي. ڪالھ توکي شوالي ۾ ڏٺو هئائين. چوڻ لڳو: امي شوالي ۾ هڪڙي عورت ڏٺم، صفا ديوي ٿي لڳي، مونسان ائين ڳالهائڻ لڳي ڄڻ منهنجي پنهنجي هجي. مون پار پتا پڇي چيومانس تہ اڙي گوپيءَ کي نٿو سڃاڻين، پنهنجي دولت رام شرما جي ڌيءُ، ننڍي لاءِ توسان رانديون ڪيڏندي هئي.... اڙي لڇمي! چو ايڏي دير لاتي اٿيئي. جلدي ڪر. چوڻ لڳو: گوپي تہ هيترڙي هئي، هاڻي هيڏي وڏي ٿي وئي آهي. چيومانس تہ تون بہ تہ هيترو هئين، هاڻي ڌڻيءَ جي ڪرپا سان ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهين. اڙي لڇمي!“ لڇميءَ يڪدم سيرو ۽ پوريون آڻي هنن جي اڳيان رکيون.
”چوري ايڏي دير لائبي آهي. هاڻي ڊوڙ پائي ڪير جو گلاس ڪٽي آءُ. مصري وجهڻ نہ وسارجانءِ سمجهيہ گوپي، اچي سيرو کاءُ. هڪڙي ڳالھ تہ ٻڌاءِ. ماڻڪ شوالي ۾ متو بہ ٽيڪيو يا نہ؟“
”نہ ماسي. متو نہ ٽيڪيائين. پٽ کي ٽيڪ ڏيئي وينو رهيو.“
”مان پانيان ٿي ڌرم مان نڪري ويو آهي. مان پاٺ ڪندي آهيان تہ مونکي ڏسي مشڪندو آهي. تون ڳٺواڻ آهين. وڏن وڏن گيانن کان گيان ورتو اٿيئي، تون کو ماڻڪ کي ڌرم تي آڻ“

”ماسي مون وٽ موڪليندي ڪرينس. ڪيس گيتا جو پاٺ ڪري ٻڌائيدس ته پاٽيهي ڌرم تي اچي ويندو. ڀڳوان جا ٻول ته پٿر کي پاڻي ڪيو ڇڏين، ماڻڪ ته ماڻهو آهي.“

”مان تنهنجي ڏاڍي ٿورائتي ٿيندس. ماڻڪ هيرو تي هيرو. پر الائجي ڪهڙا پستڪ پڙهيا اٿئين جو ڌرم مان نڪري ويو آهي.“

”ماسي، تون خيال نه ڪر. پاٽيهي سڌي واٽ تي اچي ويندو.،

”خبر تي ته ڪالهه چا تي چيائين. چيائين تي ته گوپي جوان جماڻ آهي، سهڻي آهي، پوءِ ٻي شادي چونه تي ڪري. هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته جيڪو ماڻهو ڌرم تي هوندو سو اهڙيون ڳالهيون پڇندو. اڙي لڇمي. مُندر ڪان ڪير ونئي چلهه تي چاڙهه ماڻڪ جو ميرو وڳو آڻي مولي ماءُ کي ڏي. مون چيومانس ته چريو ته ڪونه ٿيو آهين جو اهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين. ودوا ٻيو وهانءُ ڪيئن ڪندي. ست جڳ ۾ ته ودوائون پتيءَ سان گڏ چتا ۾ سڙنديون هيون ۽ تون ودوا جي وهانءُ جون ڳالهيون ٿو ڪرين.“

”پوءِ چا چيائين؟“ گوپيءَ مشڪندي پڇيو.

”چوندو وري چا. مشڪڻ لڳو. ڌرم جي ڳالهه ڪرينس ته مرڪي ٿو. اڙي لڇمي....“

”چڱو ماسي، مان هلان ٿي.“

”ڪيڏانهن ٿي وڃين. ويهه، ڇاڻ ماڻڪ آيو.“

”آشرم جا ڪم ڪاريون ٻه آهن. ٻئي پيري وري ايندس. چڱو.“

”چڱو. ماڻڪ اچي ته مان اڄ ئي تي توڏانهن موڪليانس.“

ماڻڪ سير تان موٽيو ته سڌو آشرم ڏانهن ويو. آشرم جي عمارت پڪ سري هئي. ٻاهران پٽ سان جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ ٻه هودا نهيل هئا. دروازي وٽ ٻه ڏاڪا هئا. ڏاڪا چڙهي چائنٽ ٽپ ته دروازي سان لڳ ڪُهي ۽ پپل جو وڻ هو. ڪابي ۽ ساڄي طرف ودوائن، يتيمن ۽

لاچارن لاءِ ننديون نندبون ڪوٺيون نهيل هيون. سامهون ڇپرو هو. ڇپري جي پٺ ۾ دروازو هو. اها گوپيءَ جي ڪوٺي هئي. اڱڻ ۾ پاٽڙن ۾ پڪين لاءِ داڻو پاڻي پيو هو ۽ پکين جا ولر داڻو ٽي چڳيا. هڪڙي ڪوٺڙيءَ ۾ هڪڙو بيمار پوڙهو کٽ تي ليٽيو پيو هو، صفا هڏائون پڃرو. کٽ جي پاڻيءَ سان لڳ سندس پوڙهي زال انگوڇي سان هن جي منهن تان مکيون ٽي هڪليون. اڱڻ ۾ ٻارن راند ٽي ڪيڏي. ڪنهن عورت جنڊ ٽي پيٺو ته ڪنهن چرخو تي ڪتيو. گوپي سامهون آڳر ۾ پڙڇ تي ويٺي هئي ۽ چرخو تي ڪتيائين. اوپري ماڻهوءَ کي ڏسي، داڻو چڳيندڙ پکي ولر ڪري اُڏاڻا. گوپيءَ چرخي تان ڪنڌ کڻي ڏٺو. ماڻڪ هن جي سامهون بيٺو هو. ماڻڪ کي ڏسي هن کي اچرج به ٿيو ۽ خوشي به. هوءَ کيس پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي. ڪمري ۾ عجيب اداسي ڇانيل هئي. سامهون واري دريءَ جي ٻاهران انب جو وڻ هو. ڪاٻي پاسي پٽ سان کٽ پئي هئي ۽ ساڄي طرف ننڍڙو مندر رکيل هو. ساڳيا گينديا جا گل ۽ اگربتيون. در سان لڳ پاسي ڪان پڙڇ وڇايل هو. پڙڇ تي طويل وهاڻو ۽ ويڻا رکي هئي. هن پڙڇ تي ويهندي گوپيءَ کي چيو:

”گوپي معاف ڪجانءِ جو ڪالهه مون توکي ڪونه سڃاتو. مونکي ڪي خبر ئي ڪانه هئي ته تون اها ڳاڙهي ڳٽولي گوپي آهين جنهن سان گڏ مان باغن ۾ پوپٽ ڦاسائيندو هيس. مون سمجهيو ٿي ته تون اڃا اوتري ئي هوندينءَ پر تون وڏي ٿئينءَ، وهانءُ ڪيئہ ۽ ودوا به ٿي وئينءَ. وقت ڪيئن نہ اک ڇنڀ ۾ گذري ٿو وڃي.“

”تون پاڻ ڏانهن به تہ نهار، ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهين. يقين ئي نٿو اچي تہ توسان گڏ پنيوريون جهليندي هيس.“

”تون راڳ ڳائيندي آهين.“

”ڀڄن ڳائيندي آهيان.“

”مون بہ راڳ جي باقاعدي سکيا ورتي آهي.“

”اڄ تہ ڪو ڀڄن ٻڌاءِ.“

”ڪنهن ڏينهن اندر اٿل ڪاڏي تہ پنهنجي گروءَ جي وائي ڳائي ٻڌائيندو سانءِ.“

”شاھ عبداللطيف“

”گيتا ٻڌندين......“

”تنهنجي واتان چونہ ٻڌندس.“

گوپي گيتا ڪڍي آئي ۽ پڙچ تي ويهي، گيتا کي هنج ۾ رکي پاٺ ڪرڻ لڳي.

”””عمل نہ ڪرڻ سان انسان کي ڪرم مان نجات ملي نٿي سگهي ۽ نہ ڪرم کان بي نياز ٿي هو مڪمل ٿي سگهيٿو ڇاڪاڻ جو پراڪرتيءَ مان پئدا ٿيل ڳڻن جي اثر هيٺ انسان لڳاتار عمل ۾ آهي. او آرجڻ! تون ۽ مان گهڻيئي ڀيرا پئدا ٿيا آهيون.،

جيتوڻيڪ مان خدا آهيان پر پنهنجي پراڪرتيءَ تي اختيار حاصل هجڻ جي ڪري مان پنهنجي مايا جي ذريعي پاڻ وجود ۾ ايندو آهيان.

او پرت! جڏهين دنيا ۾ نيڪيءَ جو زوال ٿيندو آهي تڏهين مان پنهنجو پاڻ کي سرير ۾ آڻيندو آهيان ۽ جيڪو منهنجي الاهي پئدائش کي سڃاڻندو آهي اهو پنهنجو سرير ڇڏي وري ڀِهر پئدا ٿيڻ جي بدران مونسان اچي ملندو آهي.

وڏا وڏا ڳڻوان سمجهي نہ سگهندا آهن تہ ڪرم ڇا آهي نه ڪرم ڇا آهي

جيڪو نه ڪرم ۾ ڪرم ۽ ڪرم ۾ نه ڪرم ڏسندو آهي اهوئي اصل ۾ ڳڻوان آهي

او ارجڻ! عقل جي باھ ڪرمن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي آهي

او جنارڌن! منهنجي پراڪرتي مٽي، پاڻي، هوا، آسمان، دماغ، ذهن ۽ انانيت ۾ ورهايل آهي اها ادنيٰ درجي جي پراڪرتي آهي

او مضبوط ٻانهن وارا راجڪمار! منهنجي اعليٰ درجي واري پراڪرتي وجود ۾ حياتيءَ جي احساس ۾ شعور ۾ موجود آهي جنهن جي آڌار تي هيءَ ساري سرشتي قائم آهي

مان ئي جهان جي شروعات ۾ مان ئي جهان جو انت آهيان

او ڪنتيءَ جا پٽ! مان ئي پاڻيءَ جو ذائقو ۾ سج ۾ چنڊ جي روشني آهيان

مان سيني ويدن ۾ لڪيل اوم آهيان

مان آسمان جو آواز آهيان

مان انسان جي اجتمائي پاڻ سڃاڻ آهيان

مان زمين جي آتم سڳنڌ آهيان

مان سيني ساهه وارن جو ساهه آهيان

مان رستو آهيان ۾ شاهدي ڏيڻ وارو، آخري پناه گاهه، ابتدا، انتها، آرام گاهه، گنج ۾ ازلي ٻج

او ارجڻ! مان تپش پيدا ڪندو آهيان، مينهن وسائيندو آهيان

مان ابديت آهيان

مان موت آهيان

مان هجڻ نہ هجڻ آهيان

مان وشنو آهيان

ويدن ۾ مان سام آهيان، ديوتائن ۾ اندر، حواسن ۾ ذهن ۾ خود ساجهه، درون ۾ شنڪر آهيان.“

پهاڙن ۾ مير ويهاڙ. مان بزرگ ترين ڪاهن برهسپتي آهيان.

سپه سالارن ۾ سڪندر، پاڻين ۾ مهاساگر، اکرن ۾ اوم، عبادت ۾ جپ، نہ چرڻ وارين شين ۾ هماليہ، رشين ۾ نارد، مان ڏاهو ڪپل آهيان.

گهوڙن، هاٿين ۾ انسانن ۾ منهنجو الڳ الڳ بادشاهي رتبو آهي.

نانگن ۾ اننت، پاڻيءَ جي رهواسين ۾ ورون، فرمان روائن ۾ يم، پئدائش ۾ وقت، جهنگلي جانورن ۾ ببر شينهن، پکين ۾ گرڙ، جنگي جوڌن ۾ رام، درياهن ۾ مان گنگا آهيان.

مان بي انت آهيان

مان تباهه ڪندڙ موت آهيان

مان عورت جي گفتار، ذهانت ۽ رحمدلي آهيان

مان گايتري منتر آهيان

مان ڪٿ آهيان

مان صوفين ۾ دياس، رتن ۾ سنت، اناجن ۾ جَوَ، مان سنسار جي ابتدا، وچ ۽ انت آهيان

مان رازن جي سانت آهيان

منهنجي الاهيات جا مظاهر بي انت آهن.“

”بس.....بس“ ماڻڪ يڪدم چيو

گوپيءَ ڪنڌ ڪڻي ماڻڪ ڏانهن نهاريو. ماڻڪ مشڪيو ۽ چيائين:

”دنيا جون سڀ چڱايون تہ ڪرشن ڀڳوان پنهنجي ڪاتي تي چاڙهي ڇڏيون اسان پنهنجي ڪاتي تي ڪهڙي چڱائي چاڙهيون.“

”اسان لاءِ چڱائي اها آهي تہ اسان ڪرشن ڀڳوان جي الاهي پئدائش ۽ عمل کي سڃاڻون ۽ پنهنجو جسم ڇڏي ٻيهر پئدا ٿيڻ جي بدران هنن سان ملي وڃون.“

”گوپي مان ڪو سرهو ۽ سکي رهڻ وارو ماڻهو نہ آهيان. مونکي زندگيءَ مان مزو ونڻ نٿو اچي. شايد منهنجي آتما بيمار آهي جو مونکي ڪنهن بہ شيءِ مان مزو ماڻڻ نٿو اچي. تنهن هوندي بہ جنم جنم جو ڦيرو آهي تہ مان پئدائش کي ڇڏي ڪرشن ڀڳوان سان ملي وڃڻ جي بدران واري واري سان هن دنيا ۾ اچي زندگي ماڻڻ ٿو گهران. زندگيءَ جي اشانتي ۽ ڏک ڪرشن ڀڳوان ۾ جذب ٿي حاصل ڪيل شانتي ۽ سُک

ڪان اُتم آهي. هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي تہ ڪرشن ڀڳوان دنيا جون سڀ چڱايون ۽ چڱيون شيون تہ پنهنجي نالي سان منسوب ڪري ڇڏيون پر برائي ۽ شر کي پنهنجي نالي سان منسوب نہ ڪيائين. ڪو ڀڳوان تہ اهڙو بہ پيدا ٿئي جيڪو براين جي تخليق جو ذمون پاڻ تي کڻي ۽ هڪڙي اگيتا لکي ۽ چوي.

مان وئشيا آهيان

مان وياج ۽ ويساهہ گهاتي آهيان

مان اهو وِہ جو ٽيپو آهيان جيڪو نيل ڪنٺ جي چپن تان ترڪي هن ڌرتيءَ تي ڪريو ۽ ڪيڪتيءَ جي من ۾ ساڙ ٿي پيدا ٿيو.

مان ڀسم ڪندڙ نفرت آهيان

مان مذهبي تعصب آهيان

مان ڪروڌ ۽ ڪميٽپڻو آهيان

مان ظالم جي تلوار ۽ انساني لاشن تي رکيل بادشاهي تخت ۽ تاج آهيان

او سندر ناري! مان زر، زمين ۽ زن لاءِ قتل ڪندڙ ڪارو اونداهو جذبو آهيان

مان رشين، اوتارن ۽ مذهبي اڳواڻن جا اچاريل اهي اکر آهيان جيڪي هن يگ ۾ پنهنجي معنيٰ وڃائي وينا آهن پر جيڪي چڇين وانگر انسانن جي ذهنن ۽ روحن ۾ چنبا کوڙي وينا آهن ۽ انسان کي اڳتي وڌڻ ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ نٿا ڏين.

مان اهو پنڊت آهيان جيڪو ڌرم جي ٻڌايل چڱاين کي توڙي مروڙي ان مان پنهنجي مطلب جون معنائون ڪڍي، انسانن جي خلاف استعمال ٿو ڪري.

مان مدي خارج رسمون آهيان.

او برهمڻ سندري! مان پتيءَ جي لاش سان گڏ چتا ۾ جلندڙ ودوا جي جيئري جاڳندي جلندڙ ماس جي ڏپ آهيان.

مان جواڻ جماڻ ٻيوه جي اُجايل ٽَن جون سڪايل ڪامناؤن آهيان.

مان.....“

”بس ڪر.“ گوپيءَ هن جي وات تي هٿ رکيو ”تون ڏرم تي ٽنوليون ٿو ڪرين.“

”ٽنوليون نٿو ڪيان.“ ماڻڪ ٻڳل ٽتل آواز ۾ چيو ”پر سوچيان ٿو تہ اهي سڀ کهڙي ڀڳوان ۽ کهڙي خدا جي ڪاتي تي چاڙهيان. تون چوندينءَ تہ مارو يا شيطان انهن براين جو ڪارڻ آهي پر شيطان جي تخليق جو ڪارڻ ڪير آهي. جيڪڏهين برهم يا پرم آتما اديوتيا (جيڪو بہ نہ آهي) آهي ۽ هيءَ سِرشتي ان جو مظهر آهي تہ پوءِ ڇا شيطان، انسان جي اندر جو زهر، برائي ۽ شِر بہ ان برهم جو ئي مظهر آهي يا آتش پرستن جي عقيدن وانگر بہ خدا آهن. هڪ تاريڪي ۽ شِر جو خدا جنهن کي هو اهريمن سڏيندا آهن ۽ ٻيو روشني ۽ نيڪيءَ جو خدا جنهن کي هو يزدان سڏيندا آهن. روشني ۽ تاريڪي، خير ۽ شر جي ميلاپ سان هن ڪائنات ۾ حرڪت، چرپر ۽ ڦيرگهير پئدا ٿي. ان ميلاپ لاءِ شر اڳرائي ڪئي. يعني تہ شِر فاعل ۽ نيڪي مفعول آهي. وري بہ شِر ئي زورآور ۽ اُتم آهي.“

ماڻڪ ڳالهہ پوري ڪئي تہ ڄڻ ٿڪجي پيو. هن مٿي تي هٿ رکيو ۽ مٿو پٽ سان ٽيڪي اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. گوپيءَ کي هو ان ٻار وانگر لڳو جيڪو پريل ميلي ۾ ماڻهن جي گوڙ ۾ پيءُ ماءُ کان وڇڙي ويو هجي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي پيءُ ماءُ کي ڳولهيندو ڳولهيندو ٿڪجي پيو هجي. گوپيءَ جي دل چيو تہ ماڻڪ کي پنهنجي هنج ۾ ليٽايان. هن کي اهو ننڍپڻ وارو ماڻڪ ياد آيو جيڪو ٽتهڻ اُس ۾ رنگ برنگي پرڙن وارن پوپٽن جي پنيان ڊوڙندو هو. هو اڄ بہ رنگ برنگي پوپٽن جي پنيان ٿي ڊوڙيو ۽ ٽتهڻ اُس ۾ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو هو.

هن جي اندر ۾ نفرت جي بجاءِ ايذاءُ هو ۽ ان ايذاءُ تي گوپيءَ کي کهل اچي وئي.

”گوپي“ ماڻڪ جو آواز چڻ ڪنهن ڏورانهين هنڌ تان آيو.

”جيءُ“

”توکي منهنجي گرو سائينءَ جي ڪا وائي ياد آهي؟“

”مان تہ لطيف سائينءَ جي وائيءَ کي ڪرشن ڀڳوان جي اڳيان ڀڄن ڪري ڳائيندي آهيان.“

”مونکي سائينءَ جي ڪا وائي ٻڌاءِ.

گوپيءَ گيتا پاسيري ڪري رکي ۽ ويٺا ڪٽي وڄائڻ لڳي ۽ ڀڄن جي انداز ۾ وائي ڳائڻ شروع ڪيائين:

وسائيندي مينهن، مانَ ملان سڄڻين
آءُ ملنديس پرينءَ کي، راتيون ڏوري ڏينهن
مون پرين ميڙئين، رو جهڙيون ميڙين جيئن
اکين آگم لائيا، ڪر مندائتا مينهن
اديون عبداللطيف چئي، ويندس ساجن سيئن.

ماڻڪ اکيون ٻوٽي ماٺ ڪري وائي ٻڌندو رهيو. گوپيءَ وائي پوري ڪئي. هن اکيون کوليون ۽ ماٺ ڪري اٿيو ۽ گوپيءَ کان موڪلائڻ کانسواءِ هليو ويو.

گوپيءَ جي آواز ۽ هن جي گروءَ جي وائيءَ درد جو هڪڙو جهان خلقي ڇڏيو هو. هو پورا ٽي ڏينهن درد جي ان جهان ۾ رهيو. هر شيءِ تي درد جو ڪوهيڙو هو. هن کي ڪا خبر ڪانہ پئي تہ هن جي چوڌاري ڇا ٿو وهي واپري. اهي ٽي ڏينهن هو گوپيءَ سان بہ نہ مليو. چوٿين ڏينهن مس مس هن جي دل تان درد جو ڪوهيڙو لٿو ۽ هو گوپيءَ سان ملڻ ويو. هاڻي هن کي گوپيءَ جي سنگ مان عجيب مزو اچڻ لڳو.

گوپيءَ جي ساٿ ۾ عجيب ٽڪار هئي جڻ ٿنهڻ اُس ۾ هلندي هلندي اوچتو بادل برسڻ لڳي. هاڻي هن گوپيءَ سان بحث ڪرڻ ڇڏي ڏنو. گوپي ڳالهائيندي هئي ۽ هو ماٺ ڪري هن جي اداس اکين ۾ نهاريندو هو........ اکڙيون ميگھ ملهار، تنهنجي صورت سپ جڳ موهيو. هن جي اڇي ساڙهيءَ کي ڏسي هن کي درياه ۾ ترندڙ ٻيڙين جا اڇا اڇا سڙه ۽ سڙهن جي مٿان نيري آسمان ۾ اڏامندڙ اڇا ڪَنگ ياد پوندا هئا.

ڪڏهين ڪڏهين گوپي پڙڇ تي ويهي گيتا يا رامائڻ هنج ۾ رکي هن کي پڙهي ٻڌائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن گوپيءَ گيتا ٿي پڙهي، هو گوپيءَ سان گڏ پڙڇ تي اکيون ٻوٽي، پٺ کي ٽيڪ ڏيئي وينو هو. ڪمري ۾ سانت ڇانيل هئي ۽ ان سانت ۾ گوپيءَ جو آواز ڪرشن جي بانسريءَ جي سرن وانگر ٿي تريو.

”مونسان پيار ڪيو. مونسان محبت ڪيو. مان اوهان جو سکو آهيان

ساٿي آهيان، اوهان جو پرين آهيان. مان محبت جو سمنڊ آهيان.
اننگ رنگ سا گرم“

ماڻڪ اکيون کوليون ۽ هن کي ائين لڳو جڻ ڪرشن ڀڳوان جا سر، گيتا جا لفظ انساني سرير ۾ پئجي گوپيءَ جي صورت اختيار ڪري ويا آهن. گوپيءَ جو منهن جڻ گيتا هو. مان عورت جي گفتار، ذهانت، وفاداري ۽ رحمدلي آهيان. مان گايتري منتر آهيان..... سنسار جي ابتدا، وچ ۽ انتها آهيان.... اننگ رنگ سا گرم! هن بي ارادي هٿ وڌايو ۽ گوپيءَ جي هٿ تي رکيو.

”گوپي!“

گوپيءَ گيتا تان اکيون کڻي هن ڏانهن نهاريو. گوپيءَ جي اکين ۾ ڪيڏو نه غم ۽ ڪيڏيون نه حسرتون هيون.

”گوپي، تون ئي سام ويد آهين، ويدن ۾ آيل اکر اوم آهين. سنسار جي ابتدا، وچ ۽ انتها آهين. تون ئي ' اننگ رنگ سا گرم ' آهين“
گوپيءَ جي منهن تي اداس مُرڪ تري آئي.
”مان تہ اهڙي ڌرتي آهيان جنهن تي ڪڏهن ميگهہ ملهار نہ ٿيا، ڪڏهين بوند نہ برسي ۽ ڪڏهن ڪو سلو نہ اُسريو.“
”مان پراڪرتي آهيان ۽ تون پرش آهين. پراڪرتيءَ جي آرسيءَ ۾ پرش پنهنجي صورت ڏسي حيران ٿي ويو. پرش جي اها حيرت شين جي تخليق جو سبب ٿي. منهنجي اکين جي آرسيءَ ۾ نهار.“
گوپيءَ هن جي اکين ۾ نهاريو. ڪيڏو نہ موه هو هن جي اکين ۾.
”گوپي، چا شانتي ممڪن آهي. سرير ۽ آتما جي ازلي گهرجن کان مکتي ممڪن آهي. تو جو هيڏا سال ڪرشن ڀڳوان سان پيار ڪيو تہ چا تنهنجي آتما کي شانتي ملي، توکي پنهنجي جواڻ جماڻ جسم جي ڪامنائن مان مکتي ملي، شانتي ۽ اشانتيءَ ۾ ڪو ويچو ڪونهي. جتي شانتي آهي اتي اشانتي آهي. اسين ڦير گهير، چرپر ۽ تبديلي، جيڪو وقت آهي، تنهن جي سير ۾ آهيون. هرشيءِ بدلجي ٿي، هر شيءِ ۾ ان جي ابتڙ شيءِ لڪل آهي. ڌرم ۾ ئي اڌرم آهي، وجود ۾ نہ وجود، ڪرم ۾ نه ڪرم، هستيءَ ۾ نيستي، خوشيءَ ۾ غم ۽ شانتيءَ ۾ اشانتي آهي مڪمل خوشي، مڪمل شانتي ناممڪن آهي. توکي خبر آهي تہ موه چا آهي، آتما جي آتما لاءِ ڪشش، ڪامنائن سان چلندڙ سرير جي سرير لاءِ ڪشش، پراڪرتيءَ جي پرش لاءِ ڪشش. اها ڪشش ئي برهم آهي. اننگ رنگ ساگر آهي.“
گوپيءَ اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا.
”مان ودوا آهيان“ هن جو لڙڪن پنل آواز آيو.
”مان جيڪو مان آهيان، مڪمل مان، جسم جي خواهش، ڳڻن اوڳڻن وارو مان، اهو ”مان“ برهم آهي ۽ تون مڪمل تون. ڳڻن اوڳڻن

واري ”تون“ برهم آهين. پَراڻن ۾ چيل آهي تہ برهم پاڻ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ۽ تخليق ڪيائين. تون ۽ مان برهم جا ورهايل ٻہ حصا آهيون. اسانجو ميلاپ تخليق آهي. ٻن محبت ڪندڙ جسمن جو ميلاپ آتما ۽ پرماتما جو ميلاپ آهي ۽ اهو ميلاپ ئي ازلي ۽ ابدي مکتي آهي.“

هن گوپيءَ کي آهستي چِڪي ڇاتيءَ سان لاتو. گوپي هن جي سيني ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي. سندس آتما ۽ سرير جي اُج لڙڪن جي صورت ۾ سندس اکين مان وهڻ لڳي. جيئن ئي ماڻڪ ڪيس پيار ڪيو تئين ئي رني. ماڻڪ اڄ تائين رڳو ماڻهوءَ جي اکين کي رئندو ڏٺو هو اڄ هن گوپيءَ جي پوري جسم، هڪ هڪ سنڌ ۽ هڪ هڪ لونءَ کي سڏڪندو ڏٺو. هوءَ ماڻڪ جي سيني سان لڳي رهي. الائجي ڪيترا جڳ گذري ويا ۽ الائجي ڪيتريون جوٽيون منجي ويون. گوپيءَ ساڙهيءَ جي پلوَ سان اکيون اگهيون، روئڻ سان هن جو جسم خوشبوءِ وانگر هلڪو ٿي پيو هو.

”گوپي“

”جيءُ“

”ڇا توکي افسوس آهي جو مون توکي سيني سان لاتو.“

”مون کي تہ ائين لڳو تہ ڪرشن ڀڳوان، گيتا مان نڪري، مونکي سيني سان لاتو. ميرا بائيءَ کي جي ڪنهن ماڻڪ جو موه ملي ها تہ هوءَ ڪڏهين بہ پنهنجو موه ڀڳوان کي نہ ارپي ها.“

ماڻڪ وري هن کي سيني سان لاتو.

”ماڻڪ“

”جيءُ“

”هڪڙي ڳالھ چوانءِ مڃيندين؟“

”ضرور مڃيندس.“

”واعدو.“

”پهرين مونکي پيار ڪر.“

ماڻڪ هن جي اکين ڪي چميو. هن جي سنڌ سنڌ ڪي چميو.
ماڻڪ جي چپن جي ڇهاءَ سان گوپيءَ جو سنڌ سنڌ ٽِڙي پيو.
”ماڻڪ“
”جي.“
”اڄ کان پوءِ ماڻ نہ ملنداسين.“
”اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو.“
”مان ودوا آهيان.“
”پوءِ ڇا آهي.“
”بن باس ۾ رام سيتا جي چوڏاري ليڪو ڪڍي ڇيو هو تہ ان ليڪي کان ٻاهر نہ نڪرجانءِ“
”اهو بن باس هو، ۽ اسين شهر واسي آهيون.“
”شهر بہ ماڻهن ۽ ريتن ريتن جو بن آهي. هر عورت جي چوڏاري ليڪو نڪتل آهي ۽ ان ليڪي کان ٻاهر سماج جو راوڻ آهي. مونسان واعدو ڪر تہ تون پنهنجو ليڪو نہ ٽپندين ۽ مان پنهنجو ليڪو نہ ٽپنديس.“
”پر گوپي....“
”توکي منهنجو قسم.“
هو ماٺ ٿي ويو. گوپيءَ پڙچ تان گيتا کنئين.
”مونکي ڇُه“
ماڻڪ وري هن جي سنڌ سنڌ کي ڇهيو.
”توکي منهنجي آتما ۽ هن سرير جو قسم تہ اڄ کان پوءِ مونسان نہ ملجانءِ.“
ماڻڪ ماٺ ڪري هن کي ڏسندو رهيو. گوپي ڏاڍي ڏيرج سان اُٿي، گيتا وهاڻي جي پر ۾ رکيائين ۽ دريءَ وٽ بيهي دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳي. ٻاهر انبن ۾ ٻور لڳو هو. ڪوئل ڪوڪي ۽ طوطا ٽيون ٽيون ڪرڻ لڳا.

”ڇا اهو تنهنجو آخري فيصلو آهي؟“

”منهنجو فيصلو نہ آهي، پر سماج جو فيصلو آهي.“

ماڻڪ پڙڇ تان اُٿيو ۽ ڪنڌ جهڪائي ٻاهر وڃڻ لڳو. در جي چائنٺ وٽ بيهي هن ڪنڌ ورائي گوپيءَ ڏانهن نهاريو. گوپيءَ هن ڪي پنهنجي ڏيئي دريءَ کان ٻاهر تي نهاريو. هن ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو پر هاڻي سڀ لفظ بي معنيٰ ٿي ويا هئا. هن وِڪ وڌائي گوپيءَ جي ڪمري جي چائنٺ اورانگهي ۽ ٻاهر نڪري آيو. آشرم جي اڱڻ ۾ ٻارن راند ٿي ڪئي. عورتن جنڊ تي پيهو ۽ چرخو تي ڪتيو. هڪڙي حجري مان ٻار جي روئڻ جو آواز آيو. اڱڻ ۾ داڻو چڳندڙ ڪبوترن جا ولر ڀڙڪو ڏيئي اڏاڻا ۽ آسمان ۾ پکڙجي ويا. اوچتو ڪوئل ڪوڪ ڪئي ۽ مينهن جي بوند هن جي منهن تي پئي. هوا جو جهلڪو لڳو ۽ هوا ۾ رچيل انبن جي ٻور جي ڪنڙي خوشبوءِ هن جي حواسن کي ڇهيو. هوا ۾ اڄ گوپيءَ جي بدن واري خوشبوءِ هئي.

گهوڙي هٽڪار ڪئي تہ پادري الفنسو باربوسا اکيون کڻي سامهون نهاريو. سامهون ٺٽي جو شهر هو. شهر جي چوڌاري شهر پناه هئي ۽ محلن، ماڙين، منگهن، مسيتن جي گنبذن ۽ منارن، مندرن جي ڪلسن شهر پناه کان ڪر کڻي ٻاهر ليئا ٿي پاتا. هن گهوڙي جو لغام موڙيو ۽ مڪليءَ ڏانهن روانو ٿيو. مڪليءَ ۾ پوري تاريخ دفن هئي. هر مقبرو تاريخ جو باب هو. هن هڪ هڪ مقبرو ڏٺو. جام نِندي ۽ مرزا عيسيٰ ترخان جا مقبرا، سنڌي، گجراتي ۽ ايراني عمارت سازيءَ جا شاهڪار. مڪليءَ جي پيرن ۾ ڍنڍ هئي، جنهن ۾ ڪنول جا ڪير جهڙا گل ٿي ٽڙيا. پاسي کان ڪالڪان جو مندر هو جتي جٽاڌاري جوڳي، مٿي ڪوڙيل ۽ ڏگهي چوٽيءَ وارا ٻي ڊولا ٻاوا. پجاري، پڙا، ڪنجريون ۽ ٻولا پائي ٽلندڙ پڄارٽيون. جتي ڍنڍ ختم ٿي ٿي اتي ڪجين جا جهند ۽ سروچي وڻن جون قطارون هيون. شهر پناه مان نظر ايندڙ عمارتون ۽ منگهہ. شام جو هو شهر ۾ داخل ٿيو. هي ڪاساين جو پاڙو هو. ڀائي خان جي پاڙي ۾ شاهجهان مسجد هئي. شاهجهان مسجد جي اڏاوت ۽ گلڪاري ڏسي هو حيران ٿي ويو. گنبذن ۽ منارن مان عجيب روحانيت ٿي ٿمين. مسجد سان گڏ مغل نواب جو قلعه حاڪم نشين هو جنهن ۾ مغل حاڪم ۽ سندس عملي جي ماڻهن جا محل ۽ محلاتون هيون. هي مغل واڙو هو. جام فيروز نورگاهي ۽ دولت شاهي مغلن کي سڏائي هت رهايو هو جن شاه بيگ ارغون کي اندرخاني مدد ڪري، سمن جي راڄ جو انت آندو هو. هيءَ امير بيگ بازار هئي. پهرين هن بازار جو نالو ڪنهن مقامي ماڻهوءَ جي نالي تي هوندو هو پر هاڻي مرزا جاني بيگ ترخان جي بخشي ميرزا امير بيگ جي نالي سان مشهور هئي. هيءَ مسجد جامع فرخ هئي.هي آڳڙين جو پاڙو هو. هيءَ اناج بازار هئي. هي علي جان جو واهہ هو جيڪو شهر جي وچ مان ٿي لنگهيو. واهہ جي ڪپ تي شهر جي عورتن ڪپڙا ٿي ڌوتا. ٻار پاڻيءَ ۾ ٿي وهنتا ۽ پخالين پخالون ٿي ڀريون. پهرين ان واهہ

جو نالو خان واھ هو ۽ ان واھ جي ڪپ تي ئي شاھ بيگ ارغون سان وڙهندي شهيد ٿيو هو. واھ جي ڪپ سان رهڻ وارن کي خبر ڪانہ هئي تہ اهو واھ ڪنهن کوٽايو هو ۽ ڪير ڪنهن جي لاءِ هن واھ جي ڪپ تي شهيد ٿيو هو. وقت ڪيڏو نہ ويري آهي ڪيئن نہ شهيدن جا نانوَ بہ لٽي ٿو ڇڏي. هي مولي جو پاڙو هو. هن پاڙي ۾ شراب جون بنيون هيون. انگور، ڪارڪن، وڏف، زعفران ۽ گلاب جي شراب جا مَٽ ڇڪندا هئا. شهر ۾ وِڪ وِڪ تي ميخانا هئا، باغ بوستان هئا، سرو جي وڻن جون قطارون، انگور جون چڳا چڳا وليون. گلاب، رابيل، موتئي ۽ ميوي جا باغ، خواجہ مير ابوتراب جو باغ. مير سيد علي ثاني شيرازيءَ جو باغ. خورشيد باغ، مشڪين باغ، بي نانءَ باغ! هوائن ۾سُرهن جي عطر، موتئي، رابيل، گلاب ۽ بنين ۾ ڇڪندڙ شراب جون هبڪارون! پادري باربوسا وک وک تي گنج شهيدان ڏٺا. اهي انهن بي گناھ سنڌين جا اجتماعي قبرستان هئا جيڪي هن جي قوم جي هٿان شهيد ٿيا هئا. ميرزا عيسيٰ خان ترخان پورچوگيزن کان مدد گهري هئي ۽ هو گجرات جي بندرگاھ ديو کان فوجي بيڙا ڪاهي ٺٽي پهتا هئا ۽ ميرزا عيسيٰ جي غير موجودگيءَ ۾ ٺٽي کي لٽيو ۽ ماڻهن کي ماريو هئائون. هن جي هڪڙي هم وطن تاريخ نويس لکيو هو تہ پورچوگيزن کي ٺٽي مان ايتري دولت هٿ آئي هئي جيڪا هنن کي پوري ايشيا جي ڦرلٽ مان هٿ نہ آئي هئي ۽ اها دولت حاصل ڪرڻ لاءِ هن جمعي جي ڏينهن مسجدن ۽ بازارن ۾ ماڻهن جو ڪوس ڪيو هو ۽ هر بازار پاڙي ۽ مسجد جي پر ۾ شهيدن جون اجتمائي قبرون هيون. پادريءَ تصور ۾ واسڪوڊيگاما جي بيڙن جي سِڙهن کي ڦڙڪندو ڏٺو. اهي اڇا اڇا سِڙھ رت ۾ رڱجي ڳاڙها ٿي ويا. جنهن بہ بندرگاہ تي انهن بيڙن لنگر هنيون اتي ڦرلٽ ۽ انساني ڪوس ڪيائون. ماڻهن کي تلوار سان زوريءَ عيسائي بڻايائون ۽ جيڪي عيسائي نہ ٿيا تن کي بين بندرگاهن ۾ غلام ڪري وڪيائون. حج تي ويندڙ جهاز، مسافر بردار جهاز جن ۾ عورتون ۽ ٻار بہ سوار هوندا هئا

تن کي گولہ باري ڪري ٻوڙيائون. گوا ۽ گجرات جي بندرگاه ديو تي جنگيون، باهيون، ڦرلٽ، انساني ڪوس- اهي سڀ عيسائي هئا، يسوع مسيح جا پوئلڳ جنهن چيو هو تہ جيڪڏهين ڪو اوهان جي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي تہ اوهين ٻيو ڳل سندس اڳيان جهليو ۽ ان يسوع مسيح جي پوئلڳن ڪيڏو نہ ڪوس لائي ڏنو آهي. ڇا واقعي مذهب انسان کي سڌارڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهي. دنيا جي هر نبي، اوتار ۽ رشيءَ امن، شانتي ۽ پائپي ۽ نيڪيءَ جو پيغام ڏنو آهي پر انهن ساڳين نبين، رشين ۽ اوتارن جي نالي تي ڪيڏو نہ انساني خون وهيو آهي. يهودين، عيسائين جون جنگيون، فرقيوارانہ جنگيون، صليبي جنگيون، مسلمانن جون مسلمانن سان جنگيون، مذهبي پيشوائن جا مذهب جي نالي تي ماڻهن سان ظلم، پاپائي روم، قاضي القضات، مفتي اعظم. هي سڀ ڇا آهي. مان جو هيڏا ڪوھ لتاڙي، سمنڊ جهاڳي هتي يسوع مسيح جو پيغام پهچائڻ آيو آهيان تہ ڇا مونکي پڪ آهي تہ عيسائي ٿيڻ کان پوءِ هندوستاني، انگريز، پورچوگيزي، ڊچ، اسپيني ۽ فرانسيسين جهڙا ظلم نہ ڪندا. ڪرشن يا محمدﷺ، ڪهڙي اهڙي ڳالھ ڪئي آهي جيڪا انسانيت لاءِ هاجيڪار هجي ۽ مان ان کي رد ڪرڻ لاءِ يسوع مسيح جو پيغام کڻي آيو آهيان. ڇا يسوع مسيح کي مڃيندڙ ۽ انساني ڪوس ڪندڙ عيسائيءَ کان نيڪي ڪندڙ، ماڻهن جو ڀلو گهرندڙ هندو، ٻُڌ، آتش پرست ۽ مسلمان، چڱو نہ آهي. چڱائي ڇا آهي. ڇا ڪنهن خاص نبي يا اوتار کي محبت سان الله تي اجاره داري قائم ٿي وڃي ٿي. پادري الفنسوباربوسا! ياد اٿيئي، تو هڪ دفعي پاپا کي چيو هو تہ پاپا مڃٽو پوندو تہ مذهب انسان کي سڌارڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو آهي. ماڻهوءَ کي سڌارڻ لاءِ اسان کي مذهب کي رد ڪرڻ ڪانسواءِ ڪا ٻي واٽ ڳولڻي پوندي. اها ٻي واٽ ڪهڙي آهي. ڇا انسان ڪڏهين اها واٽ ڳولهي لهڻ ۾ ڪامياب ٿيندو. اسلام امن جو مذهب آهي. رنگ، نسل ۽ سماجي رتبي کان اعليٰ، عالمي پائپي ۽ امن جو مذهب. ڇا مغل اسلام جا پوئلڳ آهن

جو سنڌ جي مسلمانن تي ڏاڍ، ڏهڪاءُ ۽ ڦرلٽ سان حڪومت پيا ڪرن. مخدوم بلاول وڏو اولياءُ هو ۽ شاهه بيگ ارغون مسلمان هو. شاهه بيگ مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙائي ڇڏيو. صليب تي لٽڪڻ وڏو ايذاءُ آهي پر جيئرو جاڳندو گهاڻي ۾ پيڙجڻ به گهٽ ايذاءُ ڪونهي. پادري الفنسو باربوسا! توکي مِٺو پوندو ته انسان جي ڀلائيءَ لاءِ رڳو يسوع مسيح ئي صليب تي نه لٽڪيو. پر ڪروڙين گمنام انسان صليب تي لٽڪيا آهن، گهاڻن ۾ پيڙيا آهن ۽ قتل ٿيا آهن جن لاءِ نه گرجائون نهيون، نه گهنڊ وڳا ۽ نه سندن ڪي راهب يا راهبائون ٿيون. هن دنيا ۾ جيڪو ٿورو گهڻو سوجهرو نظر اچي ٿو سو انهن گمنام شهيدن جي رت جي روشني آهي. اجا ماڻهو قتل ٿيندا، هيڻو ڏاڍي جا ظلم سهندو، ماڻهن جي لاشن تي بادشاهن جا تخت سجائبا پر ڪو وقت ضرور ايندو جڏهين مذهبي تعصب، قبائلي نفرت، دولت جي هوس ختم ٿي ويندي، ماڻهو رنگ، نسل ۽ مذهب جي ناتي سان نه ماڻهپي جي ناتي سان سڃاتو ويندو. ڪو ڪنهن کي نه ڌڪاريندو، سڀ پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان جيئندا ۽ پنهنجي پنهنجي نموني سان خدا جي اڳيان جهڪندا. جڏهين لئبريريون، ليبارٽيريون ۽ مدرسا گرجائون هونديون، سائنسدان ماستر ۽ طبيب راهب هوندا. دليون ديوليون هونديون، تَن ڪعبا هوندا ۽ ڪوبه دلين جي ديولين ۽ تَن تي ڪعبن جي تقدس کي پائمال نه ڪندو.

پادريءَ جهڪي گنج شهيدان جي مٽي کنئين ۽ ان کي پنهنجي ڳلي ۾ لٽڪندڙ صليب تي مليو ۽ اڳتي وڌي مسافر سراءِ جي اڳيان گهوڙو جهليائين.

پادري باربوسا ٺٽي ۾ گيتا نالي وئشيا جو نالو ٻڌو هو. گيتا ڏاڍي سهڻي هئي. سندس توبه شڪن حسن، جواني، ماڻن ۽ مُرڪ کان وڏا وڏا عابد ۽ زاهد به بچي نه سگهندا هئا. گيتا جو نال ٻڌي الائجي ڇو هن کي پنهنجي آنٽي صوفيه ياد پئي هئي. آنٽي صوفيه به ڏاڍي سهڻي ۽ جوان هئي. لزبن ۾ هڪڙي ملاح سان پرڻي هئي. پادريءَ جو پيءُ اجا

ننڍو هو ۽ آنٽي صوفيہ هن کي پاليندي هئي. تن ڏينهن ۾ پورچوگيز ملاح نون بندرگاهن جي ڳولها ۾ ٻيڙا ڪاهي نڪرندا هئا ۽ يا تہ ٻيڙا دولت سان ڀري موٽي ايندا هئا يا وري ڪڏهين بہ ڪين پنهنجي ملڪ جو بندرگاهہ ڏسڻ نصيب نہ ٿيندو هو. پهرين پادرين سمجهيو ٿي تہ صحرائي اعظم کان اڳتي دوزخ هو. پر جڏهين پورچوگيزي ملاحن صحرائي اعظم کان اڳتي افريقي بندرگاهہ جي ڦرلٽ ڪئي، ماڻهن کي قيد ڪري سون حاصل ڪيو تڏهين ڪين خبر پئي تہ صحرائي اعظم کان اڳتي تہ ”سون جو دوزخ“ هو. آنٽي صوفيہ جو مڙس بہ ٻيڙا ڪاهي ويندو هو ۽ دولت ميڙي موٽي ايندو هو. ڏينهن رات شراب پيئندو هو ۽ شراب جي نشي ۾ اندو ٿي آنٽي صوفيہ کي ماريندو هو. هيڏي دولت هوندي بہ هو آنٽي صوفيہ کي پائيءَ پائيءَ لاءِ سِڪائيندو هو. هڪڙي ڏينهن هو ٻيڙا ڪاهي ويو تہ وري نہ موٽيو. هن جيڪا بہ دولت ڪمائي هئي سا الائجي ڪيڏانهن ڪئي هئائين جو هن جي مرڻ ڪانپوءِ آنٽي ويلي ويلي جي محتاج ٿي پئي. آخر آنٽي دولت ڪمائي ايندڙن وٽ اچڻ وڃڻ شروع ڪيو ۽ جسم ۽ جوانيءَ جي عيوضي ۾ زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ شروع ڪيون. هڪڙي ڏينهن اوچتو هن کي ڌُن جي هينان ڦرڙي نڪري آئي. آهستي آهستي ڦرڙيون وڌنديون ويون. هن کي باد فرنگ ٿي پيو هو ۽ هوءَ ان بيماريءَ ۾ ئي مري وئي. هن پنهنجي ڀاءُ لاءِ ٿوري گهڻي موڙي بچائي رکي هئي. سندس ڀاءُ وڏو ٿيو. ان موڙيءَ مان ڌنڌو ڌاڙي ڪيائين پر ڪامياب نہ ٿيو. آخر هن قسمت آزمائڻ لاءِ هندوستان جو رُخ ڪيو. رستي تي جهاز ۾ ڪا وبائي بيماري پکڙي ۽ هو ۽ سندس زال ٻئي ان بيماريءَ ۾ مري ويا.

صبح جو نند مان اٿي هن هٿ منهن ڌوتو ۽ گيتا جي گهر جي پڇا ڪندو، گيتا جي گهر تي اچي پهتو. گيتا جو گهر پڪ سرو هو. هن ڪڙو ڪڙڪايو. اندران نوڪرياڻي نڪري آئي. نڪرياڻي اندر وئي ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ هن کي وٺي آٽي هڪڙي ڪمري ۾ ويهاريائين. ڪمري

۾ قالين وڇايل هو ۽ قالين تي پٽين سان لڳ طول ويهاڻا پيا هئا. سامهون ڇپر کٽ رکي هئي جنهن جي ريشمي بستري تي گلاب ۽ رابيل جون ڪوماڻيل پنکڙيون پيون هيون. ساري ڪمري ۾ ٽڪل ٽڪل خوشبوءِ پکڙيل هئي. ڪمري جي هر شيءِ ٽڪل ۽ ڪومائيل ٿي لڳي. هو قالين تي طول وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي وينو ته نوڪرياڻي پتل جي ٿالهه ۾ شربت جو پيالو، منائي، پان ۽ گل آڻي هن جي اڳيان رکيا. هن ڪنڌ جهڪائي گل سنگهيا ته ڪيس تازگيءَ جو احساس ٿيو. شربت پيئائين ته سندس اندر ٺري پيو ٿوري دير گذري ته ٻاهر پازيب جو ڇمڪو ٿيو ۽ گيتا پازيب ڇمڪائيندي اندر آئي. گيتا جا پير ڪنول جي گلن جهڙا هئا. سندس هينيون ڏڙ ماسيرو هو ۽ ڇيلهه وٽ سندس ماس جا ونگ اندر وري ۽ پوءِ ٻاهر تي نڪرندا ڪلهن وٽ ويڪرا ٿي ويا هئا. سندس ويڪرن ڪلهن تي ڪونج جهڙي ڳچيءَ مٿان ڄڻ ته ڪنهن چنڊ کي مڙهي ڇڏيو هو. هن جي سنهي ڇيلهه ۽ ماسيرين ڇاتين کي ڏسي ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن سنگ تراش سندس ڇيلهه مان ماس ڪڍي سندس ڇاتين ۾ هٽي ڇڏيو هو. هن کي پڙو ۽ ڪنجري پاتل هئي. ڪنجريءَ مان هن جو پيٽ اگهاڙو ٿي ٿيو ۽ سنهي پيٽ کان مٿان اپريل ڇاتيون ڄڻ ڪنجريءَ جا بخيا اُڌيڙي ٻاهر اچڻ لاءِ بيتاب هيون.

”پلي ڪري آيا“ گيتا هٿ ٻڌي هن کي ڪيڪاريو ۽ هن جي پير ۾ ٿي ويني. هن جي بدن مان اهڙي خوشبوءِ ٿي آئي ڄڻ گلاب، رابيل، موتيئي ۽ رات جي راڻيءَ جا گل هن جي تن ۾ ڪڙي پيا هئا ۽ سيني گلن جي خوشبوئن پاڻ ۾ ملي عجب بهار ٿي ڏني. پادريءَ ٿالهه ۾ رکيل گلن ڏانهن نهاريو، گيتا جي اڳيان ٿالهه ۾ رکيل سمورا گل پاروتا ٿي لڳا.

”ڇا پيئندؤ....؟“ گيتا جو آواز آيو ۽ پادريءَ کي ائين لڳو ڄڻ ٿوري دير اڳ هن جيڪو شربت پيتو هو ان شربت جو ميناج ڪنهن هن جي ڪَنن ۾ اوتيو.

”مون اجا هاڻي شربت پيتو آهي.“

”شربت جي ڳالھ نٿي ڪيان، مشڪين، انگوري، زعفراني يا......“

”مان شراب نہ پيئندو آهيان.“

”شراب نہ پيئندا آهيو؟“ گيتا جي آواز ۾ ٻاراڻي حيرت هئي.

پادريءَ سوچيو تہ هيڏي معصوم حيرت واري عورت وئشيا ڪيئن ٿي سگهي ٿي.

”ڪمال آهي، فرنگي تہ شراب جا شوقين ٿيندا آهن.“

”مان اهو فرنگي نہ آهيان.“

”پلا ڪا ٻي خدمت ڏسيو.“

”تو مون کي غلط سمجهيو آهي. مان ڏيساورن مان آيل فرنگي نہ آهيان جيڪو ڦرلٽ جو مال تو وٽ لٽائڻ آيو هجي. مان پادري آهيان، خبر اٿئي تہ پادري ڪير هوندو آهي. ائين سمجھ تہ مان پنڊت آهيان. يسوع مسيح جو پنڊت. توکي خبر آهي تہ يسوع مسيح ڪير هو. يسوع مسيح اوتار هو. ڪرشن ڀڳوان وانگر. ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ چيو آهي تہ جڏهين دنيا ۾ نيڪيءَ جو زوال ٿيندو آهي تڏهين مان پنهنجو پاڻ کي سرير ۾ آڻيندو آهيان ۽ جيڪو منهنجي الاهي پئدائش کي سڃاڻندو آهي اهو پنهنجو سرير ڇڏي، وري ٻيهر پئدائش جي بدران مون سان اچي ملندو آهي. يسوع مسيح بہ ڪرشن ڀڳوان وانگر اوتار هو. هن جي پئدائش معجزو هئي. هو ڪنواري مريم جي ڪک مان پئدا ٿيو ۽ تنهنجي منهنجي گناهن جي ڪفاري لاءِ صليب تي چڙهي ويو. توکي خبر آهي تہ صليب ڇا ٿيندي آهي. هي منهنجي ڳلي ۾ لڙڪيل واڌوءَ جو نشان ڏسين ٿي، اڳئين زماني ۾ ائين ڪاٺيءَ جي صليب ٺاهيندا هئا ۽ ان تي ڏوهارين کي لڙڪائيندا هئا. هنن جي هٿن ۽ پيرن ۾ ڪِليون ٺوڪيندا هئا ۽ هو صليب تي سور سهي سهي مري ويندو هو. يسوع مسيح کي بہ ماڻهن صليب تي چاڙهيو. هن جو ڏوھ رڳو اهو هو جو هو ڪوڙهين کي

ڪوڙهه مان ڇتائيندو هو ۽ مُڙدن کي جيئرو ڪندو هو. مان ان يسوع مسيح جو پنڊت آهيان.“

”پنڊت آهين ته پوءِ ڪنهن مندر ۾ وڃ. هتي ڇالاءِ آيو آهين؟“

”خداوند ۽ خداوند يسوع مسيح جو مندر ماڻهوءَ جو من آهي، دل ديول آهي ۽ تن ڪاشي. دل جي ديولين ۽ تن جي ڪاشيءَ ۾ تنهنجو ڪرشن ڀڳوان ۽ منهنجو يسوع مسيح رهندا آهن پر اسين پنهنجي ڪرم سان، عمل سان ۽ گناهن سان ڪرشن ڀڳوان ۽ يسوع مسيح کي دل جي ديول مان نيڪالي ڏيئي ڇڏيندا آهيون. مان يسوع مسيح جو پنڊت آهيان ۽ تنهنجي دل جي جي بند دروازي جو ڪڙو ڪڙڪائڻ آيو آهيان ته جيئن يسوع مسيح ۽ ڪرشن ڀڳوان کي تنهنجي دل جي ديول ۾ ويهاريان.“

”پنڊت صاحب! جي اوهان وٽ پئسا ڪونهن ته سڌي ڳالهه ڪيو، اجاين ڳالهين ۾ وقت نه وڃايو.“

”مان توکي پئسن سان مالا مال ڪري ڇڏيندس پر توکي منهنجون ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون.“

”مان اوهان وانگر ڳالهين جو ڪٽيو نه کائيندي آهيان. اڄ ٿوريءَ دير ۾ مون وٽ مهمان اچڻا آهن. ڪنهن واندي وقت تي اچجو ته ڳالهيون ڪنداسين.“

”جڏهين تون واندي ٿيندينءَ تڏهين ايندس.“

”چڱو.“

پادري ٻاهر نڪري آيو. ٻئي ڏينهن هو گيتا وٽ ويو پر گيتا کيس اندر نه سڏايو. شام جو وري ويو پر گيتا وري به کيس اندر نه سڏايو. پورو هفتو صبح شام ۽ منجهند جو هن گيتا جو در کڙڪايو پر گيتا ساڻس نه ملي. آخر ائين ڏينهن گيتا هن کي سڏايو.

گيتا سمجهيو هو ته پادري ڪو وڏو فرنگي واپاري آهي جيڪو هڪ رات رهي هن جي جهول اشرفين سان ڀري ڇڏيندو پر هو ته پنڊت نڪتو جيڪو کيس عيسائي بڻائڻ آيو هو. ٻهرين ڏينهن ئي پادريءَ

جون ٻالهيون ٻڌي هوءَ بيزار ٿي پئي هئي ۽ ارادو ڪيو هئائين وري ڪيس گهر جي چانئٺ ٽپڻ نہ ڏيندي. پر پادري ڏاڍو ڪو ڍٺو هو جو پورو هفتو صبح، شام ۽ منجهند جو سندس در کڙڪائيندو رهيو. گيتا سوچيو تہ هو ائين نہ مڙندو. هن سان اهڙي تعدي ڪيان جو وري منهنجي در جو منهن نہ ڏسي. هن کي پنهنجي طاقت جي خبر هئي ۽ مڙد جي سياءَ جي چڳيءَ طرح ڄاڻ هئي. هن کي خبر هئي تہ ڪهڙو مرد هن جي گهور سان گهائبو ۽ ڪهڙو هن جي مُرڪ سان مات ٿيندو ۽ ڪهڙو هن جي ڇهاءَ سان ميڻ وانگر پگهرجي ويندو. جيڪي مرد گل گل جو واس وٺي اندران ڍاپيل هوندا آهن انهن کي جهڪائڻ ڪنهن حد تائين ڏکيو هوندو آهي پر پنڊت، پادري ۽ مُلان جن جي اندر جا اجايل جذبا اندر ئي اندر پيا اُبرندا آهن انهن کي مات ڪرڻ تہ سولو آهي. هن سوچيو تہ اڄ پادريءَ جي ان ڍڳهي قبا ۽ عبا ۾ لڪل اگهاڙي مرد کي جاڳائيندي ۽ جڏهين هن جي اندر جو نانگو مڙد پالو اُيو ڪري شڪار تي وار ڪرڻ گهرندو تنهن وقت مان شڪار ٿيڻ کان انڪار ڪنديس. پوءِ هو ڦٿڪندو، لڇندو، منٿون ڪندو، پيرين پوندو پر مان هن کي هٿ لائڻ نہ ڏينديس. ان وقت ڪيس ٻڌائيندس تہ هو ڇا آهي ۽ پنهنجي چوڌاري پورتا جا ڪيڏا نہ ڪوڙا ڪوٽ اڏيا اٿئين. پوءِ مان هن کي ڌڪا ڏيئي گهر مان ڪيندس ۽ هو وري هيڏانهن نہ ايندو.

هن ڇپر ڪٽ تي گلن جون پنکڙيون پکيڙيون، عطر ۽ عنبير سان تن کي تازو ڪري، پنهنجا ڍڳها ڍڳها وار چند جهڙي منهن تي وکيري هوءَ ليٽي پئي. پادري اندر آيو تہ هن منهن تي وکريل وارن مان خماريل نيڻ کڻي هن ڏانهن نهاريو ۽ نندڪڙي آواز ۾ چيو.

”پلي ڪري آيئہ. معاف ڪجو بہ ٿي ڏينهن مان مصروف هيس ۽ اوهان سان ملڻ جي واندڪائي نہ ملي.“

”ڪا ڳالهہ ڪانهي.“ پادري قالين تي ويهڻ لڳو.

”اچو اچو، هيڏانهن منهنجي پر ۾ اچي ويهو.“

پادري هن جي پر ۾ اچي وينو.

”رات مان دير سان ستس. مهمان ترسيل هو. دير تائين مَڌُ پيئندي رهيس. اوهان کي ته خبر آهي ته مرد ڪيڏو نه بکيو تو ٿئي. ڍاپجي ئي نٿو. ڍاپجي ٿو ته به سندس هوس پوري نٿي ٿئي. پانئين ته ٻوٽي ٻوٽي پٽي ڇڏي. ڏاڍو ٿڪائي تا ڇڏن. پادري صاحب، اسان جي ڪمائي به سَنڌ سَنڌ چيچلائيندڙ پورهئي جي ڪمائي آهي. ڳالهين جو ڪٿيو نه آهي.“ گيتا ڳالهه پوري ڪري ڪر موڙيا ته سندس جوپن ڦاٽ ڪائڻ لڳو. هن سمجهيو ته پادريءَ لاءِ اهو وارُ ڪافي هو، پر پادريءَ تي ڪو اثر نه ٿيو. گيتا سڀ حيلا هلايا، سڀ وار آزمايا پر پادريءَ تي ڪو وارُ ڪارگر نه ٿيو. پادريءَ جي بي حسي گيتا جي حسن ۽ جوانيءَ جي توهين هئي. گيتا سوچيو ته يا ته پادري نامرد آهي يا وري اهڙو مڙد جنهن جهڙو نه مون اڄ تائين ڏٺو ۽ نه ڏسنديس. هن ڦتيل نانگڻ جيان اندر ئي اندر وٽ کاڌو ۽ پادريءَ کي چيائين.

”پادري صاحب، اوهان جون ڳالهيون پيگوانن ۽ اوتارن جون ڳالهيون آهن. بيهو ته مان پاڪ ٿي اچان پوءِ اوهان جو پوتر ڳالهيون ٻڌندس.“

گيتا ڪمري کان نڪري ٻاهر وئي ۽ پادري اڪيلو رهجي ويو. پادريءَ کي پڪ ٿي ته اڄ گيتا هن جون ڳالهيون دل سان ٻڌندي ۽ هن تي منهنجون ڳالهيون ضرور اثر ڪنديون. هر انسان بنيادي طرح عيسيٰ آهي. پر وقت ۽ حالتون هن کي الائجي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏين. گيتا ڪيڏي نه سهڻي آهي ۽ سونهن نيڪي آهي ۽ گيتا هيڏي سهڻي هوندي به وئشيا آهي. جيڪر ڪو مون جهڙو ماڻهو به آنتي صوفيه کي ملي ها ته شايد هوءَ بادفرنگ ۾ نه مري ها. پر پادري باربوسا! هڪڙي ڳالهه ته ٻڌاءِ، تون جو گيتا کي ڇڱائيءَ جي واٽ ڏيکارڻ آيو آهين ته ڇا گيتا جي ڇڱي

تيڻ سان معاشرو چڱو ڀلو ٿي ويندو ۽ ڪا به گيتا هن جي جاءِ نه والاريندي. اهو ڪو حل ڪونهي. ڪو اجتمائي حل ڳولهه، ڪا اهڙي واٽ ڳولهه جنهن سان سارو معاشرو ڏوهي ٿي وڃي.

پادريءَ اهي ڳالهيون ويٺي سوچيون ته گيتا اندر آئي. گيتا وهنجي آئي هئي. هن پڙو پاتو هو ۽ هن جي مٿئين ڌڙ تي سنهي ململ جو رئو ويڙهيل هو. هن جو بُت آلو هو ۽ سنهو رئو هن جي بت ڪي چهٽي پيو هو ۽ هن جون ڇاتيون، پيٽ، هڪ هڪ انگ صاف نظر ٿي آيو. گيتا هن جي پير ۾ ويهي وار ڇنڊڻ لڳي. وار ڇنڊڻ سان سندس ڇاتيون ڇلڻ لڳيون.

”پادري صاحب، اتي ويهاڻي جي هيٺان منهنجي ڪنجري رکي آهي آها ته ڪڍي ڏجو.“

پادريءَ هن کي ڪنجري ڪڍي ڏني. ڪنجري ونندي هن جي بُت تان رئو کسڪي ويو ۽ هن جي مٿئين ڌڙ جو اڌ حصو اگهاڙو ٿي پيو. پادري آهستي ڪٿ تان اٿيو ۽ هن جي بت تان رئو لاٿائين هاڻي هن جو مٿيون ڌڙ سارو اگهاڙو هو. پادريءَ پنهنجي هٿن سان هن کي ڪنجري پارائي ۽ پوءِ رئو سندس بُت تي ويڙهي سندس مٿو ڍڪيائين. هن کي ٻنهي ٻانهن کان جهلي، هن جو منهن پاڻ ڏانهن ڪري، ٻنهي هٿن سان سندس منهن جهلي هن پنهنجا چپ هن جي پيشانيءَ تي رکيا.

پادريءَ جي ڇهاءَ سان گيتا جو سارو بدن ۽ روح ڏڪڻ لڳو. هن کي ائين لڳو جڻ پادريءَ جا چپ هن جي سَنڌ سَنڌ مان گناهن کي ائين ٿا چوسن جيئن جوڳي نانگ جي ڏنگيل جو زهر چوسيندا آهن. هن اڄ تائين ڇپن مان لذت کي ٺمندو ڏٺو هو. ٽانڊن وانگر برندڙ چپ جيڪي سندس سَنڌ سَنڌ کي لذت جا ڏنڀ ڏيندا هئا، ٻوٽي ٻوٽيءَ مان لذت کي چوسيندا ۽ چَٽيندا هئا پر هي چپ هن جي روح جي ڦٽن تي پَها هئا.

”ڌيءُ شل ڪرشن ڀڳوان ۽ يسوع مسيح توکي سڌي واٽ ڏيکاري.“ پادريءَ جو آواز آيو.

اچ تائين ڪنهن پوڙهي بہ هن کي ڏيءُ نہ سڏيو هو. پوڙهن جون اکيون بہ چيلاڻن وانگر هن جي بت کي چهٽنديون هيون ۽ ان پادريءَ جي واتان ڏيءَ اکر ٻڌي هن جي روح کي ايتري تہ راحت ملي جو هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. هوءَ جهڪي ۽ پادريءَ جا پير چميائين. پادريءَ هن کي ٻانهن کان جهلي، مٿي ڪري سيني سان لاتو ۽ گيتا پادريءَ جي سيني ۾ منهن لڪائي سڏڪڻ لڳي.

....

سارنگ ڪينجهر تان موٽيو ۽ ٻئي ڏينهن باغين جي سرڪوبيءَ لاءِ روانو ٿيو.

ڪيرٿر جبل ڏانهن ڪن وحشي قبيلن قرلٿ لائي ڏني هئي. سيوهڻ ڏانهن ويندڙ شاهي قافلي ۽ تر جي زميندارن کي لٽيو هئائون ۽ انهن جي سرڪوبيءَ لاءِ فوج رواني ٿيڻي هئي جنهن جو سالار تہ هڪڙو تجربيڪار مغل امير هو ۽ سارنگ نائب سالار هو، پر اصل سالار سارنگ ئي هو. نواب هن کي پاڻ اها مهم سونپي هئي. نواب هن کي ان مغل سالار ۽ ٻين اميرن جي سامهون چيو هو تہ ”اصل سالار تون آهين، توکي ئي جرئت سان جنگ جيتڻي آهي. هي مغل سالار عمر رسيدو آهي. ساري زندگي جنگين ۾ گذاري اٿئين. هن جو تجربو ۽ جرئت ۽ بهادري جابلو قبيلن جي پاڙ پٽي ڇڏيندي. هڪڙي ڳالهہ ڌيان ۾ رکجانءِ تہ اهي جابلو قبيلا ڏاڍا وحشي آهن. ڪلهوڙن جي فوج بہ ساڻن پڄي نہ سگهي پر اسان کي پڪ آهي تہ تون سندن پاڙ پٽي ڇڏيندين.“

”ويري جيترو بهادر، وحشي ۽ جنگجو هوندو اوترو ساڻس مقابلي ۾ مزو ايندو. اميد تہ اوهان جي دعائن سان سندن جڻ ٻچو رولئي ڇڏيندس.“

”اسان کي تو مان اهائي اميد آهي.“

نواب هن کي مغلن جي خانداني تلوار ڏني ۽ سارنگ مهم تي روانو ٿيو. هو ڏاڍو خوش هو. اڄ پهريون ڀيرو هن کي پنهنجي جرئت، بهادري ۽ جوانمردي ڏيکارڻ جو موقعو مليو هو.

ان مهم ۾ چار مهينا لڳي ويا. سارنگ واقعي باغين جو جڻ ٻچو رولي ڇڏيو ۽ سيئي اچي پيش پيا. لُٽ جو سارو مال واپس ڪري ڏن پري ڏنائون. هو ڪاميابيءَ جا نغارا وڄائيندو نٽي ۾ داخل ٿيو. نواب مسند تان اٿي، اڳتي وڌي هن جو آڌرياءُ ڪيو. کيس قلعي حاڪم نشين ۾ محلات ملي، خلعت، در تي نوبت ۽ علم عطا ٿيو. هن سوچيو هاڻي سنڌوءَ کي وٺي اچان. سنڌو منهنجي بهادريءَ جي هاڪ ٻڌي ۽ رتبو ڏسي ڪيڏي نہ خوش ٿيندي. هن جا سڀ خواب پورا ٿيندا ٿي ويا. هن ڳوٺ وڃڻ جي تياري ڪئي تہ اوچتو هن کي ڪنهن ٻي مهم تي روانو ٿيڻو پيو. اتان ڪامياب ٿي موٽيو تہ ڪن سرحدي جهيڙن جي نبيري لاءِ کيس ڪلهوڙن جي دربار ۾ خدا آباد وڃڻو پيو. هن کي خبر ئي ڪانہ پئي ۽ وقت گذرندو ويو ۽ پوءِ جڏهين خدا آباد کان موٽيو ۽ هوائن ۾ ڦوٽهڙي جي هبڪار محسوس ڪيائين تڏهين کيس احساس ٿيو تہ هن کي سنڌوءَ کان وڇڙي سال ٿي ويو آهي. نٽي ۾ اچي هن ڪم ڪار لاٿا، مس مس واندو ٿيو ۽ گهوڙي تي لانگ ورائي ڳوٺ روانو ٿيو. هاڻي هن جو آخري خواب پورو ٿيڻ وارو هو. هن سوچيو تہ وڃڻ سان چاچي سجاول خان سان سنڌوءَ جي سنگ جي ڳالهہ چوريندس. چاچي ڪڏهين منهنجي ڳالهہ نہ موٽائي آهي. هاڻي بہ نہ موٽائيندو، سنڌوءَ سان شادي ڪري کيس قلعہ حاڪم نشين جي محلات ۾ وٺي ايندس. ٻانهيون کيس هندوري ۾ لوڏا ڏينديون ۽ مورڇل هٽنديون. هو ٻيڙيءَ تان لٿو ۽ گهر وڃڻ جي بدران

سڌو وڃي سنڌوءَ جو در ڪڙڪايائين. اندران چاچي ساوڻ ڪنگهندي پڇيو
”ابا ڪير آهين؟“

”چاچا مان سارنگ آهيان.“

”ابا اندر اچو، در تہ پراون جا ڪڙڪائبا آهن. هي تہ منهنجي بابي جو گهر آهي.“

سارنگ سوچيو هو تہ منهنجو نالو ٻڌندي ئي سنڌو هرڻيءَ وانگر ڇال ڏيندي، ڊوڙي اچي در کوليندي. پر سنڌوءَ جي بدران ساوڻ چنگهندو، ڪنگهندو اٿيو ۽ در ڏانهن وڌيو. سارنگ کي پڪ ٿي تہ سنڌو گهر ۾ ڪانهي نہ تہ هن مهل تائين هوءَ ڊوڙي اچي سندس سيني سان لڳي ها. شايد اسان جي گهر وئي هوندي. هن جي دل چيو تہ اتان ئي موٽي پنهنجي گهر وڃي سنڌوءَ سان ملي. ايتري ۾ ساوڻ در کوليو. هو ساوڻ سان نوڙي مليو.

”بابي کي بسم الله چوان...... اچو اچو“

”چاچا سنڌو ڪٿي آهي؟“

”بابا ٻڌايانو ٿو، ٿورو ساهہ تہ پٽيو.“

ساوڻ هن کي ڪمري ۾ وٺي آيو. کٽ تي هنڌ وڇائي هن کي ويهاريائين.،

”بابي ڏي خير تہ آهي؟“

”چاچا سنڌو ڪٿي آهي؟“

ساوڻ ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ سندس پوڙهين اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

”بابا ٻڌو ڪونہ اٿئي تہ :

ڪڏهين چونڪ ڊِيي گل قاڙيا، سنگ نڪري ٿيا نروار
اچي پيڙن ڳاهہ فراق جو، ٿيا ڪٽا ڪٽي ڪان ڏار.

”چاچا ڇا ٿيو سنڌوءَ کي؟“ سارنگ جو هانءُ ٿي ڦاٽو.

”بابن، سنڌو پرديس پرڻجي وئي.“

”سنڌو پرڏجي وئي!؟ ڪڏهن؟ ڪنهن سان؟“

”سنڌوءَ جي وهانوَ کي تہ هاڻي ٻارنهن مهينا اچي پورا ٿيڻ وارا آهن.“

”پر چاچا، هي سڀ ڪيئن ٿيو، تو مونکي خبر چونہ ڏني.“

”بابن توسان ملڻ لاءِ ڏاڍا پنڌ ڪيم، پر تون نہ مليئين. جڏهن آيس تڏهين ٻڌم تہ تون ڪنهن مهم تي ويل آهين. سنڌو تو لاءِ ڏاڍو رني. نسوري ٻاھ ٻاري ڏنائين تہ سارنگ کي وني آڻ، سارنگ نہ آيو تہ منهنجو لاش هن گهر مان نڪرندءِ. ڪو تہ مونکي ڏوليءَ ۾ وهارڻ وارو بہ هجي. ڪيس نہ ڪو ياءُ نہ پيڻ، نہ مِٽ نہ مائٽ، تو لاءِ ڏاڍو رُني، ڏاڍو ڦٿڪي.“ ساوڻ ماٺ ٿي ويو. ڳالهين سان سندس ساھ پرجي آيو ۽ هو سهڪڻ لڳو. سارنگ جو تہ ڄڻ ڪنهن پيئڻ بلا ساھ پي ڇڏيو هو.

”سنڌوءَ کان سواءِ منهنجو تہ هانءُ ٿو ڦاٽي.“ ساوڻ وري چوڻ شروع ڪيو. ”پر نياڻيءَ جو وياءُ ڪيستائين پيءُ جي در تي ويهندو. بابل سائين، مون جڏهين سنڌوءَ جي ماءُ سدوريءَ جو سَڱ سندس مائٽن کان گهريو هو تڏهين بدي ۾ مونکان بہ ٻانهن گهري هئائون. اسان جي گهراڻي ۾ ڪا ٻانهن ڪانہ هئي جو بدي ۾ ڏيون. پوءِ راجوٽو فيصلو ٿيو. مون کان قرآن تي سدوريءَ جو پيٽ لکرائي ورتائون. سدوري مري وئي. مون سنڌوءَ کي ماءُ ٿي پاليو. بابل، سنڌو مون کي ڏاڍي پياري هئي پر بابا مالڪ اچي وني ويس. قرآن تي لکي ڏنو هيم نہ سنڌوءَ کي ڪڏهين بہ اکين کان پري نہ ڪيان ها.“

سانوڻ جو هڪ هڪ اکر هن جي پوري وجود مان پيئڻ وانگر ساھ پيئندو رهيو ۽ هو بي جان بوتي وانگر سانوڻ جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. آخر هن سانوڻ کان موڪلايو ۽ گهر اچي گهر جي سيني پاتين سان ڪلي ڳالهايو. هنن کي پنهنجي نوڪري ۽ ڪارنامن جون ڳالهيون ٻڌايائين. رات جو ماني کائي کٽ تي ليٽيو ۽ سندس اکيون ستارن ۾ کپي ويون. آسمان ۾ چنڊ جي پيگل ٻيڙي ترڻ لڳي ۽ ڏور سمنڊ ۾ ويرون

چڙهيون ۽ ٻيڙن جا سڙهه ڦاٽي پيا. سمنڊ جون لهرون ڪناري جي واريءَ تي وري ويون. ڪينجهر ۾ مهاڻي جو آواز زخمي ڪونج وانگر فضائن ۾ ڦٿڪڻ لڳو اڄ به سانت ۾ ستل زندگيءَ جا آواز جاڳيا. آسمان ۾ سوجهرو پکڙيو پر سنڌو نه آئي.

”تون خواب ڏسندي آهين؟“

”ها ڏسندي آهيان.“

”ڪهڙا خواب ڏسندي آهين؟“

”پهرين تون ٻڌاءِ ته تون ڪهڙا خواب ڏسندو آهين.“

”مان تمام وڏا خواب ڏسندو آهيان، ايڏا وڏا خواب جو آسمان به منهنجي خوابن آڏو هيچ آهي.“

”اهڙا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي.“

”ڇو......؟“

”اهڙا خواب ڏسڻ وارا ڏاڍا ڏک ڏسندا آهن ۽ ڏاڍا ڏک ڏيندا آهن. پنهنجي خوابن جي تعبير ماڻڻ لاءِ هر رشتي ۽ ناتي کي لتاڙي اڳتي وڌندا آهن...... اڳتي وک وڌائڻ کان اڳ ماڻهو ڪنڌ جهڪائي هيٺ ضرور ڏسي ته ڪو رشتو، ڪو ناتو، ڪنهنجو ڪو جذبو يا خواب ته لتڙ هيٺان نه ٿو اچي.“

”سنڌو....!“ هن دانهن ڪئي پر آواز سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. سنڌو..... سنڌو..... سنڌو!! ڇوڏاري سنڌوءَ جو نانءُ پڙاڏجڻ لڳو. هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ گهوڙي تي چڙهي نٿي روانو ٿي ويو.

....

گوپيءَ ماڻڪ جي چوڏاري ليڪو ڪڍيو هو. ماڻڪ کي پهريون دفعو احساس ٿيو تہ هر هڪ ماڻهوءَ جي چوڏاري ليڪو نڪتل آهي ۽ هر هڪ ماڻهو دائري ۾ گردش ٿو ڪري. زندگي ويراڳ آهي، بن باس آهي. چوڏاري ماڻهن ۽ ريتن رسمن جو جهنگ آهي، رام تہ رڳو چوڏهن سال بن باس ڪاٽيو هو. هتي پوري زندگي بن باس آهي. هن کي اها بہ خبر پئي تہ وچوڙي ۾ مزو ويتر وڌي ٿو، گهٽ نٿو ٿئي. ڪڏهين ڪڏهين بي اختياريءَ ۾ هن جون وکون شوالي يا آشرم ڏانهن کڄي وينديون هيون پر هو اڌ تان موٽي ايندو هو. ڪڏهين ڪڏهين هن کي لڳندو هو تہ گوپي هن سان ساڻ هئي. هن سان گڏ پڙڇ تي ويٺي هئي. هن کي گيتا پڙهي ٿي ٻڌايائين...... اننگ رنگ ساگرم. مان پيار جو ساگر آهيان. گوپيءَ وينا چيڙي ۽ هن جي گروءَ جي وائي ڳائڻ لڳي. مون پرين ميڙيين، روجهڙيون ميڙين مينهن. گوپي هن جي ساهہ ۾ سمايل آهي. گوپي ۽ هن جا سرير پاڻ ۾ ائين مليل آهن جو خبر ئي نٿي پوي تہ ڪهڙو سرير ڪٿي ختم ٿو ٿئي ۽ ڪهڙو ڪٿان شروع ٿو ٿئي. هن کي پنهنجي گروءَ جو بيت ياد پيو. جيئاريس سنيار، ڪوهہ ڪريديس گڏجي، ويروتار وجود ۾ پرينءَ جي پچار! ويروتار وجود ۾ پرين جي پچار..... ويروتار وجود......

گوپيءَ سان منهنجو موهہ منهنجي آتما ۽ منهنجي سرير جو موهہ آهي يا انڌن جذبن جي اٿل پٿل، اجايل سرير جي اجايل ڪامنائن جي ازلي اُڄ. مان برهمچاري آهيان. اڄ تائين ڪنهن بہ عورت جو سريرُ منهنجي سريرَ جي ايترو ويجهو نہ آيو آهي جيترو گوپيءَ جو سرير ويجهو آيو آهي. ان ويجهڙائيءَ منهنجي سرير ۾ ستل وحشي جذبن کي جاڳايو، جذبن جون لهرون بند ٻيڃڻ لڳيون ۽ مان لهرن جي زور کي موهہ سمجهي ويٺس. شايد مون کي عورت جي ضرورت آهي. منهنجي اجايل سرير جي اجايل ڪامنائن کي اڄ اجهائڻ جي ضرورت آهي. گوپي نہ تہ ڪا ٻي عورت ئي سهي. عورت تہ وسيلو آهي اندر جي اڄ اجهائڻ جو. اهو وسيلو

ڪابہ عورت تي سگهي ٿي. عورت ئي منهنجو درد، دارون ۽ ويج آهي. ان ڏينهن کان هن عورت جي تلاش شروع ڪئي.

پهرين تہ هن سمجهيو تہ عورت ملڻ مشڪل آهي پر پوءِ جڏهين هن عورت جي ڳولها شروع ڪئي تڏهن هنکي خبر پئي تہ ننئي ۾ اناج جي منڊيءَ وانگر عورتن جي بہ منڊي آهي جتي هر جنس ملي ٿي. هو برهمچاري هو ۽ هن کي پنهنجو برهمچاريہ ختم ڪرڻ لاءِ ڪنواري ڇوڪريءَ جي تلاش هئي. پر اهڙي ڪنواري عورت حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي ان عورت سان شادي ڪرڻي پوندي. شادي....؟ ها شادي! پر اها شادي سماجي ٻنڌڻ نہ هوندي. هن کي ڪنوار لاءِ باقائدي ڏيج ڏيڻ، ڳهہ ڳـنا ۽ خرچ پنو ڏيڻو پوندو. ڪنوار زال جي حيثيت ۾ هن وٽ مهينو، ٻہ مهينا، ڇهہ مهينا، جيترو عرصو هو چاهي، رهندي ۽ پوءِ ٻئي جدا ٿي ويندا. جدا ٿيڻ وقت بہ ڪيس زال جي خرچ لاءِ پئسا ڏيڻا پوندا. هن اهي سڀ شرطون مڃيون. ماءُ کان سوني اشرفين جي ڳوٿري ۽ نصرپور گهمڻ لاءِ مهيني جي موڪل ورتي ۽ پدمڻيءَ سان سندس شادي ٿي.

پدمڻي ڪنوار ٿي، ڳاڙهو گهونگهٽ ڪڍي هن جي سامهون ڇپر کٽ تي ويٺي هئي. پاسي کان ٽپائيءَ تي چانديءَ جي گُهگهيءَ ۾ مَڌُ ۽ ٻہ خالي پيالا رکيا هئا. ڪمري ۾ سهاڳ جي خوشبوءِ رچيل هئي. هن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ڇا ڪري، ڪيئن ڳالهہ شروع ڪري، هن جو سارو بُت پگهرجي ويو هو. هن يڪدم مڌ جو پيالو پريو ۽ ڳيت ڏيئي پي ويو. هن ڪڏهين بہ مڌ نہ پيتي هئي ۽ هنکي لڳو هن پاٽيان باهہ پيتي ۽ اها باهہ هن جي سيني کي ساڙيندي اندر وئي. اندر مان ٻاڦ نڪتي ۽ هن جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجڻ لڳي. هر شيءِ دونهاٽيل ۽ ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل نظر اچڻ لڳي. هن جي اندر جي هٻڪ ختم ٿي وئي هن هٿ وڌائي ڪنوار جو گهونگهٽ هٽايو ۽ ڪمري ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙي بيٺو. هن آڱر سان ڪنوار جي ڪاڏي مٿي ڪئي، ڪنوار آهستي آهستي

اڪيون ڪوليون. هن جي اڇي رنگ تي ڪارا نيڻ ڄڻ ڪنول جي اڇي گل تي ڪارا ڪارا ڀنور. هن کي گوپي ياد پئي. گوپيءَ ۾ ڇا هو جو سندس عشق ۾ ڦاٿو هو. گوپي لهندڙ سج جو ٽِڙڪو هئي ۽ هيءَ ڄڻ سج ڪَني تي ڪڍي ۽ سج جي نئين نڪوري اُس ڪائنات تي ڇانيل ميراڻ کي تي ڌوتو. گوپيءَ کي ڏسي دل تي درد جي مير ڇانئجي ويندي هئي ۽ هن کي ڏسي دل ڌوپجي تي پئي.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”پدمڻي.“ سندس آواز مان ڇہ ڪرٽا تي ڦُٽا.

”منهنجو نالو ماڻڪ آهي. مان برهمچاري آهيان ۽ تو وٽ پنهنجو برهمچاريہ ختم ڪرڻ آيو آهيان.“

”برهمچاريہ ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن چڱي گهر مان شادي ڇو نہ ڪيوَ. هي پاپ ڇو ٿا ڪيو.“

”مان پاپ ۽ پُڃَ، ڌرم ۽ اڌرم جي چڪر مان نڪري آيو آهيان. خواهشن کان مڪتي محال آهي. جن خواهشن کي ماريو، جن لذتن کي تياڳو ۽ مري ويا، اهي جي هڪ وار وري هن دنيا ۾ اچن تہ هڪ هڪ گهڙيءَ مان لذت کي چوسي وٺن.“

”ماڻهو هن دنيا ۾ جوڻ مٽائي ايندو ٿو رهي.“

”هن دنيا مان ويل ماڻهو وري ڪڏهين نٿو موٽي. هيءَ گهڙي جيڪا موجود آهي، جنهن ۾ تون آهين، مان آهيان، ۽ مَد آهي، اها گهڙي سچ آهي، باقي سڀ ڪوڙ آهي.“

هن جون ڳالهيون ٻڌي پدمڻي دهلجي وئي. شايد ناستڪ آهي.

هن هٿ وڌائي پدمڻيءَ جي هٿ کي جهليو. هي هٿ کهڙو نہ نرم ۽ کهڙو نہ سهڻو آهي. جهڙو گلاب جو گل. پر هن هٿ جي ڇهاءَ مان مون کي گوپيءَ جي هٿ جي ڇهاءَ واري راحت ڇونہ تي ملي. پدمڻيءَ جو ڇهاءُ رڳو منهنجي سرير جي تندن کي ٿو ڇهي جڏهين تہ گوپيءَ جو ڇهاءُ منهنجي سرير ۽ منهنجي آتما ٻنهي جي تندن کي ڇيڙيندو هو ۽ منهنجي

وجود مان اهي الهامي سُر ڦُٽا هئا جن کي ڪوبہ رشي، ڪوبہ مَني، ڪوبہ ديوتا اجان تائين ڪنهن راڳ جو روپ ڏيئي نہ سگهيو آهي. هن وري مَٿ جي وٽي چاڙهي ۽ هن جي اندر ۾ وينل نانگو مرد ڪر موڙي جاڳي پيو. هن پدمڻيءَ کي سيني سان لاتو ۽ پوءِ هن مانسرور ڍنڍ ۾ هنسن جي جوڙي کي ترندو ڏٺو. هن ڏاڙهونءَ جي مکڙيءَ کي ڳاڙهيون پنکڙيون پکيڙي گل ٿيندي ڏٺو. ڪنول جي گل ماڪ پيل پنکڙيون پکيڙيون، ڀنور گل تي وينو ۽ ڪنول گل پنکڙين ۾ ڀنور کي بوٽي چڏيو. وڏڦڙي جي وسڪار ٿي ۽ اڃايل ڌرتيءَ جو ذرو ذرو ٺري پيو. پر اجان هن جي وجود ۾، هن جي اندر جي اونهاين ۾، هن جي آتما ۾ ڪي واريءَ جون پٽون هيون جن تي بوند بہ نہ برسي هئي. گوپيءَ جي چهاءَ سان تہ سپ ڪان پهريون انهن پٽن تي وسڪار ٿي هئي. سرير اڃيو هو پر اندر ۾ ڪيڏا نہ نار ٿيا هئا. ائين چو آهي، چو آهي. پدمڻيءَ جو حسن، پدمڻيءَ جي جوانيءَ مان حاصل ٿيل لذت هن جي حواسن کي اورانگهي چو هن جي آتما تائين نہ پڳي هئي.

صبح جو هن جي اک کلي، پدمڻي هن جي پر ۾ وينِي هئي ۽ سندس وارن ۾ آڱريون ٿي ڦيريائين. هيءَ ڪير آهي، مان ڪير آهيان، ڪٿي آهيان. هن کي راتوڪيون گهڙيون ياد پيون ۽ هن جي چپن تي مرڪ تري آئي. هن پدمڻيءَ کي سيني سان لاتو. پدمڻي هن جي سيني تي مٿو رکي چڏيو. گوپيءَ منهنجي سيني تي مٿو رکيو هو ۽ گوپيءَ جو جسم منهنجي ٻانهن ۾ هو ان وقت جو ڪجهہ مونکي محسوس ٿيو هو، هاڻي چونہ ٿو محسوس ٿئي.

”پدمڻي.“

”جيءُ.“

”تو ڪنهن سان موهہ ڪيو آهي؟“

”تون منهنجي زندگيءَ جو پهريون مڙد آهين.“

”پدمڻي، ڇا موھ مان مڪتي نٿي ملي؟“

”موھ مان مڪتي ڪيئن ملندي، موھ تہ ڀڳوان آھي. ڀڳوان سان تہ نرواڻ ملندو آھي.“

”ڀلا ماڻھوءَ کي موھ ۾ اندر جي ايذاءَ کان ڇوٽڪارو ڇونہ ٿو ملي؟“

”اھو ايذاءُ تہ نرواڻ جي واٽ آھي.“

”مونکي نہ گھرجي تنھنجو نرواڻ، نہ گھرجي تنھنجو ڀڳوان. مونکي شرير ۾ آتما جي شانتي گھرجي.“

هن زور سان پدمڻيءَ کي ڀاڪر ۾ جھليو ۽ سرير جي لذت مان آتما جي شانتي ڳولهڻ لڳو.

پدمڻيءَ هن کي اڻ ميو پيار ڏنو. هن بہ پدمڻيءَ کي پيار ڪيو. پر ٻنهي کي خبر هئي تہ ٻنهي جو پيار جسمن جون سرحدون ٽپي، دلين ۽ آتمائن تائين پڄي نٿي سگھيو. پدمڻي سارو ڏينهن هن جي خدمت ڪندي هئي هن جي ننڍين ننڍين خوشين ۽ خواهشن جو خيال رکندي هئي. پدمڻي ۽ هن جو ناتو نہ سماج جو ناتو هو ۽ نہ موھ جو ناتو. پوءِ پدمڻيءَ هن جو ايڏو خيال ڇو ٿي ڪيو. هن کي خوشيون ڏيڻ لاءِ پاڻ ڇو ٿي پتوڙيو. هن کي خبر پئي تہ جيئن ڪائنات کي هلائڻ وارو برهم آھي، پراڪرتي، پرش ۽ ڀڳوان آھي. ڪائنات هن جو مظهر آھي، تيئن هن سماج کي خلقڻ ۽ هلائڻ وارو بہ هڪ برهم آھي، پرش، پراڪرتي ۽ ڀڳوان آھي ۽ سماج هن جو مظهر آھي. اھو ڀڳوان، اھو پرش، پراڪرتي ۽ برهم ناٿو آھي. جنهن جو ڪو روپ ڪونهي پر هزارين روپ آھن. هو هي آھي، هو آھي، هِتي آھي، هُتي آھي. محبت، نفرت، لڳ لاڳاپا، نيڪي بدي، ڳڻ اوڳڻ، پاپ ۽ پُن سڀ ان برهم جا روپ آھن. او دوتم. هو جيڪو بہ نہ آھي. تت سوم اسي، هو هي آھي، همہ اوست هو سڀ آھي.

آهستي آهستي هو جسم جي لذتن مان ٿڪجي پيو. لذتن جي ٿڪ پنيان هن جي دل ۾ هنجي آتما تي گوپيءَ جي درد جي ماڪ ٿي وئي. جيئن ٿي هن پنهنجو پاڻ کي جسم جي لذتن ۾ گم ڪيو تيئن ٿي گوپيءَ جي ياد گوپيءَ جي طلب وڌي. هاٿي چوٽڪاري جي کهڙي واٽ آهي. هن کي وديالي جي چنڊ رات ياد پئي جڏهن پپل جي وڻ هينان جوڳين دونهين دکائي هئي. هن کي سيد زادو صوفي ياد پيو جنهن جو ڪلام جوڳين ڳايو هو. اهو سيد زادو صوفي هن جو غائباڻو گرو هو. گروءَ تياڳ جي واٽ ورتي هئي مان به گروءَ جي واٽ وٺان ته شايد پنهنجي گروءَ وانگر سُک ۽ شانتي ملي. تياڳ ۽ سنياس!

هن پدمڻيءَ کان موڪلايو. پدمڻي روئڻ لڳي.

”ايترو جلد دل پرجي ويئه. اجان ته هٿن تان مينڌي به ڪانه لٿي آهي. لڱن مان سهاڳ جي خوشبوءِ به ڪانه وئي آهي، اجان ته سهاڳ جو جوڙو به ميرو نه ٿيو آهي.“

”دل پرجڻ جي ڳالهه نه آهي پدمڻي. پر من جي شانتيءَ جي ڳالهه آهي. تو جهڙي سهڻي ۽ سلڇڻي چوڪري ته ورلي ڪنهن خوش نصيب کي ملندي. مان بدنصيب آهيان جو تنهنجي پيار، سِڪ، سونهن ۽ ڳُڻن مان به خوشي ماڻي نه سگهيس. شايد منهنجي آتما روڳي آهي جو تو وٽان مليل سک مان به ڪيس شانتي نٿي ملي. هن خوشيءَ جي پنيان ڪو غم چپ هڻي وينو آهي ۽ لذت ۾ بيزاري آهي.“

”موهه نه هجي ته سرير جي لذت مان ماڻهوءَ کي بيزاري ٿيندي آهي. مونکي پهرين رات ئي خبر پئجي ويئي ته توکي ڪڏهين به مونسان موهه نه ٿيندو ۽ پهرين رات ئي مونکي توسان موهه ٿي ويو. مون سوچيو پرارٿنا ۽ پوڄا ۽ پڳتيءَ سان ڀڳوان جو موهه به ملي ٿو وڃي، تون ته ماڻهو آهين، تنهنجو موهه چونه ملندو. پر اڄ خبر پيم ته پرارٿنا، پوڄا ۽ ڀڳتيءَ سان ڀڳوان جو موهه ته ملي سگهي ٿو پر ماڻهوءَ جو موهه ملي نٿو سگهي. ماڻهوءَ جو موهه يا مفت ملندو آهي يا مُور نه ملندو آهي.“

ڳالهائيندي ڳالهائيندي پدمڻيءَ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ماڻڪ هن جا لڙڪ اُگهيا تہ هن ڪنڌ ماڻڪ جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو.

”پدمڻي مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهي. سچ پڇ تہ مان توکي زندگي ڏيئي سگهان ٿو پر سچو موهہ ڏيئي نٿو سگهان.“

”مونکي ائين لڳندو هو ڄڻ تنهنجا بہ شرير آهن. هڪ شرير مونسان آهي، منهنجي شرير مان لذتون ٿو ماڻي ۽ ٻيو شرير پري تمام پري پورن بادلن جي هن پار آهي ۽ مان تنهنجي ان شرير کي ڪڏهين بہ حاصل ڪري نہ سگهندس.“

”پدمڻي مون ذهن ۽ جسم جي واٽ تي هلي شانتي ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿيس. هاڻي دل جو دڳ ڳولهڻ ٿو وڃان. مان سنياس ٿو وٺان.“

”هن عمر ۾ سنياس وٺندين؟“

”ها، سنياس وٺندس. هاڻي اندر جي آنند مانڊ برداشت نٿي ٿئي.“

پدمڻيءَ هن کي گهڻو سمجهايو پر هو نہ مڙيو. آخر پدمڻيءَ سهاڳ جو وڳو پاتو. ماڻڪ جي آرتي لاٿي، لڙڪن ۽ گلن جي پيٽا چاڙهي، هن جا پير چهي، هن جي پيرن جي مٽي سينڌ ۾ وڌي ۽ ماڻڪ دل جو دڳ ڳولهڻ لاءِ جهنگن ٻرن ڏانهن روانو ٿيو.

....

سنڌوءَ جي وچوڙي سارنگ جو سُک کسي ڇڏيو. هو تہ عرش تي اُڏامندو هو. هن جي گهوڙي جا سُنب ڪهڪشان تي هئا پر پوءِ اوچتو بولاٽيون کائي عرش تان فرش تي ڪريو هو ۽ سڄو پڃي پري پيو هو. اندر ۾ عجيب آنڌ مانڌ، ڇڙ، ڌڪار، ڪروڌ. پانئين تہ ساري ڪائنات کي پيڪوڙي، مروڙي سروڙي اڇلي ڇڏيان. ايڏي هوڏ ۽ هٺ جو عليءَ سان بہ اندر نہ اوري. ٻاهران مُرڪ ۽ ٽهڪ ۽ اندر ۾ پيچ ڏاهہ. شراب پي پي نشي ۾ بدمست ٿي وڃي پر تہ بہ اندر ۾ درد پيو جاڳيس. سون ورنن

مغلياڻين سان دل وندرائڻ جي ڪيائين پر دل جهڙي ضدي ٻار جو ضد تان ئي نہ لهي. اندر ۾ ايڏو ڪروڌ جو باغين جا ڪنڌ لُٽي، رت نينديون ڪري وهي تڏهين بہ ڪيس آرام نہ اچي، پاڻئين تہ اجان رت وهايان. رت سان هولي ڪيڏان.

هڪ رات عليءَ وٽ شراب جي محفل متي. عنايتي لنگهياڻيءَ راڳ ڳاتو. ساڳيا ان ڏينهن وارا بيت ۽ وائي.

سرنسريا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين
مون تو ڪارڻ ڪانڌ! سهسين سکاؤن ڪيون
سر لوهيڙا ڳيا، ڪسر نسريا
تو ڪنئين وسريا، ڍوليا! ڏينهن اچڻ جا.

اهڙي ئي ڦوتهڙي جي مُند هئي. سر نسريا ۽ اُتر لڳا هئا. هن ڪٽ تي ليٽي پره جي پکيئڙي جي لاٽ ٻڌي هئي. سنڌو..... سنڌو..... سنڌو سندس اندر جي ويراني واڪا ڪرڻ لڳي. عنايتيءَ وائي شروع ڪئي.

آيل! ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهن اپليو نہ رهي.

عنايتيءَ جو آواز هن جو اندر ڪورڻ لڳو. هو آهستي اُٿيو ۽ محفل مان نڪري ٻاهر اچي بيٺو. آسمان ۾ پوئينءَ رات جو چنڊ ٿي چمڪيو. هوا ۾ بهار جي هٻڪار هئي، ڄڻ هوا سنڌوءَ جي بدن کي ڇهي آئي هئي. اندران عنايتيءَ جو آواز آيو:

اُڀر چنڊ، پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور
سڄڻ ستا ولهہ ۾، چوٽا پري ڪپور
ٻابل ڏي نہ ٻور، پيرين آءٌ نہ پڄٽي.

هن چنڊ ڏانهن نهاريو. سنڌو هن چنڊ جي چانڊاڻ ۾ چوٽا چندن سان چڪ ڪري ولهہ ۾ ستي پئي هوندي. هن جي اندر ۾ سور جي اهڙي

سٽ اُپري جو هو سهي نہ سگهيو. هن بي اختيار گهوڙي تي لانگ ورائي ۽ رينون ڇڪيون. شام جو جڏهين پڪي آڪيرن ڏانهن موٽيا تہ هن سنڌو جي گهر جو ڪڙو ڪڙڪايو.

”ڪير آهي؟“ اندران سنڌوءَ جو آواز آيو. هن جي اندر جي اونداهين ڪي چيري چڻ پرھ ڦٽي پئي ۽ پرھ پکيئڙو دل جي لام تي لات لنوڻ لڳو. سنڌوءَ در کوليو ۽ سارنگ کي ڏسي هن جي منهن جو پنو ئي ڇڏائجي ويو. هوءَ اتيئي جمي بيهي رهي. هن جا اڌ ڪليل چپ ٽڙڪيا ۽ اکر سندس چپن مان اٽڪندا ٻاهر آيا.

”سارنگ تون!“

پکي آکيرن مان پڙڪو ڏيئي اُڏاڻا. آسمان ۾ ولر ڪان وچڙيل ڪونج ڪرڪي. پريان مندر ۾ جهانجھ وڳا ۽ پجاريءَ جو آواز آيو. اي ڏءِ نيڻ نہ چوهيو، پر ڏيکڻ دي آس.

سارنگ جون آسائتيون اکيون سنڌوءَ ۾ کپي ويون. شاديءَ کان پوءِ سنڌو ڪيتري نہ سهڻي ٿي پئي هئي. هن جو ڪچي ڪوري ٽانوَ جهڙو ڪچو، ڪورو، ڪنوارو بت، جسماني لذتن جي ڪوري ۾ پچي سون ٿي پيو هو. جسماني لذتن هن جي انگ انگ ۾ رس ڀري ڇڏيو هو. سندس ڇاتيون ماسيريون ۽ انگور جي رسيل ڇڳن جهڙيون ٿي پيون هيون. سارنگ سوچيو هو تہ هن جي وجوڙي ۾ سنڌو آلي ڪانيءَ وانگر اندر ئي اندر ڏُکي رک ٿي وئي هوندي جيئن هو پاڻ سنڌوءَ جي وڇوڙي ۾ اندر ئي اندر سڙي رک ٿي ويو هو. پر سنڌو تہ ان گل وانگر ٿي پئي هئي جيڪو پرھ ڦٽيءَ مهل، ماڪ ڦڙا پي، ٽڙي پوندو آهي. پريان مندر مان پجاريءَ جو آواز آيو.

لڪڙي جل ڪوئلہ پئي، ڪوئلہ جل پيو راک
مين برهن ايسي جلي، ڪوئلہ پئي نہ راک.

ڪوڙ..... نسورو ڪوڙ! ڪو ڪنهن لاءِ ائين نٿو جلي جو جَلي نہ ڪوئلو ٿئي نہ رک.

”ٻاهر چو بيٺو آهين. اندر اچ.“

سارنگ سنڌوءَ جي گهر جي چانئٺ ٽپي ۽ هن جي پنيان هلڻ لڳو. سنڌو هن کي ڪمري ۾ وٺي آئي. سنڌوءَ جو مڙس چارٽن جي ٽولي سان ڪيڏانهن ويل هو. سندس سَسُ پر واري ڪمري م ليٽي پئي هئي. ڪمري ۾ بہ ڪٽون وڇايل هيون ۽ ڪٽن سان گڏ نديڙو پينگهو پيو هو جنهن ۾ نندڙو ٻار اگهور ننڊ ۾ ستل هو. سانجهي ٿي هئي ان ڪري ڪمري ۾ هلڪي هلڪي اوندھ پکڙيل هئي. سنڌو کٽ تان ٽڙيل پکڙيل ڪپڙا ڪٺي يڪدم رلي وڇائي ۽ سارنگ کي کٽ تي ويهاري پاڻ ڏيئو ٻارڻ لڳي ۽ پوءِ موٽي اچي هن جي سامهون ٻي کٽ تي ويٺي. ٻئي ماٺ هئا، ڪمري ۾ بي چين ڪنڌڙ ۽ چيندڙ ماٺ چانئجي وئي. پر واري ڪمري مان سنڌوءَ جي بيدار سس جي ڪنگهہ جو آواز اُڀريو. سارنگ در کان ٻاهر نهاريو. ٻاهر آسمان ۾ شفق جا رنگ ڪڙيل هئا ۽ ابابيل ٿي اڏاٽا، اگڻ ۾ نم جي وڻ ۾ آکيرن ڏانهن موٽندڙ پکين چِر چِر لائي ڏني هئي.

”ڪيئن آهين؟“ سنڌوءَ جو آواز ڄڻ ڪوهن جي مفاصلي تان هن جي ڪن تي پيو.

”نيڪ آهيان“ هن کي پنهنجو آواز بہ ڪوهن تان ايندو محسوس ٿيو.

”مٺي جو سور ڪيئن اٿيئي؟“

”نيڪ آهي.“

هاڻي وري ڪمري ۾ چيندڙ ۽ ٽڙڪندڙ خاموشي چانئجي وئي.

”تون ڪيئن آهين؟“

”نيڪ آهيان.“

”نئين زندگي ڪيئي تي گذرئي.“

”ڏاڍي سني ٿي گذري.“

وري ماٺ.
”ڳوٺ ڏي تہ خير هو؟“
”ها، سڀ خير هو.“
”اڄ ڪيئن هيڏانهن پلجي پئين؟“
”مهل تي پڄي نہ سگهڻ واري پل برداشت نہ ٿي، ان ڪري هليو آيس.“
”مهل گذري وئي، هاڻي ڇا ٿيندو. تنهنجا سڀ خواب پورا ٿيا. عرش ڪان بہ اوچا خواب ڏسندو هئين.“
”پر خوابن جو خواب تہ اڻ پورو ئي رهيو.“
”هڪڙي خواب پوري نہ ٿيڻ سان ڇا ٿو ٿئي. ڪي ويچارا ماڻهو تہ زندگيءَ ۾ رڳو هڪڙو خواب ڏسندا آهن ۽ سندن اهو هڪڙو خواب بہ پورو نہ ٿيندو آهي.“
”تو ڪنهن ماڻهوءَ کي مرڻ وقت سڪرات جي حالت ۾ ڏٺو آهي. نہ مرندو آهي نہ جيئندو آهي. مان بہ زندگي ۽ موت جي وچ ۾ لڙڪيل آهيان. نہ مران ٿو، نہ جيئان ٿو. مان يا جيئڻ ٿو چاهيان يا مرڻ.“
”ڪو ڪنهن لاءِ ڪونہ ٿو مري. مون ڀانيو هو تہ مان بہ مري ويندس پر جيئان پئي ۽ ڏاڍو خوش پئي جيئان.“
”مان تنهنجي ڳالهہ نٿو ڪيان، پنهنجي ڳالهہ ٿو ڪيان. مان سڪرات ۾ جيئڻ نٿو چاهيان.“
”هاڻي ڪجهہ بہ ٿي نٿو سگهي.“
”سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. تون پنهنجي مڙس کان آزاد ٿي سگهين ٿي. تنهنجي آزاديءَ جو ملهہ جيڪو بہ هو گهرندو مان ڪيس ڏيندس.“
سارنگ جي ڳالهہ ٻڌي سنڌوءَ جي چپن تي مُرڪ تي آئي.
”اڃان تائين طاقت ۽ دولت سان ماڻهن جا ڪنڌ جهڪائڻ مان ڪونہ ڍاپيو آهين. مون سمجهيو هو تہ منهنجو پيار تنهنجي اندر کي

پگھاري نہ سگھيو تہ منهنجي وڇوڙي جو غم تنهنجي اندر کي پگھاري سون ڪري ڇڏيندو. پر تنهنجو اندر تہ اهوئي ڪٺ ڇڙهيل لوهہ آهي. توکي خبر ئي ڪانهي تہ تنهنجي وڇوڙي جي غم مونکي ڇا کي ڏنو. تنهنجي وڇوڙي جي غم مونکي ماڻهن سان موهہ ڪرڻ سيکاريو. توکان وڇڙڻ کان پوءِ مونکي ائين لڳو منهنجو سارنگ سڀ ۾ سمائجي ويو آهي. ڪير ٿو چئي تہ منهنجو سارنگ مونکان وڇڙيو آهي. هو تہ هر گهڙي، هر ويل مونسان سان ساڻ آهي. هن جا ڪيئي روپ آهن. ڪڏهين هو عرش کان اوچا خواب ڏسندڙ ۽ اقتدار پرست آهي. ڪڏهين دل جي اونهاين مان مونسان محبت ڪندڙ منهنجو مڙس آهي ۽ ڪڏهين منهنجي ئي ڪک مان جنم وٺندڙ منهنجو ٻار آهي. ان ڪري ئي مون پنهنجي ٻار جو نالو سارنگ رکيو آهي.“

اوچتو پينگهي ۾ ستل ٻار روئڻ شروع ڪيو. سنڌو بي تاب ٿي وئي، ٽپ ڏيئي اٿي ۽ ٻار کي سيني سان لائي پرچائڻ لڳي پر ٻار روئڻ بند نہ ڪيو. سنڌو کٽ تي ويني ۽ ٻار کي هنج ۾ ليٽائي کير پيارڻ لڳي. سارنگ ماٺ ڪري هن کي ڏسندو رهيو. پوءِ هو آهستي کٽ تان اٿيو، ڪلهن تان اجرڪ لاهي سنڌوءَ جي مٿي تي وڌائين ۽ ڪنڌ جهڪائي سنڌوءَ جي پيشاني چميائين. الائجي ڇو سندس اکيون آليون ٿي ويون ۽ سنڌو سان ڳالهائڻ ۽ موڪلائڻ کانسواءِ تکيون تکيون وکون کڻندو ٻاهر هليو ويو.

آسمان ۾ چنڊ لاش وانگر ٿي لڙڪيو. چنڊ جي تڪل ۽ بيمار چانڊوڪي چؤطرف پکڙيل هئي. هوا سان وڻ جوڳين وانگر ٿي جهوليا. سارنگ گهوڙو ڊوڙائيندو ٿي ويو. هن جو گهوڙو ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پيو هو. هن پاڻ بہ ٿڪ ٿي محسوس ڪيو. هن سوچيو تہ ڪنهن وسنديءَ ۾ پاڻ بہ ٿڪ پٽيان ۽ گهوڙي کي بہ ٿڪ پٽايان. پر پري پري تائين ڪو ڳوٺ، ڪا وسندي نظر نٿي آئي. هر طرف سانت، تڪل ۽ بيمار

چانڊوڪي، سانت جي سيني ۾ گونجندڙ گھوڙي جي سنبن جو آواز. هو ٿورو پنڌ هليو تہ هن کي پريان روشني نظر آئي. سمجھيائين تہ شايد ڪو ڳوٺ يا ڪا وسندي آهي. هن گھوڙي جي رفتار تيز ڪئي. ويجھو وڃي ڏنائين تہ هڪڙي ڦِتل مڙهيءَ ۾ مچ ٻريو. مچ جي پر ۾ هڪڙو جٽادار جوڳي ويٺو هو ۽ ڏاڍي سريلي آواز ۾ بيت ٿي پڙهيائين. مڙهيءَ سان لڳ ڪُهي هئي ۽ کھيءَ سان ساڻ پپل جو وڻ هو. هن گھوڙو پپل جي وڻ سان ٻڌو ۽ ماٺ ڪري جوڳيءَ جو بيت ٻڌڻ لڳو.

برو هو پنيور، آرياڻيءَ اجاريو
چوريون چرڻ سکيون، پنھون ڪياؤن پور
لاٿو تنھين لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هور
آيو سو اَتور، ڏکيون ڏک ويھاريون.

هو مڙهيءَ ۾ اندر ويو. سامھون پٽ تي ڪاليءَ جي تصوير چاپيل هئي. ڪارو رنگ، وات مان وهندڙ ڳاڙهو ڳاڙهو رت، هڪ هٿ ۾ ماڻھوءَ جي منڍي، ٻئي هٿ ۾ ترارِ، ڳچيءَ ۾ ماڻھن جي کوپرين جو هار ۽ پيرن ۾ ماڻھوءَ جو لاش. جوڳي مورتيءَ کي پٺي ڏيئي ويٺو هو. هن جي اڳيان مچ ٿي ٻريو. مچ جو ڏکندڙ عڪس جوڳيءَ جي منھن تي ٿي پيو ۽ جوڳيءَ جي پاڇي ڪالي ديويءَ جي هيبتناڪ مورتيءَ تي رقص ٿي ڪيو. ڪيڏو نہ خوفناڪ منظر هو. سارنگ ماٺ ڪري جوڳيءَ جي سامھون ويٺو ۽ مونن ۾ منھن وجھي جوڳيءَ جا بيت ٻڌڻ لڳو.

اجان تو منجھانءِ، ڪک چٽي رت نڪري،
منھن ۾ محبوبن جا، ڪئين جھليندين گھاوَ،
سو تون ڪجاڙياءِ، سڪڻ جون سڏون ڪرين.

جوڳيءَ گيت پورو ڪيو. مڙهيءَ ۾ ماٺ ڇانئجي وئي. رڳو ڪانين جا ٻاھ ۾ ٽڙڪڻ جا آواز ٿي آيا. اوچتو جوڳيءَ جي آواز سانت کي ٽوڙيو.

”مهان آهن آهي انسان جن پريت ڪئي. مهان آهن اهي انسان، جن جي دلين ۾ پريت درد جي دونهين دکائي، مهان آهي اهو درد جيڪو اشهد آڱر ٻڌجي سچ جي واٽ ٿو ڏيکاري.“

”ڪير فيصلو ڪري ته ڪهڙي واٽ سچي آهي ۽ ڪهڙي ڪوڙي.“ سارنگ مونن مان منهن مٿي ڪري ڇيو.

”من. ماڻهوءَ جي من کي سچ ۽ ڪوڙ جو فيصلو ڪرڻو آهي. ماڻهوءَ جو من جنهن کي پريت جو دک ڏوئي اجرو ڪندو آهي ۽ پوءِ هر شيءِ، سچ ۽ ڪوڙ، ٻئي ڏوتل پوتل نظر ايندا آهن. پريت جو دک مهان آهي.“

”۽ خوشي؟“

”مهان آهي ماڻهوءَ جو من ۽ تن جي خوشي. مهان آهن انسان جون صالح خواهشون. مهان آهي انهن خواهشن مان حاصل ٿيندڙ راحت ۽ لذت.“

”پر تنهنجي هڪ رشيءَ چيو هو ته ماڻهو پَٽَ جي ڪينئين وانگر خواهشن جو ڄار اُڻندو ٿو رهي. رغبت مان خواهش ۽ خواهشن مان عمل پئدا ٿيندو آهي. رغبت جي فنا خواهش جي فنا آهي. خواهش جي فنا عمل جي فنا آهي ۽ عمل جي فنا ڏک ۽ رنج جي فنا آهي.“

”خواهشن جي حسن ۽ رنگارنگيءَ کان ڊنل شهزادو سڌارٿ! خواهشون زندگي آهن ۽ زندگي ڏک ۽ سک جي اُس ۽ ڇانوَ. هن زندگيءَ کان اڳتي ڪجھ ڪونهي. ڪا نئين زندگي، ڪو نئون جنم، ڪا نئين جوڻ ڪانهي. سڀ ڪجھ هيءَ زندگي آهي. خواهشن کان انڪار زندگيءَ کان انڪار آهي. خواهشن جو ايمان زندگيءَ جو ايمان آهي.“

”دهريو آهين.“

”تون مون کي ڪجھ بہ سڏي سگھين ٿو. دهريو، ناستڪ، ملحد، سچ جو ڳولائو، هن ڪائنات، هن سِرشتيءَ کان ٻاهر ايشور ڪونهي. ايشور هن ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري آهي. قدرت جا نيم ۽ قانون جي تي هن سِرشتيءَ جو نظام ٻڌل آهي، اهي نيم ۽ قانون ايشور آهن. موت، حياتي، شين جو فنا ٿيڻ ۽ نئين سر وجود ۾ اچڻ، قدرت جي ڪن ازلي ۽ ابدي نيمن هيٺ پيو ٿئي. دعائن ۽ عبادتن سان اهي نيم نٽا متجن. قدرت ڪارڻ ۽ نتيجي جي بي رحم اصول تي پئي هلي ۽ ڪارڻن ۽ نتيجن جو سلسلو اڻ کٽ آهي.“

”ڪارڻن جو ڪارڻ ڪير آهي؟“

”تون ان کي سهولت لاءِ ايشور سڏي سگھين ٿو جيڪو برهما جو مظهري روپ آهي. پر هو بہ قدرت جي نيمن ۽ قانونن جو پابند آهي. تنهنجي منهنجي دعائن يا عبادتن سان هو پنهنجا قانون نٽو مَٽائي. جيڪڏهين ڪو معجزو ٿو پيش اچي تہ اهو پڻ قدرت جي ڪن نيمن پٽاندر ٿو پيش اچي ۽ ڇاڪاڻ تہ اسين انهن نيمن کان اڻ ڄاڻ هوندا آهيون ان ڪري ان کي معجزو سڏيندا آهيون. هن سرشتيءَ جي هر شيءِ ۾ هڪ انڌي قوت موجود آهي جنهن کي اسين سرجڻ جي قوت سڏي سگھون ٿا. اها قوت عدم مان ڦٽي وجود ۾ اچي ٿي ۽ وجود ۾ اچڻ کان پوءِ اڳتي وڌي ٿي. سمنڊ جي لهرن وانگر جيڪي هڪ ٻئي کان اڳ کٽڻ لاءِ هڪ ٻئي تي چڙهنديون، ڪمزور لهرن کي فنا ڪنديون اڳتي وڌنديون آهن، ائين ئي شين ۾ سرجڻ جي قوت جون لهرون طاقتور هونديون آهن. اُهي اڳتي وڌڻ ۾ ڪامياب ٿينديون آهن ۽ جن ۾ سرجڻ واريون لهرون ڪمزور هونديون آهن اهي فنا ٿي وينديون آهن. اها ارتقا آهن.“

”ان جي معنيٰ تہ اهو فطرت جو قانون آهي تہ هيٺو ڏاڍي جو کاڄ ٿئي.“

”ها. پر انسان فطرت جي ان قانون سان وڙهندو ٿو اچي. فطرت جي انڌن ۽ بي رحم قانونن کان بچاءَ جا وسيلا ڳولهڻ تهذيب ۽ ترقي آهي.

فطرت اجان اڃ پوري آهي ۽ پورائيءَ ڏانهن وڌندي پئي وڃي. ارتقا جو عمل جاري آهي. ماده جي ارتقائي صورت حياتي آهي. حياتيءَ جي ارتقائي صورت شعور آهي. شعور کان اڳتي به ڪنهن اڃ ڇتي وصف جو ڏس ملي ٿو جنهن جو شعور سان اهڙوئي تعلق آهي جهڙو شعور جو حياتيءَ سان ۽ حياتيءَ جو ماده سان. ان وصف کي اسين ايشوريت يا خدائيت سڏي سگهون ٿا.“

”جيڪڏهن تنهنجو ايشور ڪائنات کان ٻاهر ڪونهي ۽ ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري آهي ته پوءِ ايشور به ڪائنات وانگر اڃ پورو ۽ نامڪمل آهي. هوڏانهن ڪائنات مڪمل ٿي ختم ٿي ويندي ۽ هيڏانهن تنهنجو ايشور مڪمل ٿي ختم ٿي ويندو يعني ته جيستائين ايشور نامڪمل حالت ۾ آهي تيستائين موجود آهي پر جڏهين مڪمل ٿيندو تڏهين ختم ٿي ويندو.“

”ڪائنات جي ارتقا جو عمل ڪڏهين به ختم نه ٿيندو.“

”ته پوءِ تنهنجو ايشور به ڪڏهين مڪمل نه ٿيندو.“

”جن نيمن ۽ قائدن تي هي سرشتي قائم آهي ۽ ارتقا جو سفر پئي ڪري، اهي نيم ۽ قائدا ايشور آهن. انهن نيمن جي عمل سان هر شيءِ مڪمل ٿيندي پئي وڃي ۽ انسان به ڪامل ٿيڻ جي جدوجهد ۾ آهي. مسلمان صوفي چئي ٿو ته ذاتِ احد، جنهن کي ويدانتي پرم ۽ برهم ٿو سڏي، تنهن جو نزول يعني هيٺ اچڻ جو عمل ٽن مرحلن ۾ ٿيو جن کي هو احديت يعني هڪ هجڻ، هويت يعني هو هجڻ ۽ انيت يعني مان هجڻ چئي ٿو. انسان اصل ۾ آفاقي عقل آهي جيڪو رت ۽ گوشت جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ هو ذاتِ احد کي هن طبعي عالم سان ڳنڍي ٿو. صوفي انهن مرحلن مان لنگهي صعود يعني بلندين ڏانهن وڃڻ جو رستو اختيار ڪندو آهي ۽ ڪامل انسان بڻجي، صفتن کان مٿان اُڀري، ٻيهر ذاتِ احد ۾ جذب ٿيندو آهي. مون کي اهڙي ڪامل انسان جو ڏس مليو آهي.“

سارنگ کي جوڳيءَ جي واتان صوفين جي نظرين بابت ڳالهيون ۽ عربي ۽ فارسيءَ جا اکر ٻڌي ڪا حيرت نہ ٿي. هن ڪيترا هندو عالم ڏٺا هئا جن باقائدي تصوف جي تعليم ورتي هئي ۽ فارسيءَ جا شاعر هئا.

”جيني ۽ ٻوڌي انسان کي سندس عمل جو ذميوار ٿا ڪن.“

جوڳيءَ وري چوڻ شروع ڪيو. ”انسان جو عمل ئي سندس ڏک سک راحت ۽ مصيبت جو سبب آهي. پر ڇا انسان پنهنجي عمل ۾ آزاد آهي. ڇا انسان جو عمل ۽ عمل جو ارادو هن جبر واري سماج جي حالتن جي دٻاءَ مان پئدا نٿو ٿئي. جيڪڏهين انسان مسلسل جبر ۾ آهي تہ پوءِ پنهنجي عمل جو پاڻ ذميوار ڪيئن آهي. انسان جي ڏک ۽ رنج، نيڪي ۽ بديءَ جو ذميوار سماج آهي ۽ مونکي اهڙي ڪامل انسان جو ڏس مليو آهي جنهن انسان کي سماج جي جبر مان آزاد ڪيو آهي.“

”تنهنجو مطلب آهي شاهہ عنايت صوفي.“

”ها. مان ان ڪامل انسان جي سڏ تي ٿو وڃان.“

”تنهنجي خيال ۾ شاهہ عنايت پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو؟“

”سوال ڪاميابي يا ناڪاميءَ جو نہ آهي، پر نيڪ ۽ صالح قوتن جي ساٿ ڏيڻ جو آهي. نيڪيءَ کي وڏي واڪي ٻڌائڻو آهي تہ بديءَ جي هيڏي وڏي سماج ۾ مان موجود آهيان.“

”شاهہ عنايت صوفي جيڪو سماج قائم ڪندو ڇا ان سماج ۾ يزيد پئدا ٿيڻ جو امڪان نہ آهي.“

”يزيدن سان وڙهي تہ اهو سماج قائم ڪرڻو آهي ۽ جيڪڏهين اهو سماج قائم ٿي ويو تہ پوءِ دولت ۽ اقتدار ٻئي بي معنيٰ ٿي ويندا ۽ نتيجي طور يزيد بہ بي معنيٰ ٿي ويندو.“

جوڳيءَ جون تصور پرستيءَ واريون ڳالهيون ٻڌي سارنگ مرڪي ڏنو. هن جي ذهن ۾ ڪيترا سوال ۽ جوڳيءَ جي سوالن جا ڪيترا

جواب هئا پر هو مانڙي ڪري اٿيو ۽ جوڳيءَ ڪان موڪلايائين. جوڳيءَ چيو:

”موڪلاڻي ڪهڙي، پاڻ جهوڪ ۾ ملنداسين.“

”جهوڪ ۾!؟ جوڳي مهاراج مان جهوڪ نه پر ٺٽي تو وڃان.“

”تون اڄ جي ڳالهه تو ڪرين، مان سڀاڻي جي ڳالهه تو ڪيان.“

جوڳيءَ اکيون ٻوٽيون ۽ وائي جهونگارڻ لڳو.

جيئس جيئس مان تہ جيڏيون، لالڻ آيو پيهي،
لالڻ آيو پيهي، ويڙا سورَ سيئي.

....

جبل جي نومڙين ۽ برفتين مغلن جي ڏل اڳاڙڻ لاءِ مقرر ڪيل جاگيردار جي آڻ نہ مڃي هئي، جاگيردار ڪين سيڪت ڏيڻ لاءِ ٺٽي جي نواب کان مدد گهري ۽ سارنگ مغلن ۽ سنڌين جي فوج وٺي جبل ڏانهن روانو ٿيو.

رات سنڌ جي قسمت جهڙي ڪاري هئي. ڪارن ڪارن بادلن مان ڪجهہ ستارا سنڌ لاءِ ساهہ ڏيڻ وارن سرفروشن وانگر ٿي چمڪيا. وٽن ۾ واڪا ڪنڌڙ واءُ جڻ مظلوم جو فرياد...... اوچتو سارنگ ڳوٺ تي حملو ڪيو. باهيون، رڙيون دانهون، گهوڙن جون هٽڪارون. سارنگ ڳوٺ جي چڱي مڙس جي گهر ۾ گهڙيو. چڱي مڙس تراڙ ڪڍي سارنگ تي وار ڪيو. سارنگ جي مغل ساٿيءَ ڀالو سندس هانوَ ۾ هنيو. پرئي مڙس جي زال پنهنجي ٻار کي سيني سان لائي پريان ڪنڊ ۾ بيٺي هئي. هن دانهن ڪئي ۽ ٻار کي هيٺ لاهي، ڊوڙي اچي مڙس کي چنبڙي. سارنگ جي مغل ساٿيءَ مڙس جي مٿان جهڪيل عورت کي پٺيءَ ۾ ڀالو هنيو. عورت دانهن ڪئي، ڪنڊ ۾ بيٺل ٻار چيٽ ڪئي امان....! ٻار جي چيٽ ساري وجود ۾ پڙاڏجڻ لڳي. امان.... امان.... امان!!! هن جي ماضيءَ جي ويسر جي سرحد جي هن پار صداؤن گونجڻ لڳيون. امان.... امان.... امان!!! ۽ ويسر جي اونداهيءَ ۾ وڪوڙيل هر شيءِ روشن ٿيڻ لڳي.... ائين ئي مغلن هن جي راڄ تي حملو ڪيو هو. ائين ئي هن جي پيءُ جي هانوَ ۾ ڀالو لڳو هو. ائين ئي هن جي ماءُ دانهن ڪري پنهنجي مڙس سان چنبڙي هئي. ائين ئي مغل هن جي ماءُ جي پٺيءَ ۾ ڀالو هنيو هو ۽ ائين ئي هن چيٽ ڪئي هئي. امان.....! ۽ پوءِ هو بيهوش ٿي ويو هو.... هن کي الائجي ڇا ٿي ويو. جڻ هن جي اندر ۾ نفرت ۽ انتقام جو ٻرندڙ جبل ڦاٽو. هن تراڙ سان پنهنجي مغل ساٿيءَ جو ڪنڌ لاٿو ۽ پوءِ رت ٽمندڙ تلوار سان پنهنجي ئي فوج ۾ ڪاهي پيو. هن کي خبر ئي ڪانہ پئي تہ هن ڇا ٿي ڪيو. سندس تلوار وڄ وانگر وراڪا ٿي ڏنا ۽ هن جي پنهنجي

فوج جي سپاهين جا ڪنڌ تي ڪريا. هن کي جڏهين هوش آيو تہ هو سجاول خان سمي جي سامهون بيٺو هو ۽ هن جو سارو لباس رت ۾ ڳاڙهو هو.

”چاچا مان ڪير آهيان.“

سجاول خان هن جي حالت ڏسي ڏچي ويو.

”بابل تون سارنگ آهين، منهنجو پائٽيو، ٻيو ڪير آهين.“

”نہ چاچا، مون کي ٻڌاءِ تہ مان ڪير آهيان. منهنجو پيءُ ڪير هو ۽ مغلن هن کي ڇو ڪُنو هو.“

سارنگ پاڻ سوڍو هو. هن جو گهراڻو سوڍن جي سردار رڻمل سوڍي جي گهراڻي مان هو جيڪو سارنگ خان سمي، درياءَ خان جي پٽن محمود خان ۽ منڻ خان سان گڏ شاهہ بيگ ارغون سان وڙهندي شهيد ٿيو هو. سوڍا پڳون لاهي هڪ ٻئي جي چيلهن سان ٻڌي، شيهي جي پت ٻڌجي، ارغونن جي منهن مقابل ٿيا هئا ۽ ڪي ارغونن جي هٿان شهيد ٿيا هئا ۽ جيڪي بچيا هئا تن درياهہ ۾ ٽپو ڏيئي آپ گهات ڪئي هئي پر ارغونن جي آڻ نہ مڃي هئائون، تنهن ڪان پوءِ سوڍا جابلو پَٽن ۾ وڃي رهيا هئا. سارنگ جو پيءُ ولهار سوڍو، سوڍن جو سردار هو.

ڳوٺ ۾ ٿوري وٿڪار هئي باقي چوڌاري نيڻ نهار تائين اجايل پٽ ۽ اڪ، ٿوهر ۽ ديويءَ جا ٻوٽا هئا. هر سال سانوڻ ۾ هر ڏيئي آسائتيون اکيون ڪٽي آسمان ڏانهن نهاريندا هئا. جهڙ ڦڙ ٿيندي تہ اجايل پٽن تي جوئر جا سنگ جهولندا هئا ۽ ڳوناٽن جون جنڊڙيون جهومنديون هيون. ڳوٺ ۾ ڪو وڏو زميندار نہ هو. پَٽ الله جا هئا ۽ اپت هر هلائڻ واري جي هئي. سڀ هڪ جهڙا، ڏک سک جا ساٿي ۽ هڪ ٻئي جا پرجهلو. لابارا ٿيندا تہ سڀ اچي گڏ ٿيندا هئا جڻ سڀ هڪ ئي ڪٽنب جا ياتي هئا. ٻہ ٻہ ٽوليون نهنديون، وچ ۾ دهلاري بيهندا، پير تي ڏونڪو لڳندو ۽ سڀ الله توهار ڪري لاباري کي جنبي ويندا هئا. پير مڙدن جي

”شابي..... شابي“ پئي پوندي تان جو هڪڙي ٽولي ڪٽندي. پوءِ ٺهڪڙا ۽ هوڪرا، ڦندرون ڪسبيون، ديڳيون دمبيون. ڳاهه ڪان پوءِ اَن ديري ۾ ايندو تہ جوڳي فقيرن جا ٽولا مرليون وڄائيندا پهچي ويندا. هر هڪ ڪان گوگي ڇهاڻ جي نالي جو ٽويو وٺندا. بابا فريد گنج شڪر جا مريد گهوڙن تي، فريد جي دلي ڪٽي ايندا. بابا فريد جا ڏوهيڙا ڳائي سندس نانوَ جا ٽويا وٺندا هئا.

بره بره آکيئي، برها، تون سلطان
جنهن تن بره نہ اوپجي، سو تن جاڻ مساڻ.

زالون چونديون هيون تہ بابا فريد گنج شڪر جي نالي جيترو خير ڏيبو اوتري پاڻ ۾ ميٺ وڌندي. چوڌر ساوڪون، ڪير جا گوها، مکڻ جون چاڏيون، ان جون گُنديون!

جنهن سال مينهن نہ وسندو هو ۽ اَن جون گنديون خالي ٿي وينديون هيون تہ ڳوناٽا، لڏا پٽي، ڏاند ڍڪائي، اُٺ پلاٽي، مال ڪاهي، ڪنهن آباديءَ واري هنڌ اچي لڏا لاهيندا هئا. ٻنين ۾ پورهيو، محنت مزوري، سنهو سڪو واپار ڪري پيا ڏينهن گذاريندا هئا. پر تن من ۾ پنهنجن پکن جي تانگهہ ڪين سُک سان ويهڻ نہ ڏيندي هئي. ساوڻ جي پهرين چنڊي سان لڏا پٽي، لوڙاؤ ڳائيندا، ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيندا هئا. وري اهي ساڳيا سُک ۽ سرهايون، چاندوڪي راتين ۾ ونجهہ وٽي، ٻلهاڙا، ملاکڙا، جهوپڙي جهٽ، ڪافيون وايون، نڙ بيت. ڪڏهين ناچن جي ٽولي ايندي. سهٽا سهٽا ڳيرو چورا، زنانا ويس ۽ رنن وارا نات ڪري، راڳ ڳائيندا.

اڄ اڱڻ ۾ يار منهنجو، ٻانهن لوڏيندي ڏنم ڙي.

ڳوٺ ۾ منڻ خان چارڻ رهندو هو. سو سال ڪائي چڙهيو هو پر اڄ بہ جوانن کان وڌيڪ جوان هو. ڊگهو قد، سنهون بت، ڪير جهڙا اڇا ۽ ڊگها وار، اڇي چاپئين ڏاڙهي، اڇا گهاٽا پرون جيڪي سندس اکين تي وري آيا هئا. ڳالهہ ڪٿڻ جو ڏاڏو ڏاڻۂ هيس. دودو چنيسر، عمر مارئي، ڍولو مارو. بہ جواڻ پٽ هيس. ساوڻ ۽ ساجن. منڻ ڳالهہ ڪٿندو هو ساجن دهل ۽ ساوڻ سرندو وڄائيندو، ۽ پوءِ ٽيئي گڏجي ڳاهہ ڳائيندا هئا. منڻ خان ڳالهہ شروع ڪندو تہ ٻڌڻ وارا پنڊ پهڻ ٿي ويندا، هن جي آواز جي لاهين چاڙهين ۾ داستان گوئيءَ جي منڊ ۾ منڊجي ويندا. هو سندن اتساهہ وڌائڻ لاءِ ڳالهہ ڪٿندي ڪٿندي يڪدم ماٺ ٿي ويندو. هرويرو بہ پيو کنگهندو ۽ ماٺ ڪي انگهائيندو. ٻڌڻ وارا بي چين ٿي ويندا. بي چينيءَ سان پاسا ورائيندا، آخر ڪو چوندو.

”چاچا، پوءِ ڇا ٿيو؟“

”ابا ساهہ تہ پٽڻ ڏي، ٺڙي تہ آلي ڪرڻ ڏي.“

ڪو همراهہ ٽپ ڏيئي پاڻيءَ جو ٽيو پري ايندو. منڻ آهستي آهستي پاڻيءَ جا ڍڪ پيو پريندو. ماڻهن جي بي چيني ويتر وڌندي ويندي. آخر منڻ پاڻي پي، کنگهڪار ڪري ڳالهہ شروع ڪندو.

”ها سو ڳالهہ ٿي ڪيم.....“

منڻ ساري سنڌ گهميو هو. سنڌ جي هڪ هڪ راڄ، هڪ هڪ گهراڻي جي ڪيس خبر هئي. زمانا ڏٺا هئائين، سنڌ جي جيئري جاڳندي، گهمندي ڦرندي تاريخ هو. سنڌ جي سورهين جي مهما ڳائيندو هو تہ ٻڌڻ وارن جي لونءَ ڪاندارجي ويندي هئي. ڪيئن اتر ۾ ڏاريجا، ماڇي ۽ بروچ ارغونن سان وڙهيا هئا. سيدن ۽ مهرن جي سردار لالو مهر وچ ۾ پئي، ارغونن سان سندن ناهہ ڪرايو هو ۽ ڪيئن ارغونن قاضي قاضن جي صلاح سان ڪين ڪُنو هو. ڪيئن جهانگير جي زال نورجهان جو پائيتو مرزا احمد بيگ سيوهڻ جو حاڪم ٿي آيو هو. ڪيئن هو سارو

ڏينهن شراب ۽ رنن سان رنگ رچائيندو هو ۽ سندس پياءُ مرزا يوسف بيگ قرلٽ ۽ ظلم مچائي ڏنو هو.

هڪ دفعي ۾ سال ساندھ مينهن نہ وٺو. ٽئين سال مس مس مينهن پيو ۽ ويران پَٽ آباد ٿيا تہ سرڪاري ڪامورا ڍل اوڳاڙڻ لاءِ بنديون ڪٽي پڇي ويا. گذريل ٽن سالن ۽ هلندڙ سال جي ڍل جو حساب ڪري سارو فصل ضبط ڪرڻ لڳا. ولهار خان سوڍو سياڻو مڙس هو. هن سرڪاري ڪارندن کي سمجهايو تہ اسان سرڪار کي ڍل جي معافيءَ جي درخواست ڏني آهي، جي ڍل معاف ٿي تہ واه، نہ تہ بيشڪ اچي ضبطيون ڪجو. ڪارندا واپس هليا ويا. شام جو ولهار خان ساري راڄ کي سڏايو. صلاح اها بيٺي تہ ڍل ۾ ان ۽ مال ضبط ڪرائڻ جي بدران نومڙين، جوڪين ۽ ڪهيرن وانگر جبل ۾ پناھ وٺون ۽ مغلن سان منهن ڏيون. بي عزتيءَ سان جيئڻ ۽ ٻڪ مرڻ کان وڙهي مرڻ چڱو. رات جو هو فيصلو ڪري ستا ۽ آڌيءَ رات جو مغلن راتاهون هنيون. باهيون، دانهون، ڪوڪون، سارنگ جي پيءُ کي هنياوَ ۾ پالو لڳو. سارنگ جي ماءُ دانهن ڪري مڙس جي مٿان جهڪي. هن جي پٺيءَ ۾ بہ پالو لڳو. سارنگ دانهن ڪئي ۽ سندس ذهن ۾ اونداهي چانئجي وئي. منڻ چارڻ ۽ سندس وڏو پٽ ساجن مارجي ويا. سندس ننڍو پٽ سانوڻ ۽ سانوڻ جي ڌيءُ سنڌو بچي ويا. سانوڻ سنڌوءَ کي ڪٽي ولهار جي گهر آيو ۽ اتي ولهار خان ۽ سندس زال کي مئل ڏنائين. سارنگ بيهوش پيو هو. ساوڻ سارنگ کي ڪنيون ۽ لڪندو ڇپندو سجاول خان سمي وٽ اچي پهتو ۽ سارنگ جي ٻانهن سجاول خان کي ڏنائين. سجاول خان سارنگ کي پالي نپائي وڏو ڪيو.

چاچي ماهرو ۽ درل هن جا ڦٽ ڌوئي ملم پٽي ڪئي ۽ سارنگ اٿي ويٺو.

”مان وڃان ٿو.“
“ڪيڏانهن.“
”جيڏانهن منهن آيو تيڏانهن ويندس.“

سڄاول خان هن کي گهڻوئي جهليو، چيائينس ته اهڙي هنڌ اماڻيندوسانءِ، جتي مغل ته مغل پر پکي به پر هڻي نه سگهندا. پر سارنگ نه مڙيو. هن کي پنهنجي پناه پاڻ ڳولهڻي هئي. چاچي ماهرو هن کي پلوَ وڌا، ڏُرل جيڪا حجاب کان هن جي سامهون نه ايندي هئي، ڪيس پاڪر ۾ جهليو پر سارنگ نه مڙيو. سڄاول خان ۽ چاچي ماهرو کان پيرين پئي موڪلايائين. ماهروءَ ڪيس پاڪر پاتو. سڀ روئڻ لڳا. هن گهوڙي تي لانگ ورائي گهوڙي کي اندي هنئين، گهوڙو واءُ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. هن ڳوٺ کان گهڻو پري وڃي، گهوڙي جي رفتار ڍري ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کان پڇيو ته هاڻي ڪيڏانهن وڃان. رستي مان رستو ٿي ڦٽو، جهنگ، بر، وسنديون، ويران برپٽ، هو هلندو رهيو. بک، اڃ ۽ ٿڪ، ڦٽ مان رت وهڻ لڳو. شام جا پاڇا لڙيا ته هو هڪڙي وسنديءَ جي ويجهو پهتو. وسنديءَ کان ٻاهر پرو کوهه هو ۽ کوهه تي عورتن پاڻي تي پريو. هن گهوڙو کوهه جي پرسان جهليو ۽ گهوڙي تان لهي هڪ جوان جماڻ نينگريءَ کان پاڻي گهريائين. هن بُڪ جهليو، نينگريءَ ڏول اونڌو ڪيو. هو ذري گهٽ سارو ڏول پي ويو. پاڻيءَ جو بُڪ اکين تي هنيائين ته سندس اکيون ٺري پيون. هن نريل ۽ آلين اکين سان نينگر ڏانهن نهاريو. نينگر صفا سنڌوءَ جهڙي ٿي لڳي. شايد هن نينگر جو نالو به سنڌو هوندو ۽ هن جو چاهه پسند سارنگ سندس اکين کي اورانگهي، خوابن کي لتاڙي منصبداريءَ جي شوق ۾ نٽي ويو هوندو. نينگر هن جي رت لڳل شلوار کي ڏسي چيو:

”ادا، توکي ته ڌڪ لڳل آهي. گهر هل، بابو جراح آهي، تنهنجي ملم پٽي ڪندو.“

هن ٿورائتي اکين سان نينگر ڏانهن نهاريو ۽ سندس چپن تي ٿورائتي مُرڪ تري آئي.

”ادي، تنهنجا اکر ئي منهنجي ڦٽن جا پها آهن.“

هو پنتي مڙيو تہ هن جي ڄنگهہ مان سُور جي سٽ نڪتي. هن ٻنهي هٿن سان ڄنگهہ کي جهليو ۽ منڊڪائيندو منڊڪائيندو ڏاڍي ڏکيائيءَ سان گهوڙي تي چڙهيو ۽ وسنديءَ کان پاسو ڪري جهنگ ڏانهن هليو.

جهنگ ۾ ڪاري رات لٿي، ڪا واٽ نظر نٿي آئي. ڄنگهہ مان سور جي سٽ ٿي نڪتي جيڪا سندس سَنڌ سَنڌ ۾ پکڙجي ٿي وئي. ٿڪ، بک ۽ سور. اوچتو جهنگ ختم ٿي ويو. سامهون درياهہ هو. درياهہ جي ڪپ سان ٻيڙيون ٻينيون هيون جن ۾ ڏيئا ٿي ٽمڪيا. هن گهوڙو جهنگ ۾ ڇڏيو ۽ منڊڪائيندو هڪڙي ٻيڙيءَ ڏانهن هليو. اونداهيءَ رات ۾ درياهہ ڪيڏو نہ پوائتو ٿي لڳو. ٻيڙيءَ ۾ گهر نهيل هو. پڙڇ تي هڪڙي پير مڙد ۽ سندس جوان جماڻ ڌيءَ مڇيءَ جي جار جا ڇڳل ڌاڳا ٿي ڳنڍيا.

”ڪير آهين؟“ پير مڙد رعبدار آواز ۾ پڇيو.

”مهمان آهيان.“

”ڀل آئين، جي آئين. اڙي يار، تنهنجي ڄنگهہ تہ ڦٽيل آهي. اچ هتي ويهہ.“

پوڙهي هن کي سهارو ڏيئي پڙڇ تي ويهاريو.

”نوري وارو ڪر. مڇيءَ جو تيل ڪوسو ڪري وٺ ۽ پلو بہ تري وٺ.“

ٻيڙيءَ ۾ ڪِڪيءَ جي ڌپ هئي. هن جو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو. پوڙهي هن جي ملم پٽي ڪئي ۽ نوري پلو تري آئي. هن پلي ۽ ڳاڙهن چانورن جي مانيءَ جو گرهہ ڪنيون تہ گرهہ سندس وات ۾ اٽڪي پيو.

پاڻيءَ جي ڊگھ سان گرھ اندر ڪيائين. پيٽ پري ماني ڪائي هو ٿورو آهليو تہ ڪيس ننڊ ڪٽي وئي.

صبح جو هن کي توري سجاڳي ٿي تہ هن کي ائين لڳو ڄڻ هو مڇيءَ جي ڍير هينان پوريل هو. ڏپ ۾ سندس ساھ ٺي ٻوساٽيو. پاڻيءَ جي شانءِ شانءِ، ٻيڙيءَ سان ٽڪرائيندڙ ڇولين ۽ درياھي پکين جا آواز، هن يڪدم اکيون کوليون. سامهون ڪارو ٽنگيل هو جنهن مان ريڳاڙا ٿي ڪريا. ڪاري سان گڏ ميرا ڇِڪ ڪپڙا ۽ ڄارا ٽنگيل هئا ۽ هو پڙڇ ٿي ليٽيو پيو هو. هن اکيون مهٽي چوڌاري نهاريو. پاسي کان درياھ ٿي وهيو. درياھ جي سِير ۾ ٻيڙي ٿي لنگهي جنهن جا سڙھ ٿي ڦڙڪيا. ڪپر سان ٻينل ٻيڙن مان هڪ ٻيڙيءَ ۾ مهاڻيءَ وار ٿي ڇنڊيا. ٻي ٻيڙيءَ ۾ ڪپڙا ٿي ڌوتا. هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ ماءُ پنهنجي شل اگهاڙي ٻار کي پٽيندي مار ٿي ڏني. ٻار ماءُ کان پاڻ ڇڏايو، ماءُ کي اگهاڙي گار ڏنائي. ماڻس ڪيس جهلڻ لاءِ اڳتي وڌي تہ هن درياھ ۾ ٽُٻ هنئين. ڏور کان مهاڻي جو آواز آيو. آواز ڏاڍو مٺو هو.

بندر جان پئي تہ سڪاڻيا! مَ سُمهو
ڪپر ٿو ڪُن ڪري، جئن ماٽيءَ منجھ مهي
ايڏا سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا!

مهاڻي جو ڏوهيڙو ٻڌي هن جي بُت مان سيسرات نڪري ويا. هاڻي مهاڻي وائي شروع ڪئي.

سائين ننڍا ٻار، وو! تن پاڻدين ننڍا ٻار
توکي آرس اکڙين ۾!
پاتا پاڙيوارين، پڳھ منجھ پاتار

توکي آرس اکڙين ۾
پتڻ تو پور ڪري، آئي تنهنجي وارَ

مهاڻي جو آواز آهستي آهستي دور ٿيندو ويو. اوچتو هن جي پنيان چانديءَ جي ڪنگڻن جو آواز آيو. هن ڪنڌ ڦيري ڏٺو. هڪڙي تِکي سانوري رنگ جي جوان جماڻ ڇوڪري، ڪارو مٽي تي رکي ٻيڙيءَ ۾ اندر آئي. هن جي چيلهه سنهي ۽ ڇاتيون ماسيريون هيون ۽ ٻنا ٺيڪ جي ائين ڪر ڪٽي ٻينيون هيون جڻ ٻه ڪارڙا تتر پڙڪو ڏيئي اڏامڻ وارا هجن. اکيون وڏيون، پنبڻيون ڊگهيون ۽ وريل. هيءَ ڪير هئي؟ هن کي يادگيري پئي تہ هيءَ اها ساڳي نوري هئي جنهن رات هن کي پلو تري ڪارايو هو. نوري هن کي ڏسي مرڪي. سندس تکي سانوري رنگ تي اڇا اڇا ڏند چمڪڻ لڳا. هن کي لڳو جڻ نوريءَ جي مُرڪ ۾ موتيئي جا گل ٽي ڪڙيا.

”هاڻي ڪيئن آهين؟“ سندس آواز بہ ڪيڏو نہ مٺو هو.

”ٺيڪ آهيان.“

”رات تہ سارو بت ٿي سڙڪيئہ، ڦٽ ڪيئن اٿيئي؟“

”هاڻي سور ڪونهي.“

”تورو آرام ڪر، مان ڳوٺ مان ٿي اچان ٿي.“

”مونکي تہ وڃڻو آهي.“

”بابي جي موڪل ڪانسواءِ ڪيئن ويندين. بابو جهلي ويو آهي تہ جيسين مان نہ اچان تيسين نہ ڇڏجائينس، مان ڳوٺ ۾ مڇي ڏيئي موٽي ٿي اچان. مولي واٽئي ڪان اٿو، گيهہ ۽ ڳڙ وٺي اچان. بابي چيو آهي تہ بصري پچائي ڪارائينس. ڪو وڏ گهراڻو ٿو لڳي. رات پلو ۽ چانورن جي ماني ٿي ڪاڏائين تہ گرهہ ٿي نڙيءَ ۾ اٽڪيس.“

”تنهنجي هٿ جي تريل پلي ۾ اهڙو مزو هو جو مغلي طعام ئي وسري ويا.“

”سچي!“ هوءَ خوشيءَ ۾ ٽڙي پئي. متي تان ڪارو لاهي هيٺ رکيائين ۽ هن جي پير ۾ اچي ويٺي. هن جي ساري بدن مان ڪِڪيءَ جي ڌپ ٿي آئي پر هن جي ڳالهين ۾ مرڪ ۽ موتيئي جي هٻڪار هئي. هن جي ڪنن ۾ جهُلندڙ چانديءَ جي پنڙن، نڪ جي ڦليءَ ۽ ڪراين جي ڪنگڻن ڇڻ ڪلڪار ٿي ڪيا.

”عبدل ڪي به منهنجي هٿ جو تريل پلو ڏاڍو وڻندو آهي.“

”عبدل ڪير آهي؟“

”عبدل ڪي نه سڃاڻين؟ سچي. تون ته هن سان مليوئي نه آهين. صبح بابي ڪي ونڻ آيو ته تون ننڊ ۾ هئين. سانجهيءَ جو بابي سان گڏ موٽندو. ملنديس ته دل خوش ٿي ويندءِ.“

”تنهنجو ڇا لڳي؟“

”ڇا لڳي! سوٽ لڳي ۽ ٻيو.... ٻيو“ هوءَ ماٺ ٿي وئي ۽ سندس سانورن ڳلن تي حياءَ جي لالي ٽڙي پئي.

”توکي ٻک لڪي هوندي. نيرن به ڪانه کئي اٿيئي. جيسين بصريءَ لاءِ سودو وٺي اچان تيسين دير ٿي ويندي پلو تري ٿي ڪارايانءِ.“

هن هرٽيءَ وانگر چال ڏنو ۽ سندس ڪارڙن ڪترن پڙڪو ڪاڏو. هوءَ چلهه جي پرسان وڃي ويٺي پلو چلي صاف ڪري، ترڻ لڳي. سارنگ ماٺ ڪري هن کي ڏسندو رهيو. هي به جيئڻ جو ڪهڙو نه عجيب انداز هو. هيٺ وڇايل پڙڇ، نڪر جو ڪُنيون، ٻه ٽي ٿانوَ، چارا ۽ ڪارا، اهائي هنن جي ڪائنات هئي.

نوري اڪ چنبي ۾ تريل پلو ۽ چانورن جي ماني آڻي هن جي اڳيان رکي. رات گرهه ڪنيون هئائين ته نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هيس پر هينئر هنکي پلي ۽ چانورن جي مانيءَ عجيب مزو ڏنو.

”تو اهو ته ٻڌايو ئي ڪونه ته ڪير آهين.“

”مسافر آهيان، ٻيو ڪير آهيان.“

”مسافر آهين پر ڪٿان آيو آهين، ڪيڏانهن ٿو وڃين. پاڻ ڪير آهين، نالو ڇا اٿيئي. ڪو گهر گهاٽ، ٻار ٻچا، ماڻهو پورا احوال ڏي.“

”پورا احوال هي آهن ته منهنجو نالو سارنگ آهي، ذات جو سوڍو آهيان. ٻار ٻچا، گهر گهاٽ ڪونهي. ٺٽي مان آيو آهيان ۽ مغل فوج منهنجي پٺيان آهي.“

”آئي گهوڙا. مغل فوج تنهنجي پٺيان آهي! پوءِ ڇا ڪجي؟“

”يڪدم درياهه پار ڪري مونکي ڪيڏانهن ڀڄي وڃڻ گهرجي.“

”پر بابي ڇيو هو ته جيسين مان نه اچان تيسين نه ڇڏجائينس.“

”شام تائين ترسيس ته پوءِ سمجهه ته منهنجو خير نه آهي. مغل فوج هٿي پهتي ته مونکي جيئرو نه ڇڏيندي.“

”پوءِ ڇا ڪيون؟“

”مونکي هينئر جو هينئر پار پهچاءِ.“

”هل ته هلون.“

”تون مونکي پار وٺي هلندين؟“

”ها. ان ۾ اچرج جي ڪهڙي ڳالهه آهي.“

هو ٿوري دير لاءِ هٻڪيو پر پوءِ نوريءَ جي اکين ۾ اعتماد ڏسي هو اٿيو ۽ نوريءَ جي پٺيان هلڻ لڳو. ڪپر سان ڳنڍ ننڍي ٻيڙي ٻڌل هئي. هو ٻئي ٻيڙيءَ ۾ ويٺا، نوريءَ ونجهه سنڀاليا ۽ ٻيڙي وچ سير ڏانهن نيئڻ لڳي. هن ڪڏهين اڳتي جهڪي ۽ ڪڏهين پٺتي وري ونجهه ٿي هلايا. سندس سارو ٻُت درياهه وانگر ٿي ڇليو. هن کي ڇولين جي ڇوهه، سيرَ جي سٽن ڪُنن جي ڪڙڪن جي ڪا پرواهه ڪانه هئي. نوريءَ کي ونجهه هلائيندو ڏسي سارنگ سوچيو ته سونهن به ڪهڙي نه اضافي شيءِ آهي. ڪيئن نه ڪاراڻ ۽ ڪوجهائڻ ۾ به موتئي گل وانگر ٽڙي ٿي پوي. هاڻي هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته ڪيئن سنڌ جي سمي سلطان ڄام تماچيءَ مهاڻيءَ لاءِ ڄار ڪلهي ڪيو هو. نوريءَ جو عبدل به ته ڄام تماچي هو. ڪارو، ڪوجهو ۽ مور نه موچارو! پيڻ جنهن جي پوشاڪ هئي ۽

جنهن ڪڪين هاٽيون ڪاريون ۽ چچن هاٽا چج ڪلهي ڪري، زندگيءَ جي ڪُنن مان ٻيڙي پار تي پڄائي. ان ڪني، ڪاري ۽ ڪوجهي مهاٽي ڄام تماچيءَ لاءِ ڪنهن شاعر ڪاموڏ چونہ لکيو؟

ٻيڙي ڪنڌيءَ سان لڳي. هن ڪنڌيءَ تي لهي، نوريءَ ڪان موڪلايو.

”چڱو نوري، هاٽي موڪلاٽي.“

”چڱو الله تو آهر“ نوريءَ مرڪ سان رابيل جي گلن جي ورڪا ڪئي.

”نوري، تنهنجي مرڪ مونکان ڪڏهين بہ نہ وسرندي. تنهنجي مرڪ جا رابيل هميشه هانءَ ۾ ٽڙندا رهندا.

نوري پنهنجي تعريف ٻڌي ٽڙي پئي ۽ ونجهہ هلائيندي، ٻيڙي ڪاهي، سِير ڏانهن هلي وئي. هو ڪپر تي بيهي هن ڪي ويندو ڏسندو رهيو. نوري جڏهين اکين ڪان ڏور تي وئي تڏهين هن سوچيو تہ هاٽي ڪيڏانهن وڃان. نہ ڪا منزل نہ ماڳ، نہ اوهي نہ واهي. هن وک وڌائي ۽ اڻ سونهن پيچرن تي پير رکيائين.

....

سارنگ جي اک کلي. سامهون پٽ تي بيبي مريم، نںڍڙي عيسيٰ ۽ حضرت يحيٰ جي تصوير ٽنگيل هئي. ان تصوير سان گڏ پٿر جي صليب تي حضرت عيسيٰ جي مورتي لڙڪيل هئي. سامهون دروازي تي سوٽي پردا ٿي لڙڪيا. ساڄي پاسي واري دريءَ مان نيرو آسمان ۽ وڻن جون سايون ٽاريون ٿي نظر آيون. پر ۾ ٽپائي پئي هئي جنهن تي دوايون، ميوو ۽ کير پيو هو. هن کاٻي پاسي ڪنڌ ورايو. هن جي سامهون پٽ سان لڳ، آرام ڪرسيءَ تي سنڌو ويٺي هئي.

”سنڌو.....!؟“ هن کان ذري گهٽ دانهن نڪري وئي.

”مان سنڌو نہ آهيان. مان گيتا آهيان.“

”تون ڪير آهين، مان ڪٿي آهيان؟“

”تون لاهري بندر ۾ پادري باربوسا جي گهر ۾ آهين.“

”مان هتي ڪيئن پهتس؟“

”تون درياهہ جي ڪپ سان جهنگ ۾ بيهوش پيو هئين. پاپا سير ڪرڻ ويو تہ توکي ڏٺائين ۽ توکي هتي کڻي آيو.“

سارنگ کي ياد پيو تہ نوريءَ کان جدا ٿيڻ کانپوءِ هو درياهہ جي ڪپ سان جهنگ جي پيچرن تي هلي هلي ٿڪجي پيو هو. هن کي بک لڳي هئي پر پسگردائيءَ ۾ ڪا وسندي ڪانہ هئي. هن جي ڦٽ مان وري رت وهي چڙيو هو. پر هلندو رهيو هو ۽ پوءِ آخر ٿڪجي ساڻو ٿي هو هڪ وڻ جي هينان ليٽي پيو هو.

”بابا طبيب آهي. هن تنهنجي ملهم پٽي ڪئي آهي. توکي سخت بخار هو. هاڻي ڪيئن آهين؟“

”نيڪ آهيان.“

گيتا ڪرسيءَ تان اٿي هن جي نرڙ تي هٿ رکيو. گيتا جي هٿ جي ڇهاءَ سان هن کي سنڌو ياد پئي.

”ڏٽيءَ جو شڪر آهي جو بخار لهي ويئہ.“

ايتري ۾ هڪڙو قدآور ماڻهو اندر آيو. هن کي ڍگهي قبا پاتل هئي. اڇو ڳاڙهو رنگ، سنها ۽ ڊگها وار، نيريون اکيون ۽ هلڪي هلڪي ڏاڙهي جيڪا ڪاڏيءَ وٽ وڏيڪ گهري ٿي ٿي وئي.

”منهنجو نالو الفانسو باربوسا آهي. گيتا منهنجي ڌيءُ آهي.“

سارنگ حيرت مان گيتا ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پادريءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

”عمر ۾ هيءَ منهنجي ڌيءُ نٿي لڳي. ڪي ڪي رشتا عمر جي قيد کان آزاد هوندا آهن. گيتا منهنجي دين جي ڌيءُ آهي. پر ائين نہ سمجهجانءِ تہ مون گيتا کي عيسائي بڻايو آهي. دين ڌرم کان هٽي بہ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان رشتو ٿي سگهي ٿو. مان رڳو يسوع مسيح جو پادري نہ آهيان. پر ڪرشن مهاراج ۽ حضرت محمد صلعم جو بہ پادري آهيان. مان هر ان انسان جو پادري آهيان جنهن چڱائي ڪئي ۽ چڱائيءَ جي سکيا ڏني پوءِ اهو ماڻهو دهريو يا ناستڪ ئي چونہ هجي. ان رشتي سان تون بہ منهنجو ياءُ آهين.“ گيتا.

”جي ءُ.....“

”هن لاءِ يخني ڪٽي آءُ.“

گيتا يخني ڪٽڻ لاءِ وئي. هن سارنگ کان پڇيو.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”منهنجو نالو سارنگ آهي. مان.....“

”وڏيڪ تعارف جي ضرورت ڪانهي. تون هتي پنهنجو پاڻ کي محفوظ سمجھ.“

گيتا يخني ڪٽي آئي. هن گرم گرم يخني پيئتي تہ هن جو سارو ٿڪ لهي ويو. ماني ڪاڏائين تہ هن جي اکين تي ننڊ جا کيپ چڙهڻ لڳا.

پادريءَ جي شفقت ۽ گيتا جي سک ۽ محبت مان هن جي روح کي عجيب راحت ملي. پادري هن جو دوست ٿي ويو. ٻئي پهرن جا پهر

وينا ڳالھيون ڪندا هئا. پادريءَ جون ڳالھيون نون جهانن جون ڳالھيون هيون. هن سمنڊ جي هُن طرف بہ ڪيڏيون نہ دنياؤن آباد آهن. اتان جي ماڻهن جا بہ ساڳيا ڏک سور اهنج ۽ ايذاءَ آهن. سڀ ماڻهو ماڻهپي جي مٽاچري تي هڪ آهن. پر هنن ۾ ڪيڏا نہ ويڇا ۽ فاصلا آهن.

پادريءَ چيو:

"ڪڏهن ڪڏهن قومن جي خوشحالي ۽ خودڪفالت سندن لاءِ مصيبت جو سبب ٿي پوندي آهي. خوشحاليءَ جي ڪري ڌاريون بکيون ۽ لالچي قومون مٿن حملا ڪنديون آهن ۽ خود ڪفالت جي ڪري هنن ۾ نيون ايجادون ڪرڻ جي قوت ۽ نيون واٽون ڳولهڻ جي ضرورت ختم ٿي ويندي آهي. سنڌ هميشه خودڪفيل رهي آهي. پهرين صديءَ ۾ جڏهين هڪڙي يونانيءَ موسمي هوائون ڳولهي لڌيون تہ سامونڊي سفر ۾ سهولت پيدا ٿي. سنڌ جي پاتار بندر ۽ هندوستان جي مالابار جي موچيري بندر جو مغربي ملڪن سان تعلق پيدا ٿيو. اٺين صديءَ جي شروع ۾ سامونڊي واپار تي عربن جو قبضو هو جيڪي هتان مال سان ٻيڙا ڀري، قاهره، تيونس ۽ بصره نيندا هئا. ڳاڙهي سمنڊ ۽ سويز مان اهو مال قاهره، اسڪندريہ ۽ اتان اٽليءَ جي بندرگاهہ وينس پهچندو هو. وينس هندوستاني مال جي مغربي ملڪن سان ڏيتي ليتيءَ مان مالدار ٿيو ۽ وينس ۾ واپاري طبقو پيدا ٿيو جنهن ادب، آرٽ، سائنس ۽ علمي دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. آهستي آهستي مغربي ملڪ نئين تهذيب ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ لڳا. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ تي اهو بہ الزام هو تہ هوءَ هندوستان مان عيش جو سامان آڻي انگريزن جو نہ رڳو اخلاق ئي خراب ٿي ڪري پر انگلستان جو سون بہ هندوستان ڪي ٿي ڏئي. انگلستان هندوستان جي مال جي منڊي هو ۽ انگلستان جو پرڏيهي واپار ختم ٿي ويو. انگريز هنرمندن پارليامينٽ کي درخواستون ڏنيون تہ اسان کي تباهيءَ کان بچايو وڃي. انگلستان ۾ سوديشي تحريڪ زور ورتو. عورتن کي اپيل ڪئي وئي تہ هو هندوستاني مال نہ واپرائن. انگريز ڪورين هڪ دفعو

ڪمپنيءَ جي دفتر تي حملو ڪيو. ڪپڙو اٽيندڙ عورتن پارليامينٽ جو گهيرو ڪيو.

هوڏانهن واسڪوڊي گاما ساموندي واپار جو نئون رستو ڳولهي لڌو ۽ هاڻي وينس جي بدران لزبن هندوستاني مال جو مرڪز ٿيو. ان پرڏيهي واپار ۾ هندوستان کي سون ملندو رهيو جنهنجي ڪري گهرجون ختم ٿي ويون. گهرج ايجاد ڪرائيندي آهي. گهرج نہ رهي تہ ايجاد جي ضرورت بہ ڪانہ رهي. اهوئي سبب آهي جو هند ۽ سنڌ ۾ مهاڀارت جي دور وارو هرقار ۽ اوزار استعمال ٿا ٿين. جڏهين تہ مغربي ملڪن م ضرورتن ڪانئن نيون نيون ايجادون ڪرايون. سوداگرن جو طبقو پيدا ٿيو جنهن جاگيرداري ۽ آپيشاهي نظام جو خاتمو ڪيو، ۽ نئين دور جي نئين انسان جنم ورتو. ان نئين انسان جو سڀ کان وڏو ڪارنامو پريس جي ايجاد آهي. هڪڙي جرمن ڏاهي پندرهين صديءَ جي وچ ڌاري متحرڪ ٽائيپ سان پهريون ڪتاب ڇاپيو. علم تان ڪليسا جي هڪ هٽي ختم ٿي ۽ روشن خيال ماڻهن کي پنهنجي خيالن جي روشنيءَ کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جو موقعو مليو. آسماني ستارن ۽ سيارن جي چرپر، دل جي حرڪت ۽ خون جي گردش جا قانون، ڪَئِش جي دٻاءَ جو قانون، خوردبيني، دوربيني، ٿرماميٽر، بئروميٽر، هوائي ليمپ، پئنڊوليم سان هلندڙ گهڙيال، نئين انسان جو نئون سفر. اڳتي، اڳتي ۽ اجان اڳتي!

هندوستان جي بندرگاهن تي مغرب جي نئين ۽ هندوستان جي پراڻي انسان جي وچ ۾ چڪتاڻ شروع ٿي. ڪرناٽڪ جي جنگ ۾ هندوستان جي ڏهه هزار فوجين فرانس جي نوَ سؤ فوجين کان شڪست کاڌي. هندوستان جي مقدر جو فيصلو ٿي چڪو. تاريخ طاقتور ۽ توانا قوم کي ڳولهي لڌو. فرانسيسي ۽ انگلستاني فوجن مان جيڪي وڌيڪ طاقتور ثابت ٿينديون اهي هندوستان تي قبضو ڪنديون.“

هاڻي سارنگ وري سفر جي تياري ڪئي.

آسمان ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙيل هو ۽ هوائن ۾ تڏڪار ۽ هٻڪار رچيل هئي. رات جي ماني ڪائي سارنگ ۽ گيتا وڪون ڪٽندا گرجا جي آڳر واري چبر تي اچي ويٺا. بارين ۾ گل تي مُرڪيا پر اڄ گيتا ڏاڍي اداس هئي.

”سارنگ“

”جيءُ“

”چا سياٽي تون هليو ويندين؟“

”ها.“

”ڪيڏانهن ويندين؟“

”مونکي پاڻ خبر ڪانهي تہ ڪيڏانهن ويندس.“

”هتي چو نہ ٿو رهي پئين.“

”اندر جي بي چيني ڪٽي بہ سک سان ويهڻ نٽي ڏئي.“

”هڪڙي ڳالهہ پچانءِ“

”پڇ.....“

”سنڌو ڪير آهي؟“

”اڻ پورو خواب“

”چا ان خواب جي ڳولها ۾ ٿو وڃين؟“

”نہ. اهو خواب ڳهٽو پنتي رهجي ويو. مان پنتي نہ پر اڳتي وڃڻ ٿو گهران.“

”ڪنهنجي ڳولها ۾؟“

”شايد پنهنجي ڳولها ۾.“

”چا پنهنجو پاڻ وڃائي وينو آهين؟“

”پنهنجي سڃاڻپ وڃائي وينو آهيان.“

”توکي خبر آهي تہ مان وئشيا هيس؟“

”مون لاءِ تون پوتر گيتا آهين.“

”مان پنهنجي آتما وجائي ويٺي هيس. پادريءَ مونکي منهنجي آتما جو احساس ڏياريو ۽ توکي ڏسي منهنجي آتما سٽ ڪاڏي ۽ مون پنهنجي آتما ڳولهي لڌي. منهنجي آتما کي ڇڏي نہ وڃ تہ متان وري پنهنجي آتما وڃائي نہ ويهان.“

”هڪ دفعو آتما ڳولهي لهجي تہ پوءِ نہ وڃائبي آهي. سنڌوءَ جيو هو تہ وڇوڙي ڪان پوءِ بہ منهنجو سارنگ هر وقت مونسان ساڻ آهي. هو سڀ ۾ سمائجي ويو آهي. ڪڏهين هو منهنجو مڙس آهي ۽ ڪڏهين منهنجي ئي ڪُک مان جنم وٺندڙ منهنجو ٻار آهي. مان بہ هاڻي ان منزل تي پهچندو ٿو وڃان. هڪ رات مهاڻن وٽ پناه ورتم. اتي هڪ ڪاري ڪوجهي مهاڻيءَ ۾ مونکي سنڌو نظر آئي. وري جڏهين توکي ڏٺم تہ تو ۾ بہ سنڌو نظر آئي. اها آتما کي ڳولهي لهڻ واري منزل آهي.“

”جي توکي مون ۾ سنڌو نظر آئي تہ پوءِ سنڌوءَ کي ڇڏي ڇو ٿو وڃين؟“

”ائين ٿو لڳيم ڄڻ عرش تان ڪريو آهيان ۽ وچ پولار ۾ اٽڪي پيو آهيان. ڪو اڻ ڇٽو آواز آهي جيڪو مونکي پاڻ ڏانهن ٿو سڏي. اهو آواز ڪنهنجو آهي، ڪٿان ٿو اچي، ڪيڏانهن ٿو سڏي، ۽ ڇو ۽ چالاءِ ٿو سڏي، تنهنجي مونکي ڪا خبر ڪانهي. مان رڳو اوڏانهن ڇڪبو پيو وڃان. مونکي ان آواز کي ڳولهي لهڻو آهي.“

”۽ ان آواز ۾ توکي ڪنهنجي آتما جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي.“

”ڪهڙي خبر تہ اهوئي تنهنجي آتما جو آواز هجي.“

ٻئي ڏينهن صبح جو هو اتان روانو ٿيو. پادريءَ هن کي گهوڙو ڏنو ۽ جڏهين پاڪر پائي موڪلائين تہ سارنگ کي ائين لڳو ڄڻ پادريءَ جي وجود جي ساري شفقت هن جي وجود ۾ سمائبي پئي وڃي. گيتا هٿ ٻڌي هن کي پرنام ڪيو. سندس اکيون لڙڪن ۾ آليون هيون. هن گهوڙي تي لانگ ورائي ۽ اڻ ڏٺل منزل ڏانهن روانو ٿي ويو.

هو جهنگن برن ۾ پٽڪندو رهيو. هن ٻاليشاهن جي پَڪن ۾ پناهه ورتي. ٻاليشاهن مردار گوشت آٽي هن جي اڳيان رکيو. هن کي الٽي اچي وئي. ڪارا ڪارا ٻاليشاهي، پيلا پيلا ڏند ڪڍي کلڻ لڳا. کلڻ سان سندن ڪَنن جا والا ٽي لڏيا. هو وني ڀڳو. مردار گوشت جي ڍپ ۽ ٻاليشاهن جا ٽهڪ هن جو پيڇو ڪندا رهيا. هن پيلياٽيون، ڪولهٽيون ۽ اوڏٽيون ڏٺيون. ڳاڙها پَڙا ۽ گهاگهريون. گهاگهرن تي پرٽ ۽ ڪوڏيون جڙيل، ڪارن ڪارن ٻانهن ۾ اڇيون اڇيون ٻانهيون. چانديءَ جا هس، پنڙا، واليون. سندن ڪارا ڪارا بت اُس ۾ جهرمر ٽي جرڪيا. پر ڪيائي ڪوڏر ٽي هنيائون ته مٽيءَ جو هانءُ ڪڍي ٽي ڇڏيائون. هن کي سميون، سومريون، سوڍيون ۽ مغلياڻيون ياد پيون جن جا بدن ڪنول جهڙا ڪومل هئا جن کي هٿ لاءِ ته ٻانءِ ته ڪومائجي وينديون. انهن جي پيٽ ۾ هي ڪارا ڪِٺُ بدن زندگيءَ جي ڪوري ۾ پڇي ٻاهر نڪتا هئا.

هن ڪن ڦاڙ ناٿ پنٿي جوڳي ڏٺا جن کي خبر ئي ڪانه هئي ته جوڳ چاريہ ڇا هو. ناگر برهمڻ جيڪو ڪنشڪ جي نورتنن ۾ شامل هو ۽ گيڙو الفي پائي ٻڌ ڌرم ۾ شامل ٿيو هو ۽ ٻڌ ڌرم جي مهاين فرقي جو بنياد وڌو هئائين، اهو ڪير هو. مهاين فرقي ۾ يوگ چاريہ جو بنياد وجهندڙ منتريہ ناٿ ڪير هو. هنن کي ٻڌ ڀڪشن وارا گيڙو ڪپڙا پاتل هئا ۽ پنهنجي گوگي چوهاڻ پير کي ياد ڪري، ڪنهن مگل ٻوليءَ جا منتر اُچاري نانگ ٽي ڦاسايائون ۽ نانگ جي ڏنگيل جو زهر ٽي چوسيائون. هو سڀ هندو هئا پر هنن جي منترن ۾ الله ۽ رسول جو نالو هو.

لا الا الله
سور لاه
درد لاه
محمد رسول الله

هن هڪڙي ڪن ڦاڙ جوڳيءَ کي باھ جي اُلن جي اولڙي ۾ منتر پڙهندي ڏٺو.

بِس ڪالي، بس ڪملي

بِس ڪا انت نہ پيد

(وِہُ ڪارو آهي، وہ چٽ ڪمرو آهي، وہ جو نہ ڪو انت آهي نہ پيد)

هتي وہ برهم هو جنهن جو نہ ڪو انت هو نہ ڪو پيد هو. هيءَ وہ جي ويدانت هئي.

هن مُندن جا رنگ ڏٺا. لڪون ۽ جهولا، ڪورن وانگر ٻرندڙ ڏينهن، لُڪن ۾ لوساتيل _ڏٻرا ڏيل.

سرءُ جي پن ڇڻ، پيلا پن، پيليون صبحون، پيليون سانجهيون ۽ پيلا چهرا

سياري جا سيءَ ۽ پارا، ماڻهو لڳين اگهاڙا، نہ ڳندي نہ ڳبرو.

سارنگ ساٿ ڪيا، ڪنوٽيون ڪنٽهار جيان ڪڙيون، بوندن جي بهار تي ۽ درد وندن جو ديس وسي پيو. هن ڪوري ۾ ٻرندڙ ڏينهن ۾ لوهارن کي ڏنوٽين جي ڏان ڏان ۾ هٿوڙا هڻي، هر ڦار، ڏاتا ۽ ڪوڏريون ناهيندي ڏٺو. ڪنيرا! جن چاڪ تي متيءَ جا ٻي ٻولا چاٽا رکي انهن کي ڇهيو تي تہ ٻي ٻولي ۽ ٻي شڪل متيءَ کي نت نيون شڪليون تي ملي ويون.

ڪوري، جن چِڳل ڏاڳا ڳنڍي، ماڻهن جي اوگهڙ تي ڍڪي. اهي بہ تہ ڍڪڻهار هئا.

هاري، جن ڌرتيءَ مان سونا سنگ تي اُپايا، اهي بہ تہ پالڻهار هئا.

هر طرف پورهئي جا آواز هئا. جندَ، چرخا، آڏاڻا، مترڪا، ڏنوٽيون. پورهئي جي انهن آوازن پاڻ ۾ ملي هڪ نئين نغمي کي جنم تي ڏنو ۽ هڪڙي ڏينهن ٻڙ جي وڻ جي ڇانو ۾ ويهي هن پورهئي ۾ پاھ

تيل، ذڪيل، لتاڙيل ۽ انسانيت جي رتبي تان معزول ڪيل، ڪارن، ڪوجهن ۽ ڪِين جهڙن انسانن جا هٿ ڏنا جن مان تهذيب جو نُور تي ڦٽو. هزارين، لکين ۽ ڪروڙين هٿ جيڪي هن ڌرتيءَ جي بي ڍولي، بي شڪل مٽيءَ جي چاٽي ڪي ڪٽي بينا هئا ۽ ان کي چاڪ تي چاڙهي چهيائون تي تہ ڌرتي سهٽي ۽ لسي صورت اختيار ڪندي تي ويئي ۽ انهن سرجڻهار ۽ صورت گر هٿن جي هجوم ۾ هن صوفيءَ کي ڏنو جنهن مراقبي مان منهن مٿي ڪري انهن پالڻهار هٿن ڏانهن آڱر کڻي چيو.

همہ اوست، سبحاني، ما اعظم شاني

سارنگ سوچيو تصوف چا آهي. اڄ تائين هن جيڪو بہ علم پرايو هو سو پنهنجي هَٿَ ۽ اَنا لاءِ پرايو هو. اڄ هن پهريون ڀيرو علم کي پنهنجي هَٿَ سان هنيون ۽ پنهنجو پاڻ کان پڇيو تہ تصوف چا آهي. همہ اوست چا آهي، سبحاني ما اعظم شاني چا آهي. مان ڪير آهيان. منهنجو هن ڌرتيءَ جي ڏڪاريلن سان ڪهڙو رشتو آهي الست بربڪم جڏهين منهنجي ڪن پيو هو ۽ مون قلب سان قالو بليٰ الله چيو هو تڏهين، تنهن ويل، مون هنن ويڙهيچن سان وچن ڪيو هو. اهو وچن چا هو ۽ مون چو وساريو هو. اهو سارنگ ڪير هو جنهن پنهنجي ويڙهيچن تي راتاها هڻي، طاقت سان سندن باغي ڪَنڌن کي مغلن جي اڳيان جهڪايو هو. ۽ هي سارنگ جيڪو مان آهيان، مڪمل مان، اهو ڪير آهي. شايد مون جوڻ مٽائي آهي، نئون جنم ورتو آهي. پهرين منهنجي ذهن ۾ اوندھ جون سرحدون هيون ۽ منهنجو ”مان“ انهن اونداهن سرحدن جي هن پار هو. هاڻي مون پنهنجي ”مان، کي ڳولهي لڌو آهي ۽ مون کي ويڙهيچن سان ڪيل وچن ياد پيو آهي.

غار حرا مان گونجندڙ آواز هن جي ڪن تي پيو جنهن انسانن جي وچ جا سڀ ويڇا ميٽي ۽ ريٽي ڇڏيا. جنهن ڌرتيءَ تي ڪريل انسانن کي ڪٽي سيني سان لاتو ۽ چيو تہ حسب، نسب، رنگ نسل، مال دولت ۾ ڪو ڪنهن کان مٿاهون نہ آهي. عجميءَ کي عربيءَ تي ۽ عربيءَ کي عجميءَ تي ڪا فوقيت ڪانهي. سڀ انسان برابر آهن. انسانن جو مالڪ صرف الله آهي ۽ الله ڪانسواءِ ڪو الله ڪونهي. پر اُمين ملڪيت ۽ ملوڪيت وارو معاشرو قائم ڪيو ۽ ان معاشري کي قائم ڪرڻ لاءِ حجاج بن يوسف کي هڪ لک ويهہ هزار مسلمان شهيد ڪرڻا پيا. ظلم ۽ ڏاڍ جي ان عمل سان فڪري سطح تي بہ تحريڪون ابريون. هڪ مرجيہ ۽ ٻي قدريہ. مرجيہ وارن چيو تہ انسان مجبور آهي. جو ڪجهہ بہ ٿئي ٿو سو خدا جي طرفان ٿئي ٿو ان ڪري هر حالت ۾ شڪر ڪجي. مرجيہ وارن اُمين جا هٿ مضبوط ڪيا.

قدريہ وارن چيو تہ جيڪڏهين انسان کي مجبور مڃيو وڃي تہ پوءِ خدا عادل ۽ منصف نٿو رهي ڇاڪاڻ تہ انسان جيڪو بري ڪم ڪرڻ، ظلم سهڻ ۽ ظلم ڪرڻ لاءِ مجبورآهي، تنهن کان سندس ڪمن جي پڇا ڪري نٿي سگهجي. خدا عادل آهي. خدا نہ ظلم ڪري ٿو ۽ نہ ظلم کي پسند ڪري ٿو. انسان پنهنجي عمل ۾ آزاد آهي ۽ پنهنجي عمل جو پاڻ ذميوار آهي. ظالم کي خدا مقرر نہ ڪيو آهي پر هو پاڻ پنهنجي ظلم سان اقتدار ۾ آيو آهي ۽ ظالم سان وڙهڻ، ڪيس اقتدار تان لاهڻ، هر هڪ مسلمان جو فرض آهي.

تيان اهي صوفي درويش پيدا ٿيا جن ظلم جي پوري معاشري کي ڇڏي ڇڏيو ۽ گوشہ نشيني اختيار ڪئي. سندس گوشہ نشيني رهبانيت نہ هئي پر ظلم جي خلاف احتجاج هئي. هنن انسانيت جي رتبي تان معزول ڪيل انسانن کي ربوبيت جو درجو ڏنو ۽ هي جو حضرت جنيد بغداديءَ چيو تہ سبحاني، ما اعظم شاني. تہ اهو ڪو سندس ذاتي انا

جو آواز نہ هو پر مظلوم انسانن جي اجتمائي انا جي عظمت جو اعلان هو.

حضرت جنيد چيو تہ مون الله کي مديني جي گهٽين مان حاصل ڪيو. مان مديني جي غريبن وٽ وجي رهيس ۽ مون ڏٺو خدا انهن ۾ آهي.

هر اوتار، نبي ۽ درويش ملڪيت ۽ ملوڪيت کان انڪار ڪيو. حضرت عيسيٰ جي ملڪيت هڪڙو پاڻي پيئڻ جو آبخورو ۽ هڪڙي ڦٽي هئي. هڪڙي ڏينهن ڏٺائون تہ هڪڙو ماڻهو ٻڪ ۾ پاڻي ٿو پيئي تہ پاڻ آبخورو اڇلائي ڇڏيائون ۽ ٻئي دفعي ڏٺائون تہ هڪڙو ماڻهو آڱرين سان وارن ۾ ڦڻي ٿو ڏئي تہ ڦڻي اڇلائي ڇڏيائون.

حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي پيرن ۾ دنيا جي خزانن جون ڪنجيون رکيون ويون پر پاڻ سڀَورن دعا گهري تہ ”اي الله! مونکي هڪ ويلو پيٽ ڀري ماني کاراءِ ۽ ٻيو ويلو بکيو رک.“

همہ اوست جو آواز غارِ حرا مان اٿيل آواز جو پڙاڏو آهي جنهن انسانن جي وچ جا سيئي ويڇا ريتي ۽ ميٽي ڇڏيا آهن. همہ اوست..... همہ اوست..... همہ اوست. هن کي پَن پَن مان اهي پڙلاءَ ٻڌڻ ۾ آيا. هو ٿڪ ۾ چور، واهيءَ جي ڪپ تي اچي وينو. واهيءَ مان ٻڪ ڀري پاڻي پيتائين. هن کي اها نينگر ياد پئي جنهن هن کي کوهہ تي پاڻي پياريو هو.س هن کي نوريءَ جي مرڪ جا رابيل ياد پيا هن کي گيتا جي قرب جي چانڊاڻ ياد پئي. هن کي سنڌو ياد پئي جنهن هر ڪنهن ۾ پنهنجي پريٽءَ کي ڏٺو هو. پرهہ جي پکيئڙي جي لات هن جي ڪن تي پئي. آذان جا ٻول فضا ۾ گونجيا. الله اڪبر، الله اڪبر! ٻانگ جو آواز آسمان سان ٽڪرايو، ستارا ٽڙڪڻ لڳا ۽ هن جي اندر ۾ الله جي عظمت گونجڻ لڳي اهڙي عظمت جيڪا نسورو نينهن هئي، جنهن نينهن سان هن جو وجود ٽمٽار ٿي ويو ۽ هن ساري سنڌ ۽ سنڌ جي ٻکين ڏکين کي پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪيو.

همه اوست .... هن آهستي چيو.

هو الائجي گهڻي دير تائين واهيءَ جي ڪپ تي وڻ ڪي ٽيڪ ڏيئي، اڪيون ٻوٽي وينو رهيو. هن اکيون کوليون صبح جو سوجهرو هر طرف پکڙجي ويو هو ۽ سائن سائن ٻنين جي هن پار جهوڪ جا منگهه ڪر ڪڍي هن جي انتظار ۾ بيٺا هئا.

....

سارنگ جڏهين جهوڪ ۾ داخل ٿيو ته هن کي عجيب سڪون محسوس ٿيو. چوڌاري غريباڻا ڪچا گهر، نه محل نه ماڙيون. الله جو گهر به ماڻهن جي گهرن جهڙو ڪچو، سادو ۽ نماڻو هو. نه سنگ مرمر نه ڪاشي، ڪچي سرن ۽ گاري سان ٺهيل مسيت. ڪنهن گهر ۾ چرخو ٿي چُريو ته ڪنهن گهر مان ڏنوڻ جي ڌون ڌون ۽ مترڪن ۽ آڏاڻن جا آواز ٿي آيا. گهٽين ۾ گهمندڙ ماڻهن جي منهن تي عجيب سک ۽ شانت هئي. سارنگ کي لڳو جڻ ساري سنڌ ڏک جو چلندڙ ساگر هئي ۽ ان ساگر ۾ جهوڪ سُک جو ٻيٽ هو. چا ڏک جي هيڏي وڏي ساگر ۾ سُک جو هي ننڍڙو ٻيٽ قائم رهي سگهندو.

مسيت سان گڏ خانقاه هئي جتي شاه عنايت صوفيءَ نماز کان پوءِ درس ٿي ڏنو. هو به خانقاه ۾ گهڙيو. پڙچن تي ماڻهو وينا هئا ۽ انهن ۾ صوفي سائينءَ جو آواز ٿي آيو.

وجود چا آهي ۽ وحدة الوجود چا آهي؟

ڪابه شيءِ نيستيءَ مان هستيءَ ۾ ۽ نانهن مان وجود ۾ اچي نٿي سگهي. وجود جو سبب وجود آهي ۽ اهو واجب الوجود آهي. واجب الوجود اهو آهي جيڪو پنهنجي هجڻ لاءِ ڪنهنجو محتاج نه آهي ۽ ممڪن الوجود اهو آهي جيڪو پنهنجي هجڻ لاءِ ڪنهن ٻئي وجود جو محتاج آهي. واجب الوجود، ممڪن الوجود جو ڪارڻ آهي. ڪارڻ نتيجي ۾ سمايل هوندو آهي ۽ واجب الوجود ممڪن الوجود ۾ سمايل آهي.

منصور چئي ٿو ته ڪائنات جي تخليق کان اڳ خدا پنهنجي شان، جلال، حمد ۽ توصيف ۾ ٻڌل هو. اها توصيف عشق آهي. پنهنجي وحدانيت جي حالت ۾ هن جي دل ۾ عشق پيدا ٿيو ۽ هن پنهنجي ذات جي اظهار ۾ خوشي محسوس ڪئي ۽ آدم پيدا ٿيو. لاهوتَ (خدا جي

خدائي) ناسوتَ (آدم) ۾ حلول ڪيو. ان حلول ڪي هن هُوَ هُوَ سڏيو. انسان ڪامل هُوَ هُوَ آهي ۽ اهو رسولِ عربي آهي.

ابن عربيءَ چيو تہ ڪابہ شيءِ عدم، نيستي ۽ نانهن مان وجود ۾ اچي نٿي سگهي انڪري هي عالم ازل ڪان موجود آهي. هن عالم جون سڀ موجود شيون ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ ۾ هڪ ٻئي ڪان مختلف آهن. انهن ۾ رڳي هڪ ڳالهہ جي هڪ جهڙائي آهي ۽ اها هڪ جهڙائي وجود جي آهي. انڪري اسان ڪي وجود جي وحدة ڪي مڃڻو پوندو.

قديم اهو آهي جيڪو ازل ڪان موجود آهي ۽ حادث اهو آهي جيڪو پيدا ڪيو ويو آهي. قديم حادث جو سبب ٿي نٿو سگهي انڪري حادث جو وجود حقيقي نہ آهي. حقيقي وجود رڳو هڪ آهي جيڪو قديم آهي. اهو حقيقي وجود خدا آهي جيڪو عالم جي هر شيءِ ۾ موجود آهي.

قرآن ۾ آيل آهي تہ جڏهين خدا ”ڪن“ چيو تہ ٿيءُ ڪائنات ٿي پئي (فيڪون) ابن عربي پڇي ٿو تہ خدا ڪنهن ڪي چيو تہ ٿي پئہ. خدا جو مخاطب ڪير هو. ڇا خدا مادي ڪي حڪم ڏنو تہ ٿي پئہ. ڇا مادو ان وقت موجود هو. جي مادي ڪي موجود مڃبو تہ پوءِ مادي ڪي بہ قديم مڃڻو پوندو ۽ خدا جي ذات ڪانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ ڪي قديم مڃڻ شرڪ آهي. ابن عربي چوي ٿو تہ خدا پنهنجي صفتن ڪي حڪم ڏنو تہ ٿي وڃ ۽ سندس صفتون ڪائنات جي شڪل اختيار ڪري ويون. انڪري ڪائنات ذات ڪان جدا نہ آهي. خدا جون صفتون خدا جي ذات ڪان جدا نہ آهن، ڪائنات صفتن مان نهي، انڪري ڪائنات ذاتِ خداوندي ڪان جدا نہ آهي.

سالڪ ڪي جڏهين ذات ۽ ڪائنات جو عرفان ٿيندو آهي تڏهين هن جي وات مان ڪي اهڙا جملا بہ نڪري ويندا آهن جن ڪي اهلِ ظاهر شطحيات يعني خلافِ شريعت چوندا آهن.

حضرت علي رضہ خطبو ڏيندي فرمايو:

مان ئي اسم الله جي طرفان لفظ آهيان

مان ئي الله جو جنب آهيان جنهن ۾ اوهان گهٽ ۽ وڌ ڪئي آهي

مان ئي قلم آهيان مان ئي لوح آهيان
مان ئي ست آسمان آهيان
مان ئي ست زمينون آهيان

امام زين العابدين فرمايو:

اي منهنجا رب! جيڪڏهين مان علم جا جوهر ظاهر ڪيان ته مونکي چيو ويندو ته تون انهن مان آهين جيڪي بُتن کي پوڄيندا آهن.

امام جعفر رضه کان ڪنهن پڇيو ته اوهين متڪبر چو آهيو؟ پاڻ فرمايائون ته منهنجو تڪبر ۽ پندار هليو ويو ۽ حق تعاليٰ جو تڪبر اچي ويو.

شيخ معروف عرضيءَ چيو:

وجود ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪو ڪونهيئ

شيخ بايزيد بسطاميءَ چيو:

سبحاني ما اعظم شاني. مان سبحان آهيان منهنجو شان اعليٰ آهي.

سهيل بن عبدالله شتري چيو:

زبان سان ذڪر ڪرڻ بڪواس آهي. دل ۾ ذڪر ڪرڻ وسوسو آهي. صوفي اهو آهي جنهن جو قتل حلال ۽ مال مباح آهي.

حسين بن منصور چيو:

عارف تيستائين مومن نٿو ٿئي جيستائين هو ڪافر نه ٿي وڃي. ڪنهن پڇيس ته چا تون پيغمبريءَ جي دعويٰ ٿو ڪرين. وراڻيائينس:- افسوس تو منهنجو شان گهٽائي ڇڏيو، مان ته خدائيءَ جي دعويٰ ٿو ڪريان.

احمد غزاليءَ چيو:

رسول تيڻ اسان جي سنت آهي ۽ خدا تيڻ اسان جو فرض آهي.
حضرت محبوب سبحاني شيخ عبدالقادر جيلانيءَ فرمايو:
جنهن خدا جي وصال کان پوءِ عبادت ڪئي تنهن تحقيق خدا سان شرڪ ڪيو.
شاهه عالم کان ڪنهن پڇيو:
”اوهان جو نالو ڇا آهي؟“
چيائين ”محمد“
”اوهان جو حال ڇا آهي؟“
چيائين ”الله الصمد“
”اوهان جي صفت ڇا آهي؟“
چيائين ”لم يلد ولم يولد“
”اوهان جو قدر ڇا آهي؟“
”لم يڪن له ڪفوا احد“

ڪائنات جي هر شيءِ واجب الوجود يا حسنِ ازل ڏانهن حرڪت ٿي ڪري. انهيءَ عشق سان ئي ڪائنات جو تناسب قائم آهي. عشق ئي هن ڪائنات جي تخليق ۽ اسان جي روحاني تڪميل جو سبب آهي. حواسن کان سواءِ بہ عشق جي هڪ ڪيفيت آهي ۽ جڏهين ان ڪيفيت ۾ تون ۽ مان جا ويڇا ختم ٿي ويندا آهن تڏهين سالڪ جي واتان اهڙا اکر نڪرندا آهن جن کي اهل ظاهر شطحيات چوندا آهن.

سارنگ ڪنڌ جهڪائي صوفي سائينءَ جو درس ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ جڏهين خانقاه مان نڪتو تہ هن کي ساري ڪائنات بدليل نظر آئي. هر طرف کان هم اوست جون صدائون ٿي آيون. هر دل ڪعبة الله هئي ۽ هر انسان کي ربوبيت جو رتبو حاصل هو.

سارنگ پنهنجي خيالن ۾ هو تہ ڪنهن هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو. هن ڪنڌ ڦيري ڏٺو. هن جي سامهون هڪڙو نوجوان بيٺو هو. ڪاري ڏاڙهي، وڏا وار، گيڙو ڪپڙا، چپن تي مرُڪ.

”مونکي سڃاتئہ؟“

”نہ“

”منهنجو نالو ماڻڪ آهي. مان اهو جوڳي آهيان جيڪو هڪ رات توسان ڦِتل مڙهيءَ ۾ مليو هو ۽ جنهن اڳڪتي ڪئي هئي تہ پاڻ جهوڪ ۾ ملنداسين. اڄ مان تنهنجو هتي آڌرياءُ ٿو ڪيان.“

ماڻڪ سارنگ کي پنهنجي جهڳيءَ ۾ وٺي آيو. هن کي پڙڇ تي ويهاري، نڪر جي ڪُنيءَ ۾ ساڳ ۽ چانورن جي ماني پچائي آڻي هن جي اڳيان رکيائين. ٻئي ماني کائي رهاڻ ڪرڻ لڳا.

هاڻي صبح جي نماز کانپوءِ خانقاه ۾ صوفي سائينءَ جو درس ٻڌي هو ٻنيءَ ۾ ڪم ڪار ڪرڻ ويندا هئا. ٻنهي رڳو قلم هلايو هو. سارنگ تلوار بہ هلائي هئي پر هاڻي ڪيس خبر پئي تہ هر هلائڻ ٻنهي ڪمن کان ڏکيو هو. ڪوڏر تہ ڇيلهہ ٽي ورتي. ٻئي پرائي پورهئي تي پليا هئا ۽ هاڻي پاڻ پورهيو ڪيائون تہ کين خبر پئي تہ پورهيو بہ عبادت آهي. ٻئي ٿورڙو ڪم ڪرڻ سان ٿڪجي پوندا هئا. پر ان ٿڪ ۾ بہ عجيب مزو هو. زندگيءَ جا سمورا سُور وسري ويندا هُين. آهستي آهستي کين ڪم ڪرڻ جي عادت پوندي وئي. هرڦار هلائڻ بہ سکي ويا. اڻ سڌي زمين سڌي ٿي. اجايل مٽيءَ پاڻي پيتو ۽ ساوا ساوا سَلا اُسريا تہ ٻنهي جا هانوَ ٺري پيا. اهو سندن پگهر جو پورهيو هو.

شاهہ عنايت ڏکويل، ايذائيل ۽ ڏاڍ جي ماريل سنڌ جو مسيحا هو. ظلم کان پيڄي، گهرگهات ساڙي، برن ۾ پٽڪندڙ سنڌين جا راڄ، پنهنجي مسيحا جي سڏ تي، ڦافلن ۾ جهوڪ اچڻ لڳا. اُنن، گهوڙن،

گڏهن، بيل گاڏين تي ۽ پنڌ، جبل جهاڳيندا، جهوڪ تي پهتا. سيني گڏجي سندن سامان تي لاٿو. رات جو لنگر ۾ رهائي صبح جو مَنهن ناهي تي ڏنائون ۽ پوءِ سيني کي سندن وِٿَ آهر بني تي ملي. هاري ناري، واڍا، لوهر، ڪوري، موچي سڀ اچي گڏ ٿيا. هنڌ هنڌ هوڪارا ۽ تڙ تڙ تي تنوار هئي تہ جهوڪ هلو.

هڪڙي ڏينهن جبل تان نومڙين جو قافلو لٿو. مڙسن جا ڏونگرن جهڙا ڏيل، پنيپون ڏاڙهيون، وتيل شهپر، اکين ۾ اهڙي حشمت جو گهوري نهارين تہ ڪنبٽي وڻي وجي پر جي سِڪ سان ڏسن تہ اندر ۾ قربن جا ڪوٽ اڏجي وجن. جبل جيڏي آن، ارڏا ۽ اٹموٽ. پر منڙو ڳالهائجين تہ مکڻ وانگر پگهري پون. ماکيءَ کان بہ مٺا، باهران کهرا ۽ اڻ گهڙيل پر اندران نسورا پَٽُ. سندن زالن کي ڏسي جابلو پٽن جون چاندوڪيون تي ياد پيون. سندن جوين جڻ چاندوڪيءَ ۾ جهلندڙ باجهريءَ جون بنيون ۽ سندن سَٽُ ۽ عصمت جڻ چانداڻ ۾ جبل جون اپيون چوٽيون جيڪي پنهنجيون محافظ پاڻ هيون.

سيئي گڏجي نون آيل مهمانن جو سامان لاهڻ لڳا. سارنگ ۽ ماٽڪ بہ هڪڙي بيل گاڏيءَ جي پر ۾ اچي بيٺا. بيل گاڏيءَ تي رکيل سامان جي مٿان زالون وينيون هيون. زالون لٿيون. آخر ۾ هڪڙي جواڻ جماڻ چوڪري ٽپ ڏيئي لٿي. هن جي بت ۽ منهن تان چني ترڪي وئي. پازيبن ۽ ڪنگڻن جو چمڪو ٿيو. پنڙا لڏيا ۽ چوڪريءَ چرڪي سارنگ ڏانهن نهاريو. سارنگ جون اکيون سندس اکين ۾ کپي ويون. دل جي لام تي پره پکيئڙو لات لنوڻ لڳو. پکين جا ولر اڏاٽا ۽ ڪونجون ڪرڪڻ لڳيون. عنايتيءَ جو آواز آيو. سر لوهيڙا ڳيا...... اتر لڳا آءُ پرين...... آيل ڪريان ڪينئن، منهنجو نينهن اُپليو نہ رهي.

سياري جي چوڏهينءَ جو چنڊ سهاڳڻ جي جوين جهڙو تي لڳو. چنڊ کي ڏسي سارنگ کي سنڌو ياد پئي. شاديءَ رات سنڌو بہ چنڊ جهڙي

لڳندي هوندي. وري هن کي مهاڙيءَ جي موتئي جهڙي مُرڪ ۽ گيتا جو قرب ياد پيو. هن کي اها جابلو ڇوڪري ياد پئي جنهن کي ڏسي هن جي دل جي لام تي پره پکيئڙي لات لنوڻ شروع ڪئي هئي.

"سارنگ.....!" هن جي پنيان آواز آيو. هن ڪنڌ ڦيري ڏٺو. ماڻڪ هن جي پنيان بيٺو هو.

"اندر هل، ٻاهر سيءُ نه لڳي وڃيئي."

ماڻڪ هن کي منهن ۾ وٺي آيو ۽ ٻاهه ۾ ڪاٺيون وجهي، مچ مچائي، ٻت کي ڪٽو ويڙهي، وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي سارنگ کان پڇيائين:

"ڇا واقعي تنهنجو ان جابلو ڇوڪريءَ سان موه ٿي ويو آهي؟"

سارنگ هن کي جواب نه ڏنو ۽ ماٺ ڪري ٻاهه جي مچ ڏانهن ڏسندو رهيو.

"ماڻهو ڪڏهين ڪڏهين پنهنجي جذبن کان دوکو به کائيندو آهي. ڪي اکيون، ڪا صورت جيءَ ۾ جڙجي وينديون آهن. پر ماڻهو رڳو سهڻيون اکيون ۽ سهڻي صورت ته نه آهي. ماڻهو ننڍيون ننڍيون ڪميڻ پايون، ڪوتاهيون، اوڻائيون، اوڳڻ ۽ عيب به آهي. اکڙين يا صورت جي سونهن ماڻهوءَ جي شخصيت جو رڳو هڪڙو رخ آهي. هن جي شخصيت جا ٻيا به گهڻا رخ آهن. سهڻا ۽ ٻڇڙا، اُجرا ۽ ميرا، وڻندڙ ۽ اڻ وڻندڙ، بلند ۽ پست. پر محبت ڪرڻ وارو پرينءَ جي اکڙين ۽ صورت کي ئي هن جو پورو وجود سمجهندو آهي پر جڏهين پرين پنهنجي وجود جي سموري خامين ۽ خوبين، چڱائين ۽ مندائين سان حاصل ٿيندو آهي ته محبت ڪرڻ وارو سندس مندائين کي قبول نه ڪندو آهي ۽ پوءِ پرينءَ جون انساني مندائيون، پرينءَ جي سونهن تي حاوي ٿي وينديون آهن ۽ پريت ختم ٿي ويندي آهي. دنيا جي ساري عظيم شاعري پرينءَ کي حاصل ڪرڻ جي تڙپ ۽ حاصل نه ڪري سگهڻ جي ٻي وسيءَ مان ڦٽي آهي. روح ۽ جسم جڏهين ڊاپجي ٿو تڏهين ڪجهه ڪونه ٿو رهي. عشق مجازيءَ کان عشق حقيقيءَ جو سفر به ان ڪري آهي ۽ عشق حقيقي

اهڙي طرح حاصل نٿو ٿئي جو ماڻهوءَ جو روح ۽ جسم ٻئي ڏاڍپجي وڃن. ميران ٻائيءَ جي شاعري اجايل آتما ۽ اجايل جسم جي شاعري آهي. جيڪڏهين ميران ڪي ڪرشن جسماني روپ ۾ ملي ها ته ميرا جو تصور ڪنهن ٻئي تصوراتي ڪرشن جي مورتي تراشي ان جي پوڄا ڪري ها. جيڪڏهين واقعي توکي هن سان موهه ٿي ويو آهي ۽ اهو موهه جذبن جو فريب نه آهي ته پوءِ مان سياڻي ٿي نومڙين سان سڱ جي ڳالهه ڪندس.“

ٻئي ڏينهن ماڻڪ چار چڱا ڳڏ ڪري نومڙين سان سڱ جي ڳالهه ڪئي. هنن کي ڪهڙي ناهڪار ٿي ٿي سگهي. هتي ڪو ڪنهن کان مٿيرو نه هو. ڪو بدو، عيوضو نه هو. ڪو ذات پات ۽ ننڍ وڏائيءَ جو ويچو نه هو. هنن هاڪار ڪئي ۽ سيني وات منو ڪيو.

سارنگ جو ڪو مِٽ مائٽ نه هو. ڪا پيڻ يا پاجائي نه هئي جيڪا شاديءَ جا سگن ساٺ ڪري. پر سارنگ ڏٺو ته هتي سڀ هن جا مائٽ هئا. سڀ زالون پينر پاجايون هيون. سهاڳڻين ڳيچ ڳائي هن کي ميندي لاتي. سُجاتيءَ جي سڳي، لوهه جي ٽن چلڙن ۽ سُرهي موڙيءَ وارو ڳاڙهو ڳانو هن جي ڪرائيءَ ۾ ٻڌو. سرهي تيل ۽ ماکيءَ ۾ آڱريون ٻوڙي، سندس مٿي سان ڇهي، ڪيس منجيءَ تي ويهاري، ساٺ ڳيا ڳاتائون. دوستن هنکي ڏک ويهاريو. ڪيسريي ۽ پرٿ پريل ٻوچڻي جي ٻٺ ڪرائي ڪيس موڙ ٻڌائون.

ڄڃ رواني ٿي. ڊڳي گاڏيون، اُٺ، گهُوڙا. ڊڳن کي موڙ، سِڱن ۾ مهرا ۽ ڳچين ۾ چنگ. مهري انن کي جهلون ۽ جهاٻا، گوڏن ۾ ڇيريون ۽ گهنگهرا، گهوڙا پنج سنجيءَ سان سينگاريل. سارنگ گهوٽ ٿي ماڻڪ سان گڏ مهري اٺ تي وينو. ڪنواريتن ۾ ڇئن سهاڳڻين گهوٽ مٿان چادر جهلي ۽ ٻيون سهاڳڻيون ڳيچ ڳائينديون گهوٽ کي ڳوٺ کان ٻاهر پرو وٺي ويون. گهوٽ ڪندي وڍي ۽ وڍيل ڪندي ڪنواريتن جي در تي آٽي ڪوڙيائون..... آڌيءَ رات جو نڪاح پيو. زالون ڳيچ ڳائينديون، گهوٽ جا ڪپڙا، تيل ۽ ميٽ چني ۾ ڏيئي ويون. گهوٽ وهنجي سهنجي

ڪپڙا پائي، ڪلهن تي اجرڪ ۽ مٿي تي پَڳ پاتي. ماٺڪ هن ڪي چڪي سيني سان لاتو ۽ پنهي جون اکيون آليون ٿي ويون.

گهوٽ کي ڪنوار جي در تي، منجيءَ تي ويهاريائون ۽ سندس ٻُٽ لاهي وجي ڪنوار جي مٿان وڌائون. گهوٽ چانئٺ ٽپيو تہ هڪڙي سهاڳڻ پنهنجي چنيءَ جي چانوَ هن جي مٿان ڪئي. ڏانوڻ ڏائڻ ۽ ٻيا ٻرپ پورا ڪري گهوٽ ڪنواز لائون لڌيون ۽ پوءِ کين منهن ۾ نويڪلو ڇڏي آيا.

ٻاهر ٿر مان چارڻ فقير آيا هئا تن ڄاڃين جي وندر لاءِ ڍولا ماروءَ جي ڳالهہ ڪنئين. اندر گهوٽ ۽ ڪنوار سهاڳ ٿي ماڻيون ۽ ٻاهر چارڻن جو آواز ٿي اُڀريو:

آسلوند اُتاريئہ، ڏڻ ڪنچوو ڳلانهہ
گهوميئہ پڙيا هنسڙا، پولا مانسرانهہ

سڄڻ مليا، من امنگيئہ، اوڳڻ سهُ ڳلياہ
سوڪ اٽاسو سو پالهويا، پالهويا قلياہ

سيج رمتا ماروي، ڪن مليهٽي مَ جاءِ
جاڻ ڪو ڪسي ڪيتڪي پمرو نيئہ آءِ

مهين تي جونبيا ڍوليا، لونگي لڪڙبيه
مهاني پرءُ جو ماريا، چمپاري ڪليه

مهين تي ڍوليا جونبيا، مهانون آوي ريس
چو وا ڪيري ڪونپلي، ڍولي صاحب سيس

پهلي پوهري ريڻ ڪي، ڍولا انبر ڊول
وڻ ڪستوري ھئہ رهي، پرو چمپا رئہ قول

دوجئہ پوهري ريڻ ڪي، مليت گتا گڏ
ڏڻ بالي، پيتہ با ڪريئہ، ڏن پيلا پڙ يڏ

تريجي پوهري ريڻ ڪي، مليا تيها تيھ
ڏن تنھن ڏرتي ھئہ رهي، ڪنت سهاوي ميھ

چوٿي پوهري ريڻ ڪي، ڪوڪر ميلي زال
ڏڻ سنياليئہ ڪنچوري، پري موچان رابال

پنچمي پوهري ديهريءَ، سا ڏڻ ديئہ بهار
رم جهم رم جهم ھئہ رهي، ھئہ ڏڻ تيري جهار.

ڍولي اُڪير ۽ آس منجهان ماروءَ جي گلي مان ڪنجري لاٿي ھئي تہ ٻہ هنج
ھئا جن ڪان مانسرور وسري وئي ھئي سڄڻ مليا، من ۾ اُمنگ جاڳيا،
عيب اوگڻ ختم ٿيا سوڪ زمين آلي ٿي ۽ آلي ڦلاري
مارئيءَ ڪي سيج مان اهڙو مزو اچي ويو جو پل لاءِ ٻہ سيج نٿي ڇڏي
پاڻ تہ ڪيتڪي ڦٽي آهي ۽ ڀنورو منجهس وينو آهي
مونکي ڍولو لونگ جي ٽاريءَ سان جنبي ويو
مونکي پرينءَ چمپا جي مکڙيءَ سان مار ڏني
مونکي جو ڍولو ائين جنبي ويو، مونکي ٻہ ريس آئي
مون ٻہ رسيل ڪونپل سان صاحب جو مٿو ڏوڙيو
رات جي پهرين پهر ۾ آسمان تي لڏيو
ڪنوار ڪستوري ۽ پريتم چمپا گل تي پيو

رات جي ٻي پھر ۾ ٻئي جنبي ويا
ڪنوار پيدل، گھوٽ سوار، لڙائي لڳي
رات جي ٽئين پھر ۾ ھو پاڻ ۾ ائين ملي ويا
جو ڪنوار ڌرتي تي پئي ۽ گھوٽ مينھن
رات جي چوٿين پھر ۾ ڪڪڙ ٻانگ ڏني
ڪنوار پنھنجي چولي سنيالي ۽ گھوٽ مڇن جا وار وٽڻ لڳو
پنجين پھر ۾ ڪنوار ھار جا ڇڳل داڻا پئي ٻھاري
سندس پيرن جا پازيب پيا رم جھم ڪن. اي ڪنوار!
توکي سلام.

....

ويريءَ واءُ گهليو
وقت پاسو ورايو
تاريخ پنهنجو پاڻ ورجايو
فقير بيت بيان ڪيو:

لک لڙيا لڪنؤ ڪان، لک التيا اوهيڙا
پورت جئن پلٽي پيا، جئن واڪا ڪري واءُ
پوربي ۽ پڇمي، ٿا ڪوهستاني ٻہ ڪُڏن
ڪي ايران ۽ توران جا، ڪنا خوب ڪڙن
جنهن تنهن وائي وات ۾، پيا دودو ڪن
الادين ٻہ آئيو، جتي آلا ڪاٺ ٻرن
ڪڪا، ڪارا، ڪابلي، انت نہ اُمرائن
نو لک ڏهہ چليون، اچي سنڌو ڪوري تن.

اڄ ٻہ ساڳيو ڏيک هو لڪين لڪنؤ ڪان لڙيا هئا. ساڳيا ايران ۽ توران جا ڪٽا ڪڙيا هئا. پوربي ۽ پڇمي امرائن جو ڪو انت نہ هو. ڪڪا، ڪارا ۽ ڪابلي، ڪڏندا آيا هئا ۽ نو لک ڏهہ چلين جهوڪ کي وڪوڙيو هو. اڄ الادين جي بدران ٺٽي جو نواب اعظم خان آيو هو، آلا ڪاٺ ٿي ٻريا ۽ دودي جي بدران "جنهن تنهن وائي وات ۾ پيا صوفي صوفي ڪن" خدا آباد مان ڪلهوڙي حاڪم جو ياءُ ۽ سنڌس سپهہ سالار مير شهداد خان ٽالپور ۽ سنڌين ۽ بروچن جو لشڪر وٺي آيا هئا. بلڙيءَ جا سيد ۽ پليجا ٻہ پنهنجا راڄ وٺي پڄي ويا هئا. جيستائين نگاهہ ٿي وئي رڳا فوجي سپاهين جا مٿا هئا. پر ماٺهن ۾ ڪو ڊپ ڊاءُ نہ هو. سندن منهن تي ساڳيو سُک سانت هو. ساڳيا جنڊ پيهڻ، چرخي ڪَتڻ، ڏڌ جي چاڏين جي ولوڙڻ جا آواز گيت ٻڌجي ٿي گونجيا. ڏنوٽن جي ڏون ڏون ۽ آڏاٽن جي نک

نڪ! صوفي سائينءَ جا ساڳيا درس. لفظ لفظ ڄڻ ڏيئو جنهن اونداهي اندر کي روشن ڪري ٿي ڇڏيو.

سارنگ ماڻهن ۾ ايڏي سڪ ۽ سانت کي ڏسي سوچيو تہ جيڪڏهين ماڻهوءَ جي آڏو ڪو اعليٰ مقصد آهي تہ پوءِ جيئڻ ڪيڏو با معنيٰ ۽ موت ڪيڏو نہ بي معنيٰ ٿيو وڃي. هن کي مخدوم بلاول ياد پيو جيڪو هن دردوندي ديس لاءِ گهاڻي ۾ پيڙجي ويو. گهاڻي ۾ پيڙجڻ جو ايذاءُ ان ماڻهوءَ کان سواءِ جيڪو ان ايذاءَ مان لنگهي ٿو، ٻيو ڪوبہ محسوس ڪري نٿو سگهي. جيڪڏهين جيئڻ با معنيٰ هجي تہ پوءِ موت ۽ موت جو ايذاءُ بي معنيٰ ٿيو وڃي. هن تصور ۾ مخدوم بلاول جي منهن تي سُک ڀري سانت ڏٺي، اهڙي سانت هن هتي صوفي سائين ۽ جهوڪ جي هڪ هڪ ماڻهوءَ جي منهن تي ڏٺي. هن کي منصور ياد پيو جيڪو سوليءَ کي ڏسي ٿهڪ ڏيڻ لڳو هو جڏهين هن جا هٿ وڍيائون تہ پنهنجي رت سان پنهنجي منهن تي مَلڻ لڳو. ماڻهن پڇيس تہ ائين ڇو ٿو ڪرين. چيائين تہ رت وهڻ سان منهنجو منهن هيڊو ٿي ويو هوندو ۽ ماڻهو سمجهندا تہ شايد موت جي ڊپ کان مان هيڊو ٿي ويو آهيان.

مون کي قتل ڪيو تہ جيئن اوهان کي انعام ۽ مونکي سڪون ملي اوهين خدا جي راهہ ۾ مجاهد هوندؤ ۽ مان شهيد هوندس.

موت ڇا آهي. موت جو ايذاءُ ڇا آهي. ڇا ماڻهو موت ۽ موت جي ايذاءَ کان بہ مٿاهون ٿي ٿو وڃي. هن کي سيدزادي صوفيءَ جو بيت ياد پيو جيڪو هڪ رات ماڻڪ هن کي ٻڌايو هو:

اجان تو منجهانءِ، ڪک ڇني رت نڪري
منهن ۾ محبوبن جا، ڪنئين جهليندين گهاءَ

سو تون ڪچاڙياءِ، سِڪڻ جون سڌون ڪرين.

صوفي سائينءَ پهرين تہ انساني رت وهائڻ کان جهليو پر پوءِ جڏهين مغلن فصلن کي باهيون ڏنيون ۽ بي هٿيار هارين نارين، ڪمن ڪاسبن ۽ فقيرن درويشن جو قتلام ڪيو تڏهين صوفي سائينءَ بچاءَ جي جنگ وڙهڻ جي موڪل ڏني. ظلم برداشت ڪرڻ ۽ ظلم جو مقابلو نہ ڪرڻ بہ تہ ظلم آهي. هاڻي فقيرن ۽ درويشن رات جو ڪوٽ مان نڪري، اسم اعظم جا نعرا هڻي، مغلن تي راتاها هڻڻ شروع ڪيا.

هڪ رات سارنگ ۽ ماڻڪ درويشن جي جٿي سان راتاهو هنيون. هنن ڪي سنڌين جي فوج تي راتاهو هڻڻو هو جو پنهنجا پنهنجن کي مارڻ آيا هئا. درويش دشمن جا ڪنڌ لٽيندا، ڪلهوڙي ۽ سندس سالار مير شهداد جي خيمن تائين پهتا. ڪلهوڙو زخمي ٿيو ۽ مير شهداد بچي ويو. ان حملي سان مغل فوج ۾ هراس پئجي ويو.

سارنگ ۽ ماڻڪ جڏهين درويشن سان واپس وريا ۽ سارنگ ڏيئي جي وٿِ مٿي ڪئي تہ ڏٺائين تہ ماڻڪ جا ڪپرا رت ۾ ڳاڙها هئا. هن کي پاسي ۾ تراڙ جو گهاءُ لڳو هو. سارنگ ڊوڙ پائي حڪيم ۽ جراح وٺي آيو. جراح ڦٽ کي ٽاڪا هنيا ۽ ملم پٽي ڪئي. پر ماڻڪ کي اوچتو بخار ٿي پيو. سارو بت تنور وانگر ٻرڻ لڳو. اوچتو هن کي ڪنگهہ ٿي ۽ سندس ڦٽ جا ٽاڪا ٽٽي پيا، رت نيڪريون ڪري وهڻ لڳو وري جراح آيو، ملم پٽي ڪيائين پر ماڻڪ جي حالت خراب ٿيندي وئي. هوڏانهن سارنگ جي زال کي عورتن اچي سنڀاليو ۽ هو ماڻڪ سان وينو رهيو. ماڻڪ تي رکي رکي غشي ٿي طاري ٿي. غشيءَ ۾ ماڻڪ ڏٺو تہ مساڻن ۾ ڪالي ديوي ناچ ٿي ڪري. هو تمام ننڍڙو ٿي ويو آهي. هو ماءُ جي هنج ۾ آهي ۽ چنڊ کي ڏسي ڄڻڪي ٿو..... هو وديالي ۾ آهي. وديالي جي پراڻي عمارت، گيانن ۽ آچارين جا سانتيڪا چهرا. ڪتابن جا ڍير. اوچتو ڪتابن

مان انهن جا مصنف نڪتا ۽ پنهنجي انا جي مينار تي ويهي ٺهڪ ڏيڻ لڳا.

اسان پنهنجي عقل ۽ علم جي زور تي پاڻ کي ڀڳوان ڪري مڃرايو. ڀڳوان جا اوتار، رشي ۽ نمائندا ٿي ماڻهن کي پنهنجي پوڄا لاءِ مجبور ڪيو.

اسان جا اکر جيتوڻيڪ پنهنجي معنيٰ وڃائي وينا آهن تہ بہ وقت تي محيط آهن. ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن ۾ جڪڙيل آهن.

اسان جا مندر قائم ٿيا، مورتيون نهيون ۽ اسانجي پوڄا ڪئي وئي.

اسان عقل ۽ علم جي زور تي هن سرشتيءَ مان ڀڳوان جي وجود کي خارج ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ڀڳوان ٿي ويناسين. اسان لاءِ گهِنڊ پيا وڄن ۽ ڀڄن پيا ڳائجن.

اها ذهني ۽ روحاني پرمار آهي..... هن دانهن ڪئي. هن جي دانهن ٻڌي هو سڀ کلڻ لڳا.

هرڪو پرمار ٿو ڪري. جنهن وٽ طاقت آهي اهو طاقت سان، جنهن وٽ سونهن آهي اهو سونهن سان، جنهن وٽ عقل ۽ علم آهي اهو عقل ۽ علم سان پرمار ٿو ڪري. هرڪو پاڻ پوڄائي ٿو. پوڄائي نٿو سگهي تہ پوڄي ٿو..... هو سڀ پنهنجي پنهنجي هٽ ۽ وڏائيءَ جي منارن تي بيهي ٺهڪ ڏيڻ لڳا. اوچتو سنک وڳا. چيڙن ۽ يڪ تارن جا آواز آيا. الک نرنجن..... الو ميان..... درويشن جا ٽولا، ويدانتن جا سنک. تون ئي تون....اننگ رنگ ساگر..... تت سوم اي.... (تون هو آهين).... اهم برهم اسي (مان برهم آهيان).... سڀ نچندا، آهستہ آهستہ خرام رقص ڪندا ٿي آيا. هاري ناري، ڪمي ڪاسبي، ڪولهي، ڀيل ۽ باليشاهي، تون ئي تون..... هم اوست سنکن، جهاجهن، چيڙن، يڪتارن ۽ درويشن جي نعرن جي صدائن سان ساري ڪائنات مليااميت ٿي وئي. ان الحق.... سبحاني، ما اعظم شاني.... وجود ۾ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪونهي.

گوپي هن جي هنج ۾ هئي. سندس سَنڌ سَنڌ تي سُڏڪيو.....
چوڏاري رابيل جا اڇا اڇا گل ڪڙيل هئا جن تي رنگ برنگي پوپٽ تي
اُڏاٽا. ماٺڪ ۾ گوپي پوپٽن جي پنيان تي ڊوڙيا. اوچتو گوپي پوپٽ بڻجي
اڏامي وئي. گوپي.... گوپي.... گوپي!

هن جي اک کلي وئي. هن جو سارو بت ڦٽ وانگر تي ڏکيو.
نڙيءَ ۾ اُڄ جا ڪندا. چپ سڪل. وات سڪل. هن پاڻي گهريو پر اکر
سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا. سارنگ هن جي چپن جي چرڻ مان سمجهي
ويو تہ هو پاڻي ٿو گهري. هن کيس پاڻي پياريو.

”هاڻي ڪيئن آهين؟“

”نيڪ آهيان.“ هن هٿ وڌائي سارنگ جي هٿ کي جهليو.
”سارنگ هاڻي خبر پئي اتم تہ پڳوان ڇا آهي. مُڪتي ڇا آهي، شانتي ۽
نرواڻ ڇا آهي. گوتم جي آتما کي بہ شايد مرڻ مهل اهري شانتي نہ ملي
هوندي جيڪا مون کي ملي آهي. مان ناستڪ هيس ۽ مون ماڻهن جي
ڏکن ۾ ماڻهن جي موهہ ۾ پڳوان کي سڃاتو. صوفي سائين شهيدٿيندو.
سائينءَ کانپوءِ سائينءَ جي نالي تي درگاهون ٺهنديون، مجاور ويهندا،
اوڳاڙيون ٿينديون، سائينءَ جي نالي تي روحاني پرمار ٿيندي ۽ ماڻهو
سائينءَ جي پيغام کي وساري ويهندا. هڪڙو تارو اپريو هو. هاڻي اهو بہ
ٽٽڻ وارو آهي. هاڻي تہ صدين تائين اونداهي آهي.“

اوچتو پر واري ڪمري مان تازي ڄاول ٻار جي اوئان اوئان جو
آواز آيو. ماٺڪ جي چپن تي مُرڪ تري آئي. هن سارنگ جي هٿ کي
زور ڏنو، ڪجھ چوڻ لاءِ چپ چوريائين ۽ سندس ڪنڌ هڪ پاسي لڙي
ويو.

درويشن اسم اعظم جا نعرا هڻي مغل فوج جا ڳپل لاهي ڇڏيا.
مغل فوج ۾ هراس پکڙجي ويو. هر رات هنن لاءِ موت جو پيغام هئي.
درويش تعداد ۾ ٿورا هئا پر سندن جذبي آڏو جبل بہ بيهي نٿي سگهيا ۽

سمنڊ وانگر چوليون هڻندڙ فوج جهوڪ جو ڪوٽ فتح ڪري نہ سگهي. آخر اعظم خان شاهہ عنايت ڏانهن قرآن موڪليو. ڪيس قرآن جو واسطو ڏيئي پاڻ وٽ سڏايائين..... اسان وٽ اچو، اسان جو فيصلو هاڻي قرآن ڪندو. قرآن تہ ڪڏهين جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. جيڪو غلط هو تنهن کي غلط ۽ جيڪو صحيح هو تنهن کي صحيح قرار ڏيئي چڪو هو. وڏيڪ قرآن تي ڪهڙو فيصلو ٿيڻو هو. پر شاهہ عنايت اعظم خان وٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو. درويشن دانهون ڪيون: ”سائين اهو دوکو آهي، دولاب آهي. اعظم خان ان بهاني اوهان کي پاڻ وٽ سڏائي شهيد ڪرائڻ ٿو گهري.“ درويشن جي ڳالهہ ٻڌي سائينءَ مُرڪي ڏنو.

”اوهين سمجهو ٿا تہ جيڪو اوهان سمجهيو آهي سو مان نٿو سمجهان. مان سڀ سمجهان ٿو. اسان کي اعظم خان نہ سڏايو آهي، اسان کي پنهنجي پرينءَ سڏايو آهي ۽ اسان جي ڪيڏي نہ عزت افزائي ڪئي آهي جو اسان کي سڏائڻ لاءِ پرينءَ پنهنجو ڪلام موڪليو آهي. اوهان جي مرضي آهي تہ اسان پرينءَ جي سڏ تي نہ وڃون. مون جيڪا دونهين دکائي آهي تنهن کي وسائڻ نہ ڏيجو. منهنجي پيش پوڻ کان اڳ ڪجهہ درويش هتان هليا وڃن، ڪي اولهہ، ڪي اوڀر، ڪي اتر، ڪي ڏکڻ. چئني ڪُنڊن تي دونهيون دکايو. ڪڏهين تہ اهي دونهيون مچي مچ ٿينديون.“

سارنگ بہ انهن درويشن مان هو جن کي شاهہ عنايت جي پيش پوڻ کان اڳ جهوڪ مان نڪري وڃڻو هو. هن شاهہ عنايت کان پيرين پئي موڪلايو. زال کان موڪلايائين. پنهنجي ننڍڙي کي هنج ۾ کنيائين. ننڍڙي ڪر موڙيا ۽ ننڍڙيون اکيون کولي پيءُ کي ڏسڻ لڳو. سارنگ کي سنڌو ۽ سندس ٻار ياد پيو. هن ٻارڙي کي پيار ڪري ٻار موٽائي زال کي ڏنو. ٻار ونڻ مهل زالهنس جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

سچ ٻڌتر ۾ هو جو جلاد جي تراڙ وچ وانگر وراڪو ڏنو ۽ شاهہ عنايت جي سِسي ڌڙ کان ڌار ٿي. سارنگ جي زال دانهن ڪري

پنهنجي ٻارڙي کي سيني سان لاتو. پٽ تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ چرڪ پري مراقبي مان منهن مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهاريو. درويش دنبوري تي ضرب هنئين ۽ دانهن ڪئي.

ملڪ مڙيوئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا.

سارنگ جي سيني مان سور جي سٽ نڪتي. هن رين مان هٿ ڪڍي دل تي هٿ رکيو. گهوڙي چرڪ پري هٽڪار ڪئي ۽ نرا ڪنيان. سارنگ ڪرندي ڪرندي بچيو. هن آسمان ڏانهن نهاريو. آسمان ۾ شفق جا رت جهڙا ڳاڙها رنگ ڪڙيل هئا ڄڻ آسمان مان جيئرو جاڳندو رت ٽمي ٽميو ۽ ساري ڪائنات رت جي رنگ ۾ رنگجي وئي هئي.

آهستي آهستي شفق جي ڳاڙهاڻ ختم ٿيندي وئي ۽ ڪائنات ۾ ڪاري ڪاري رات لٿي. سارنگ گهوڙي تي لانگ ورائي. هن کي پره جو سفر ڪرڻو هو صدين تائين راوڻ رات پکڙيل هئي.

6- آڪٽوبر 1984

سڪردو

ٻارنهن وڳا رات.